# هارپ جي لُغت

ليکڪ

**سيد صالح محمد شاھ**



سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد

# هارپ جي لُغت

ليکڪ

**سيد صالح محمد شاهه**

نظرثاني

**تاج جويو**

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

حيدرآباد، سنڌ.

2010ع

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر (147)
حق ۽ واسطا محفوظ

# هارپ جي لغت

ليکڪ: سيد صالح محمد شاهه
نظرثاني: تاج جويو
ڇاپو پهريون: 2010ع
تعداد: 1000
قيمت: -/80 روپيا
پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

**Catalogue Reference**
Syed Saleh Muhammad Shah
Dictionary of Terms Related to Farming
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN 978-969-9098-26-0

**HARAP JI LUGHAT**

| | |
|---|---|
| By: | Syed Saleh Muhammad Shah |
| Revision: | Taj Joyo |
| First Edition: | 2010 |
| Published by: | Taj Joyo, Secretary<br>Sindhi Language Authority,<br>National Highway, Hyderabad<br>71000, Sindh, Pakistan |
| Tel: | 022-9240050-53 |
| Fax: | 022-9240051 |
| Printed by: | Pakeeza Printers, Hyderabad |
| E-mail: | sindhila@yahoo.com |
| Website: | www.sindhila.org |
| Price: | Rs. 80/= |

هيءُ لُغت ، تاج جويي، سيڪريٽري سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، ميسرس پاڪيزه پرنٽرس حيدرآباد مان ڇپرائي، اداري جي آفيس، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ مان پڌري ڪئي.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

## ناشر پاران

سنڌي ٻولي اثارٽيءَ پاران هڪ- ٻوليائي ۽ ٻه- ٻوليائي عمومي لغتن ڇپائڻ کان علاوه مختلف موضوعن سان لاڳاپيل لفظن ۽ اصطلاحن جي لغتن ڇپرائڻ جو سلسلو هلندڙ آهي ته جيئن سنڌي زندگيءَ جي مختلف شعبن، ڌنڌن، پيشن ۽ مجموعي ثقافت سان تعلق رکندڙ لفظن ۽ اصطلاحن کي نه صرف محفوظ ڪري سگهجي، بلڪ انهن جي اصلوڪي استعمال ۽ معنيٰ کي گم ٿيڻ کان اڳ ۾ رڪارڊ ڪري ونجي. سماج ۾ ايندڙ تڪڙين تبديلين، سائنسي ايجادن ۽ شهري زندگيءَ جي رهائش جي طور طريقن (Urbanisation) هڪ طرف ته سنڌ ۾ ترقيءَ جا نوان نوان رخ متعارف ڪرايا آهن، پر ٻئي طرف نئين ٻوليءَ کي به وجود ۾ آندو آهي؛ جنهن جي نتيجي ۾ قديم ڳوٺاڻي طرزِزندگيءَ ۽ زرعي سماج سان لاڳاپيل ٻوليءَ کي ترڪ ڪري نون لفظن ۽ اصطلاحن کي پنهنجو ڪرڻ جو عمل ٿيو آهي. اسان کي اهڙي عمل کان خائف ٿيڻ جي ضرورت ڪانهي، ڇاڪاڻ جو وقت گذرڻ سان ۽ سماجي حالتون تبديل ٿيڻ سان جتي قومن جي ثقافت ۾ تبديلي ايندي آهي، اتي ٻولين ۾ اهڙي تبديلي اچڻ به سياويڪ آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته انهيءَ تبديليءَ ذريعي متروڪ ٿيندڙ لفظن کي آئيندي جي نسلن لاءِ محفوظ ڪري ڇڏجي، ڇاڪاڻ ته ٻوليءَ جي هرهڪ لفظ جي پٺيان قوم جي نفسياتي ۽ ثقافتي تاريخ جو وڏو ۽ وسيع پس منظر هوندو آهي. سنڌ هڪ زرعي سماج وارو علائقو آهي، جيتوڻيڪ

جديد مشيني طريقن موجب ڪيترين جاين تي ٽيوب ويل، ٽريڪٽر، ٿريشر ۽ ٻيون مشينون استعمال ٿي رهيون آهن، پر اڃا تائين به ڪيترائي علائقا اهڙا آهن، جتي اصلوڪا طريقا رائج آهن، جهڙوڪ: نار ڪاهڻ، هر ڪاهڻ، ڳاهه ڳاهڻ ۽ ٽيانگ ۽ گاگڙيءَ سان اَن وائرڻ وغيره ۽ جڏهن هر هنڌ، هرجاءِ تي مشنيون ڪتب اچڻ لڳنديون ته اهي اصلوڪا لفظ به آهستي آهستي گم ٿيندا ويندا.

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان ان ڏس ۾ **"هارپ جي لغت"** شايع ڪري رهيا آهيون ته جيئن نه صرف انهيءَ ڪِرت سان لاڳاپيل لفظن ۽ اصطلاحن کي سمجهي سگهجي، پر انهن کي هميشه لاءِ محفوظ به ڪري سگهجي. اسان کي اميد آهي ته پڙهندڙن کي هيءَ ڪاوش پسند ايندي.

27 مئي 2010ع
حيدرآباد، سنڌ

**ڊاڪٽر فهميده حسين**
چيئرپرسن
سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

## منهنجا ٻہ لفظ

سيد صالح محمد شاهہ، مشهور تعليمدان ٿي گذريو آهي. سندس خاندان جا اڪثر فرد، خاص ڪري پاڻر وڏا ذهين، عالم ۽ تعليمدان رهيا آهن. سيد وڏل شاهہ مشهور ڪيميادان/ سائنسدان هو، جنهن جون خدمتون، سنڌ ۽ سنڌ يونيورسٽي ڪڏهن بہ وساري نہ ٿي سگهي. سندس غيرطبعي موت واقع نہ ٿئي ها تہ سنڌ جو هيءُ اعليٰ فرزند سائنسي ميدان ۾ وڏو نالو ڪڍي ها. سيد قادربخش شاهہ جون بہ هڪ تعليمي ماهر طور خدمتون وساري نہ ٿيون سگهجن. سندس ”مادري ٻوليءَ جي تعليم“، بي.ايڊ، ايم.ايڊ ۽ ٻين ڪورسن لاءِ تيار ڪيل ڪتاب، سنڌ جي تعليمي درسگاهن ۾ اڄ بہ ساڳي اهميت رکن ٿا. سيد صالح محمد شاهہ بہ ساڳيءَ صف جو تعليمدان ۽ عالم هو، ٻنهي پاڻرن جون هڪ ئي ميدان ۾ خدمتون وسارڻ جوڳيون نہ آهن. سيد صالح محمد شاهہ ’سنڌ جي راندين‘ تي هڪ تاريخي مضمون لکيو هو، ۽ هيءَ ’هارپ جي لغت‘ بہ سندس اهم ڪارنامن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب، جڏهن سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو چيئرمئن هو ۽ آءُ سيڪريٽري، اُن وقت سيد صالح محمد شاهہ جي سؤٽ، ناميارا تعليمدان ۽ ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد جي ٽڌهوڪي پرنسپال، سيد شير شاهہ، هيءَ لغت اداري کي ڇپائڻ لاءِ ڏني هئي؛ پر اسان ٻنهي جي وڃڻ کان پوءِ اُنهيءَ لغت جو اصل مسودو هيٺ مٿي ٿي ويو. البت خوش قسمتيءَ سان ان جي هڪ فوٽوڪاپي منهنجي ذاتي

رڪارڊ ۾ موجود هئي، جنهن کي موجوده چيئرپرسن ڊاڪٽر فهميده حسين نہ رڳو پسند ڪيو، پر ڇپائڻ جو فيصلو بہ ڪيو، ۽ اهڙي منظوري بورڊ آف گورنرس کان بہ ورتي وئي. ڪمپوزنگ بعد ڪنهن ڪارڪن جي غلطيءَ سبب مواد وري هيٺ مٿي ٿي ويو ۽ وري بيهر ڪمپوز ڪرايو ويو. هڪ نظر مواد تي سيد شيرشاهہ کان بہ وجهرائي وئي.

جيئن تہ آءٌ بنيادي طرح هاريءَ جو پُٽ آهيان، ۽ هارپي جي اصطلاحن ۽ ٻوليءَ کان بنيادي طرح واقف آهيان، اُن ڪري هن لغت جي نہ رڳو مون بہ نظرثاني ڪئي آهي، پر ص، ض، ط، ظ، ع ۽ ي اکرن جا رهيل لفظ ۽ اصطلاح بہ مختلف لغتن مان هٿ ڪري ۽ ذاتي ڄاڻ هيٺ اُن ۾ وڌايا اٿم.

اميد تہ هيءَ 'هارپ جي لغت' نہ رڳو اسان جي آبادگار طبقي ۾ پسند پوندي، پر سنڌي ٻوليءَ جي لغتي ذخيري ۾ بہ اُن سان واڌارو ٿيندو.

**تاج جويو**

# انتساب

هارين جي بي لوث اگهاڻ

**ڪامريڊ**

**حيدربخش جتوئيءَ**

جي نالي

# الف

| | |
|---|---|
| آبُ | پاڻي، مان، عزت |
| آبَتِ | ونگار، هڪٻئي سان مفت همراهي (سنڌ ۾ رواج آهي تہ ڪنهن کي کو تڪڙو ڪم ڪرڻو هوندو آهي يا گهڻو ڪم هوندو آهي تہ هو پنهنجي دوستن کي همراهيءَ لاءِ چوندو آهي پوءِ هو گڏجي هٿ هٿ ڪري ڪم پوروڪري ڏيندا اٿس) ڇيڙ |
| آباد | وسيل، پوک ڪيل، پوکيل (ضد: غيرآباد) |
| آبادڪار | ٻاهران اچي آباد ٿيل |
| آبادگار | پوک ڪندڙ، ڪاشتڪار |
| آبادي | پوک، فصل، وسُنءَ، وسين |
| آبِي | پاڻيءَ واري پوک |
| آبِيانُو | پاڻيءَ بدلي حڪومت کي ڏيڻ لاءِ معاوضو/محصول |
| آيامَ | پيٽ ۾ واءَ جو ڀرجڻ |
| آيارَڻ | ڦُنڊائڻ |
| آيُون | ڪچو اَنُ، سائو اَنُ (پوک جي نسرڻ بعد سنگ ٻوري جهليندا آهن ان بعد ڪچا ڪير جهڙا داڻا پيدا ٿيندا آهن، جنهن حالت کي 'ڪيرو' چئبو آهي جڏهن داڻا ان حالت کان |

بدلجي ڪجهہ پڪا ٿيندا آهن، تڏهن انهن کي ”آيون“ چئبو آهي آيون ٿانڊن تي سيڪي، يا رڌي کائبا آهن تہ ڏاڍا سوادي ۽ قوت بخش ٿيندا آهن آيون، ڪڻڪ ۽ جُوئر جا ٿيندا آهن)

آڏاڳو اهو رسو، جيڪو نار ۾ وهندڙ ڏڳن جي پاڇاريءَ ۾ ٻڌي مُهريءَ سان ٻڌبو آهي

آڏائُون اهو فصل، جيڪو خريف ۽ ربيع جي وچ تي ٿئي، هن ۾ گدرا، ڄانهيون، مڪائي، مڱ، توريءَ ۽ جوئر جي پوک ڪبي آهي

آڏِيارو اڏ ڀائيوار، ڪُونجڙيو، جنهن هاريءَ وٽ ڏڳا نہ هوندا آهن ۽ اهو ٻئي هاريءَ جي ڏڳن تي ڪاهيندو آهي، پيدائش مان اڌ سندس ۽ اڌ ڏڳن واري جو ٿيندو آهي ان حالت ۾ ڏڳن واري کي ’مُجيري‘ ۽ هاريءَ کي ’آڏيارو‘ چئبو آهي

آڏ اها ڪاٺي يا داسو، جيڪو پيهي اڏڻ وقت هڪ ٻيلنگهہ کان ٻئي ٻيلنگهہ تائين وجي، هن جي مٿان ڏڪ سٽبا آهن

آڏورو آهرو، جنهن ۾ مال کي گاهہ ڏبو آهي

آڊاسَڻُ مانڊاڻ منڊڻ هيءُ لفظ خاص ڪري مينهَن جي وقت ڪم آڻبو آهي جڏهن آسمان ۾ ڪڪر ۽ ڪڪريون ٿينديون آهن ۽ گُهٽ ٿيندي آهي، تڏهن هاري چوندا آهن تہ ”اڄ مڙيئي پيو آڊاسڻ ڪري“

| | |
|---|---|
| آرهاڙي | زمين تي ڪري پيل (پُوئن مان) ٻج مان چاول سلا |
| آرهاڙي مَنر | سخت جان، ننر هڪ سال زمين ۾ ڪريل ٻج جمي ڦُر ڪندو آهي، اهو ڪيتري به رڌڻ سان نه ڳرندو آهي، ان ڪري ننر انسان کي 'آرهاڙي منر' سان تشبيهه ڏني وئي آهي |
| آڙو | وڏو ٻارو |
| آڙهاڻ | ٻنين مان اونهاري ۾، خاص ڪري ڪانڊيرن ۽ ٻئي جهنگ کي وڍي ڇڏڻ اهڙو جهنگ اڪثر ڪري وري نه ڦٽندو آهي |
| آڪارو | اَڪ جي ڇڙين مان نڪرندڙ تندون يا سڻيءَ جهڙا تاندورا آڪاري مان خاص ڪري ڪانياٽيون ۽ رسا ناهيا ويندا آهن، جيڪي مضبوط ٿيندا آهن |
| آڪاڙُ | سنڌي/ هندن جي سال جو چوٿون مهينو |
| آڳاٽو | مند جي شروعات ۾ پوکيل فصل (ضد: پاڇاٽو) |
| آڳاٽو ٿيڻ | مند جي شروعات ۾ پوکي ڪرڻ |
| آڳاٽو اک پٽڻ | سويل ٿي ڪم جي شروعات لاءِ تياري ڪرڻ |
| آڳُومَت | صفائي، جهنگ جهير وڍڻ، ٻنيءَ کي صاف ڪرڻ (هاري ٻنيءَ مان جهنگ وڍي گند ڪچرو ساڙي صفائي ڪرڻ کي 'آڳومت' چون) |
| آڳومت ڪرڻ | زمين کي آباد ڪرڻ لاءِ جهنگ جهير وڍي ساڙي صاف ڪرڻ اصطلاحي معنيٰ ۾ خدمت ڪرڻ، خدمت چاڪري ڪرڻ |

| | |
|---|---|
| ٱگھلڻ | زور سان وڏڻ، پل ڪرڻ |
| آلي آوانڊي | ٻوڪ کي جلد جلد پاڻي ڏيڻ کي ”آلي آوانڊي پاڻي ڏيڻ“ چئبو آهي |
| آگَر/ اَگَر | هٽ جي آگر، ماپ جو ايڪو |
| آمُنهنُ ٻڌڻ | کھاڙي، ڪوڏر ۽ ٻين اهڙن گسي ويل اوزارن کي نوان مُنهن ٻَڌڻ هيءُ ڪم لوهار ڪندو آهي |
| آندُرو | هرن، نار يا گاڏيءَ ۾ وهندڙ ڍڳن جي جوڙيءَ مان ڪابي پاسي وارو ڏاند |
| آوانڊو | اَڏ ۾ پاڻيءَ جي آڏو ڏنل ڳنڊيو |
| آوانڊو ڀَڃَڻُ | اڏ ۾ پاڻيءَ جي آڏو ڏنل ڳنڊي جو ٽُٽڻ |
| آوانڊولُڙهڻُ | اڏ ۾ پاڻيءَ کي ڏنل ڳنڊي جي لڙهي پوڻ بعد پاڻيءَ جو وهڻ |
| آوانڊو ڀَڃَڻُ | اڏ ۾ ڏنل ڳنڊي کي نقصان ڪارڻ لوڙهي ڇڏڻ، اجازت ڏيڻ |
| آوانڊو وَرائِڻُ | پاڻي ورائڻ لاءِ اڏ کي ڳنڊيو ڏيئي، پاڻيءَ کي ضرورت واري جاءِ ڏانهن موڪلڻ |
| آوَتِ | ان جي وائرڻ وقت صاف اَن ۽ تُهن جي وچ ۾ اَنَ ۽ تُهن گاڏئون ڪنڌيءَ ٻچي جي پروارو حصو |
| آهِٽُ يا اَهِٽُ | ڪاسبين يعني لوهار، ڪنيار، واڍي، موچي، حجم وغيره کي ڏنل ساليانو جنس جي صورت ۾ معاوضو هارين ڪاسبين جي وچ ۾ ڪم ۽ معاوضي جو معاهدو |

| | |
|---|---|
| آهِتَ ٻَڌَڻ | ڪاسبين ۽ ڪڙمين جو پورهئي ۽ اُجوري لاءِ زباني معاهدو ڪرڻ |
| آهتي هُجڻ | ڪاسبين جو ڪڙمين سان معاهدي ۾ ٻَڌل هجڻ |
| آهَٽ | ڪنهن ماڻهوءَ يا جانور جي اچڻ جو نہ محسوس ٿيڻ، جهڙوڪ: آواز يا سُر |
| آهُرو | آڏورو، جنهن ۾ وهٽن کي کُتر يا گاهہ ڏبو آهي |
| آءُ پير ورِي! | ڍڳن کي گهلڻي هَر ڏيڻ لاءِ وراٽيءَ وقت ٻولائڻ |
| آءُ وري! | هارين جو ٻول، جيڪو ڍڳن کي هرن ۾ ورائڻ وقت چئبو آهي |
| آءُ وري، وجنئي دشمن مري! | هاريءَ جي دُعا، جيڪا وراٽيءَ وقت ڏاندن کي ڏيندو آهي |
| آئي ٿي سائي | جهڙو تهڙو ڪم ڪرڻ وقت اهي لفظ ڪم آڻبا آهن |
| آئي ٿي سائي، ڪر ڪلمي جي وائي | دعائيہ لفظ: جڏهن ٻني ڪاهي پوري ڪبي آهي، تڏهن ڍڳن کي اُهي لفظ چئبا آهن |
| آئي ٿانئي لاءِ ٿي ويٺي بورچياڻي | مهمان ٿي اچڻ کان پوءِ مالڪ ٿي ويهڻ |
| اَبرُ | ڪڪر بادل |
| اِبرَ | سُئي |
| اَبُو بَهَر | بنا ڪنهن سبب جي ڪنهن ننڍي ڪم يا ڳالهہ کي وڏو ۽ ڏکيو سمجهي ڳڻتيءَ ۾ پوڻ |

اَبُهو- اَبُوهو	برڪت نڪتل اجائي نموني ڪپايل (هاري ماڻهو فصل کي ذرو ذرو ڪري ڪونہ ڪٽن چي: اها پئدائش ابهي/ ابوهي ٿي ويندي هو جڏهن بہ پيدا ٿيل اَن يا ٻيءَ جنس کي هٿ لائيندا آهن، تڏهن بسم الله چئي، پوءِ ڪٽيندا آهن ان طرح برڪت ٿئي ٿي)

اُپُ	آسمان، آڪاس

اَياڳُ	بدبختي، شوم بختي، نياڳائي

اَپَرو	ڏٻرو، هيڻو، ٿڪل، جڏو، ڪمزور، ٻڇ پيل

اُپو	سِڌو، ڪڙو

اُتَرُ	طرف، سودي ۾ مٿان ونڻ، سوايو

اُتَلَ	پاڻيءَ جو گهٽو ٿي ٻنن تان اُٿلڻ، وراٽي (درياهہ جي اُٿل/ ٻوڏ)

اُتِلاڻِ	ڳيُ نہ جهليندڙ جانور

اُتلاڙِي	پوڪ ورائي ڪاهڻ

اَتَهُہ	نوڙيءَ کي ڏنل ڳنڍ، نوڙيءَ يا ٻنڌڻ جو اهو ٽڪرو، جيڪو پٽيءَ يا ڇپر کي ناهڻ وقت لڙهين کي پاڻ ۾ ملائي مضبوط ڪرڻ لاءِ ٻڌبو آهي

اَتهہ سَنهہ ڪرڻ	ڳنڍ ٽوپو ڪرڻ

اٽڪل سٽڪل ڪرڻ	جهڙو تهڙو ڪم ڪرڻ

اُتيلو	تمام گهڻو، برڪت پيل، وسي پيل

اَناسُ	اڌ جريب، چار ايڪڙ زمين جو ٽڪرو

| | |
|---|---|
| اُڄَ | پوک کي پاڻيءَ جي گهرج، سوکهڙو، تَئِي |
| اَڇڙو | جوئر جو هڪ قسم، جنهن جو اَنُ نهايت سفيد ٿيندو آهي ۽ تمام ٿورن ڏينهن ۾ پچندو آهي |
| اُڇلَ | ٿيڻ ڪوڙ هٽڻ، مال کي بنا ڪُتر ڪرڻ جي گاهه ڏيڻ |
| اَڏُڪُرُ | وندڻ جو انون حصو |
| اَڏُ | پاڻي وهائڻ ۽ بنيءَ ۾ پهچائڻ لاءِ ناهيل نالي يا ڪَسي |
| اُڏوهي | سفيد جيت، جيڪو ڪاٺيءَ کي ڪائي مٽي ڪري چڏيندو آهي، هي ڪِيل يا ڪيڙ جهڙو ٿيندو آهي. چيٽن کي بہ هيٺان اُڏوهي لڳندي آهي ۽ تتر مزي سان ڪائيندا آهن. |
| اَڏي | زمين ۾ اُپي يا پاسيري ڪوڙيل ڪاٺي، جنهن تي ڪُتر هٽبي آهي هاري ماٺهو ڪبڙ يا آسري لئي يا ڪنديءَ جي ڪاٺي پسند ڪندا آهن، چو تہ ان تي ڌڪ هٽڻ سان ڪُتر جي ڪهاڙي پڇندي نہ آهي |
| اَرو | نار جي چڪر جو ارو- اَرا ٻن قسمن جا ٿيندا آهن: هڪ کي ’لنڊو ارو‘ چئبو آهي ۽ ٻيو آهي ’ڪُبو ارو‘. لنڊا ارا، ننڍيءَ چڪر ۾ هوندا آهن ۽ وڏا ارا وڏيءَ چڪر ۾ هوندا آهن |
| اَرو | مينهن نہ وسڻ جي حالت |

| | |
|---|---|
| اَسُو | سنڌي/ هندن جي سال جو ستون مهينو |
| اَڙُ | آڏ، رنڊڪ، روڪ |
| اَکِ | ڪانيءَ يا تيليءَ جي هر هڪ گُريءَ وٽ هڪ چُگهه هوندو آهي، جتان انگور نڪرندو آهي اهڙي قسم جي چگهه کي 'اک' چئبو آهي اهي اکيون خاص طور ڪمند جي گُرين، پنائن ۽ ڪن وڻن ۾ هونديون آهن، جيڪي زمين ۾ لڳائڻ سان ڦُٽي پونديون آهن |
| اَکِ ٽُرجڻ | ڏِگن يا اُٽ کي نار ۾ وهڻ وقت چاڙهيل ڪوپن جي اک ۾ لڳڻ سبب اک جو ڏکجي پوڻ |
| اَکِياڙِي | نار ۾ وهندڙ ڏِگي يا اُٺ جون اکيون ٻڌبيون آهن پهريائين اکين تي ڪوپا ڏبا آهن، ان بعد ڪُپي جي ٽڪر سان ڪوپن جي مٿان پٽي ٻڌبي آهي، جنهن کي 'اَکياڙي' چئبو آهي |
| اَڳِئين هَرُ وَهَڻُ | سڀ کان گهڻو يا اهم ۽ سڀاڻ جوڳو ڪم ڪرڻ |
| اَڳِياڙي | شروعات، منڍ، صبح جو وقت (ضد: پوياڙي) |
| اَڳَارو | ڏينهن جو نالو |
| اَڳَارِي | بيماريءَ جو قسم، جنهن ۾ هانوَ يا معدي ۾ ساڙو ٿيندو آهي. هِڪ ٻي بہ بيماري ان نالي سان ٿيندي آهي. جڏهن پير ۾ ڪو ڦٽ يا ڪَٽ هجي ۽ ماٺهو وهڻن جي چيٽي ۾ پيرين اگهاڙو هلندو آهي تہ اهو ڦٽ واڳٽائي/ڪارو ٿي ويندو آهي، ان کي بہ 'اگاري' چئبو آهي. |
| اِلسِي | تيلي ٻج |

| | |
|---|---|
| اُمَڙُ - اُومَڙُ | باهه جو وڏو شعلو، وڏي ڪاوڙ |
| اُنيو | اَنگهو، انگُهه |
| اَنيو لَڳَڻُ | انگهو لڳڻ، زخمي ٿي پوڻ، ڪُت لڳڻ |
| اَنگور | ٻج ڦٽڻ وقت ٻج مان تازو ڦٽل سلو |
| انگورجڻ | ٻج جو ڦٽڻ |
| انگور ڦٽجڻ | تازي نڪتل سلن جو پڪين يا ننڍن جيتن هٿان ڦٽجڻ |
| اَنگهه | ڪانيءَ جي ڪُتِ |
| اَنگُهو | ڪانيءَ جي ڪُت يا انيو |
| اُوبَرِ | ڪائي ٻچايل |
| اوپارُو | وهڪري جي اُبتڙ |
| اوپارو يا اوپارا | اهي گهڙيل ڪانيون، جيڪي نار جي لٺ ۾ لڳائي، انهن ۾ ڦرهيون ۽ ونگون هٽي پاندو يا ڍينڍيو (ڍينگو) ٺاهبو آهي، وهڪري جي اُبتڙ |
| اوپر | بيهارڻ، اُپرندو |
| اوپَڙُ | زمين ۾ ڦٽندڙ شيون، ڦوٽهڙو |
| اوتڻ | ٺائِڻ |
| اوتِجي وڃڻ | يڪدم ختم ٿي وڃڻ، پاڻيءَ جو هڪدم ٻنا ڏئي لهي وڃڻ |
| اَوَتَڙِ | بيماري/ خراب تڙ (درياهه يا واهه جو) |
| اورَ | لُبي ويل پوک جي پاڙن يا ڪُتين مان ٻيهر ڦٽل پوٽا |
| اوڙِ | هرن ڪاهڻ مهل ڏنل هر جي چونيءَ سان هڪ گهرو ليڪو |

| | |
|---|---|
| اوڙُو | هاريءَ جي جهار يا جهنگلي جانورن کي ڊيڄارڻ لاءِ لڳايل اچي ڪپڙي جي جهنڊي اهڙي قسم جون جهنڊيون پري کان بيٺل ماڻهوءَ جو ڏيکاءُ ڏينديون آهن |
| اَوَسَ | جنهن مان منهن نہ پوي، لازمي، بنا شڪ جي |
| اوسَرِ | ترقي، واڌارو |
| اوسو | ٿاءَ جي بيماري، بخار جو قسم، جنهن ۾ هر هر ڪپڙو پُسائي، جسم تي رکبو آهي |
| اوڪارجڻ | مينهن وسي وڃڻ بعد جُهڙ جو ڪڇي وڃڻ |
| اوڪَتِ | ٻاجهري يا جوئر جي لاباري ختم ٿيڻ وقت سنگن لڻڻ وارين زالن کي پورهيي کان وڌيڪ ڏنل سنگ |
| اوڪت اُڳاڙڻ | لاهيارين جو لاباري لاهڻ بعد پورهئي جي جنس خاطر وڌيڪ سنگ وٺڻ |
| اوڳَ | اها چپر، جيڪا ڪڪري هر ڪي ڳسي ڪرڻ لاءِ هَرِهَ جي مٿان هٽبي آهي |
| اوڳَ اچڻ | خيال اچڻ، ڌيان ڇڪجڻ |
| اوڳَ هٽڻ | هر کي ڳسي ڪرڻ لاءِ هَرِهَ جي مٿان چپر هٽڻ، تجويز ڪرڻ |
| اوڳَر/ اوڳارڻ | چوپاين جو کاڌل گاهہ کي هضم ڪرڻ لاءِ اوجهريءَ مان وات ۾ آڻي ٻيهر چٻاڙڻ جو عمل |
| اوهَرَ | ليٽ، بار ڪٽڻ، هڪ پاسي سامان جو هيٺ ٿي پوڻ |

| | |
|---|---|
| اوهِيَرَ | انهيءَ مهل |
| اوهيرو | برسات جو جُوهو/ چُوهو |
| اَهَ | تورڙو ذرو |
| ايرڙو | ڪانيءَ جو ڪليءَ وانگر گهڙيل هڪ فوٽ ماپ وارو تڪر، جيڪو نار جي مالهه ۾ ٻَڌي ٻڌڻ لاءِ وجهبو آهي |
| ايرِڙِي | اها ڪاني، جيڪا مالهه جي ٻنهي تندن کي ملائي، مالهه ۾ ٻن ٻن ايرڙين کي گهر چئبو آهي ۽ ان گهر تي ڪنگر يا ڪنگريون ٻڌبيون آهن |
| ايريو يا ايرو | هاريءَ طرفان ٻنيءَ جي بدران زميندار کي ڏنل رقم |
| ايڪڙ | زمين جي ماپ جو ايڪو، جيڪو ٻن جريبن يعني 44000 هر چورس فوٽن جي برابر هجي، |
| ايڪڙ خرار | تمام گهڻو اَنُ ٿيڻ |

## ب

| | |
|---|---|
| باجُ | محصول، ڍل |
| باجدارُ | ڍل/ محصول اوڳاڙيندڙ |
| باجَر ساجَر | دڙڪودهمان، هڪل هوڙ |
| بادَل | ڪڪرُ |
| باغ | گلن ۽ ميويدار وڻن جو چمن، گلستان |
| باغائي | باغ پوکيندڙ يا سنڀاليندڙ، آرائين، مالهي |
| باغباني | باغ سنڀالڻ يا پوکڻ جو هنر |
| باراني | اها پوک، جيڪا بارش جي پاڻيءَ ذريعي ڪجي، بندن جي پوک |
| باردانو | ڳوٺيون، پوريون، برڪيون |
| بارگير | بار ڍوئيندڙ وَهِٽُ |
| بارش | برسات، مينهن |
| باقلا | مٽر جون ڦريون، رانهان، چونرا |
| باقري | ميوو رکندڙ، ياچين وارو ('باڪري' به لکبو آهي) |
| باڳُ | مصري يا آمريڪي ووڻٽن جو هڪ قسم |
| بانٺ | ووڻٽن وغيره جون سنهيون ڪاٺيون |
| بانٺِي | ووڻٽ جي سڪل ڪاٺي، ووٺاٺي |
| بانداهو | ننڍو بَند، بنو |
| بانسُ | وڻ جو هڪ قسم |

| | |
|---|---|
| بانڪ | بيل گاڏيءَ جي نانني جي مٿئين حصي ۾ لڳل ڪاٺي |
| باھُڙِجڻ | ٿاٻڙجڻ، ٿڏو اچڻ |
| باھڻ | ھڪ قسم جو وڻ |
| ٻَٽَئِي/ ٻٽائي | پئدائش جو ورھاڱو، ھاري ۽ زميندار جي وچ ۾ پيدائش جي ورڇ |
| ٻٽئي ڪرڻ | ورھائڻ، پتيون ڪرڻ |
| ٻَٽُ | ڪاھيل ٻنيءَ جي وچ ۾ دڙ يا ٿلھو ٻنو |
| ٻُٽي | قبر |
| بحر | سمنڊ، گھڻو پاڻي |
| ٻَڄُ | سوٽتو، لٺ، ڏنڊو |
| ٻُڄُ | نئڙا وار، ڪٽڪ يا جوئر جا سُئيءَ جھڙا تندا |
| ٻُڄرِ | وارن وارو |
| ٻَڄرِ | تماڪ جي پوک جو ٻيو تُور |
| ٻجري | تماڪ جو ٻيجو / ڪڪريءَ کي به 'ٻجري' چئبو آھي. |
| ٻچت | پيداوار مان ڪمايل منافعو/ فائدو |
| ٻَچَ | ڏاڪر، وڙھڻ لاءِ آماده ڪرڻ، ڪُتن جي ٻَچ |
| ٻَدَ | پرونڻي، نئڙي ھڙ، ڳنڍ |
| ٻَدُ | ٿاريءَ يا ڪاني مان نڪرندڙ ڳوشي جي شروعاتي منزل جو نشان |
| ٻڊو | سنڌي/ ھندن جي سال جو ڇھون مھينو |

| | |
|---|---|
| بَـرُ | پوٺو، سُڪي زمين، ويرانو |
| برسات | مينهن |
| برباد | ناس، چٽ |
| برڪت | هِڪُ (ڳٽپ مهل هاري 'هڪ' بدران 'برڪت' چوندا آهن) |
| بَصرِي | بصر جو پيجو |
| | هڪ قسم جو گاهه، جيڪو ڪٽڪ ۾ ٿيندو آهي |
| بَغَلُ | ڪڇ، پاسو، ڪنارو |
| بَقَرُ/ بڪر | ميوا، ڀاڄيون |
| بک ۾ بصر بہ پلو | بک جي حالت ۾ سادو ڪاڌو بہ پلو آهي، نہ هئڻ کان جهڙو تهڙو بہ بهتر آهي. |
| بَگُ | سلن کي هڪ قسم جي بيماريءَ جو لڳڻ، جنهن ۾ پن اَڇا ٿيو وڃن |
| بَگو | اڇو، سفيد رنگ |
| بُگو | بنا محنت ۽ ڌيان جي پوک ڪرڻ |
| بُگو هڻڻ | بي ڌيانيءَ سان ڪم ڪرڻ، اُبتو سُبتو سلو پوکڻ |
| بگهڙ | ڪاٺيءَ مان خاص نموني جو ناهيل ٽڪرو، جيڪو ڇيريل ڪاٺ کي مضبوط ڪري |
| بلي بلي ٿيڻ | نهايت خوش ٿيڻ، وڻڻ جهڙو ٿيڻ (اصطلاح) |
| بَندُ | وڏو ٻنو، باراني پوک |
| بَندُ | ڪانن جو گڏو |

| | |
|---|---|
| بَندَرَ | وڏو آهرو |
| بُندُ | ڳرو ٿلهو ڪاٺ |
| بُندِي | هلڪي ٿلهيرڙي ڪاٺي |
| بُودِ ۾ اچڻ | پاڻ سنڀالڻ، سُرت ۾ اچڻ |
| بوڙيندو | هڪ قسم جو مٽيءَ مان ٺاهيل گول واڄو/ سنڌ جو قديم ترين ساز |
| بوسِي | اها پوک، جيڪا سيلاب يا مينهن تي ڪجي، پوءِ ان کي پاڻي نہ ڏجي |
| بوڪِڙو | هڪ قسم جو مرض، جيڪو سلي کي لڳندو آهي ۽ اُن ۾ پن سڪي ويندا آهن |
| بوڪڙو | ٻُڪيو |
| بوندُ | مينهن جون سنهڙيون ڦڙيون |
| بوندا۔ | سنهڙي بُوندَ |
| بُوندارِ | سنهڙا انگور، سلن جو شروعاتي ڦٽڻ |
| بُوندَڻُ | ٽيڙڻ پکيڙڻ |
| بُوهاڙُ | زور سان سلن جو نڪرڻ، سلن جو نهايت ڀلو ٿي نڪرڻ |
| بُهہ | ڪڻڪ جو ڳاهيل بوسو |
| بَها | برڪت، قيمت، ملهہ |
| بها مان ڪيڻ | قيمت ڪرڻ، ملهہ ڪرڻ، چُڪائڻ |
| بُهاندُ | ڳاهيل ڪڻڪ، جنهن ۾ اَنُ ۽ بُهُ گڏ هوندو آهي |
| بُهاندِ مان ڪيڻ | ڪڻڪ کي پهريون دفعو واڻري ڳانبولي بنائڻ |
| بَهڪائڻ | برغلائڻ، اُڪسائڻ، ڀڙڪائڻ |

| | |
|---|---|
| بئراج | بند، درن واري موري (جهڙوڪ: سکر بئراج، ڪوٽڙي بئراج) |
| بي برڪتو ڪرڻ | اُبتا هٿ هڻڻ، رک پڄڻ |
| بيٺل تار ڪان وهندڙ پير ڀوڙي چڱي | گهٽي جي آسري ڪان ٿورو ملڻ بهتر آهي |
| بي پاڙي | سونهري رنگ جي وِل، جيڪا بنا پاڙن جي وڻن ۽ ٻوٽن تي چڙهي ويندي آهي، جنهن کي هنديء ۾ 'امر بيل' چئبو آهي |
| بيگرِ | چيڙ، بنا معاوضي پورهيو، آبت |
| بيلاڪُ (بِلاڪُ) | زمين جا چار اناس يعني (16) ايڪڙ. |

# ٻ

| | |
|---|---|
| ٻابل جي گهر ٻارهن، مَنهنجو ٻنجهرُ ٿي نہ ٻُري | ٻئي لاءِ احساس نہ ٿيڻ، وات جي ٻوڙ ٻلاءَ کي گيهہ جي کهڙي ضرورت |
| ٻاٻيهو | ڳاڙهو ڳيرو (هي اڪثر ٿر ۾ ٿيندو آهي) "تہ مر لڳي لوهہ، ٿر ٻاٻيهو ٿي مران" (شاهہ) |
| ٻاتاڙو | اداس، سڪايل |
| ٻاٽؤن | ٿابا، ڌڪا، سِڪڻ/ ٻاٽون ڪاٽڻ اصطلاح آهي |
| ٻاٽَ | گهگهہ اوندهہ |
| ٻاٽي | ٻہ يا ٽي |
| ٻاٽِي | وونئڻن جون مڪڙيون (ڳُل ٻاٽي) |
| ٻاٽيڦَرُ، ٻاٽييَڙُ | پکيءَ جو قسم (تتر جهڙو پکي، جنهن جو گوشت سوادي ٿيندو آهي) |
| ٻاجَهہ | ڪرم، رحم |
| ٻاجهارو | رحم ڪندڙ |
| ٻاجهري | اَنَ جو قسم، جيڪو خريف جي فصل ۾ پوکبو آهي. |
| ٻاجهي | رحم ڏيل |
| ٻاچڪو/ٻاچڪو | ڪتل جو باردانو، ننڍڙي ٻوري |

| | |
|---|---|
| ٻاڇو | آڱوٺي ۽ ڏسڻي (آڱر) جي پڪيڙ جيتري ماپ |
| ٻاڏَ | تُڪ يا تخمينو، بيٺل فصل جي پيدائش جو اندازو لڳائڻ، تَڪَ ڪرڻ |
| ٻاڏارو | اَنُ تڪيندڙ،اَنَ جو اندازو لڳائيندڙ، ٻيڙين جو ٻَڌندڙ |
| ٻارِ | پَٽَ جو صاف ٽيل ٽڪر، جتي سنگ يا ڪٽڪ جي وَلِ رکبي آهي |
| ٻارَڻُ، ٻارِڻ | دنگو فساد ڪرڻ |
| ٻارَڻُ | باهه ٻارڻ لاءِ ڪک ڪانيون، ڪوئلا وغيره |
| ٻارو | زمين جو ننڍو ٽڪر، جيڪو پاسن کان ٻنا ڏيئي پاڻيءَ جي سهوليت لاءِ ٺاهبو آهي |
| ٻارهوئي | هميشه ، دائمي (ٻارنهن ئي مهينا) |
| ٻارِي | ٻاري کان ننڍي نهيل زمين جي چئن ٻندن اندر بند ٽڪري |
| ٻاڙو | بي سوادو، ٻنا لوڻ، ڦِڪو |
| ٻاڙودو، ڍءُ لڳڻ | تمام گهٽي شيءِ هٿ اچڻ، ٿوري جو گهٽو اُجورو ملڻ |
| ٻاڙودو ڍءُ | تمام وڏو فائدو، وڏو ڍءُ |
| ٻاڦي | اهو وڏو ٻند، جنهن جي مٿان اڏ ڪڍبي آهي، وڏي ٻند جي مٿان ٺاهيل اَڏ |
| ٻاڪارَڻُ | دانهون ڪرڻ، سڏ ڪرڻ |
| ٻاڪرُ ڪُتو | مار ڪٽ ڪرڻ |
| ٻاڳُهولوٽو | وڏو ڪنگر، جنهن ۾ چئن سيرن کان وڏيڪ پاڻي پوي |

| | |
|---|---|
| بالَنپُ | اڌو گابرو ڍڳُ، بک جهل جيترو ڪاڌل ڪاڌو |
| بالُو | آگُوٺي ۽ اشهد آگُر جي ڪولڻ سان ٺهيل گرانٺ، ٻاچو |
| بالوپولو | سادو سودو |
| بانڊو | ٻنوڙو، جيڪو اڏ ۾ ڏبو آهي. آوانڊي جي آڏو بند |
| بانڊُو ٻرائِڻُ | وڄائي ڇڏڻ، ڇيهہ ڪري ڇڏڻ، سنو ڪم ڪرڻ |
| بانڊُو ٻُرائڻ | تڪليف ڏيڻ، وڄائي ڇڏڻ |
| بانڊُو ٻَرڻ | تڪليف ڏيڻ، وڄائي ڇڏڻ |
| باڻُ | وَجهہ، تيرُ |
| باهِرُو | ڏاندن جي جوڙي ۾ جوٽيل ساڄي هٿ وارو ڍڳو |
| باهُو | نار جي پڙ ٻڌڻ لاءِ کوهاڏي مٿان رکيل ٺلهيون ڪامون، جن تي پرانيون رکي ڏُک سٽي پڙ ٺاهبو آهي. |
| باهوءَ جي ٺُوٽِي | ٺلهي ٻچانگي ٺوٽي، جيڪا باهُن کي جهلڻ لاءِ کوهاڏي ۾ کوڙبي آهي. |
| بائِرُ | گاهہ جو قسم |
| بائِڙُ | نار جو پاندبو يا ڍينڍو (نار جي لٺ ۾ اوپارا کوڙي، انهن ۾ ونگون ۽ ڦرهيون هٽي گول چڪر ٺاهبو آهي). |
| بائِڙُ | نارجي پاندي ۾ چئن قسمن جو ڪاٺ ڪم ايندو آهي، هڪڙي آهي لٺ، ٻيا اوپارا، ٽيون آهن ڦرهيون، ۽ چوٿيون آهن ونگون |

| | |
|---|---|
| ٻائڙُ اکڙي پوڻ | نار جو پاندو کلي پوڻ، چکناچورٿي وڃڻ |
| ٻائڙ اکلَ | ڏاهه ٻوهه، ٻج ڏاهه |
| ٻائڙَ ٻُوڙ وهڻ | نار جي کوهاڏي ۾ ايترو پاڻي گڏ ٿيڻ، جو لٺ جي ڏُنب سان اچي لڳي. انهيءَ حالت ۾ جيڪو نار وهي، انهيءَ کي "ٻائڙ ٻوڙ وهڻ" چئبو آهي. |
| ٻائڙُ جهجهو هئڻ | قداور هجڻ، گهڻي هڏ ڪاٺ وارو هجڻ |
| ٻائڙ گهڙڻ | وادي کي آڻي ٻائڙ گهڙائڻ يا تيار ڪرائڻ |
| ٻائڙ وڍڻ | جهنگ مان وڃي اوپارا، پنيون ۽ ونگون وڍي اچڻ |
| ٻَبُرُ | وڻ، هن کي سنڌ جو شيشم به چئبو آهي. - ماڻهوءَ جو نالو/ ذات جو نالو |
| ٻُٽُ | ٿُٻُ، ننڍڙو ٻوڙو (اڌ سڪل) |
| ٻہ ٿُرِي | جهنگ جي اها جاءِ، جتي ٻہ جهنگ اچي گڏجن |
| ٻِٽَ | ڇوهو، تڪڙو هلڻ |
| ٻُٽ | ٻُوسٽ، گُهٽَ |
| ٻَٽالو | ٻٽاٽو |
| ٻُٽي | ٻُسي |
| ٻَٽُ/ ٻنر | سُوئر جو ٻچو/ ڦر |
| ٻِٽَ | واءَ جو صفا بند ٿي وڃڻ |
| ٻڄُ گڏڻ | ٻنيءَ کي ٻج ڏيئي پورو ڪرڻ |

| | |
|---|---|
| ٻجَ ناڙي | ناڙيءَ جو اهو طريقو، جنهن ۾ زمين کي هر نہ ڏبا آهن، پر رڳو ناڙيءَ سان ٻج ڳڏبو آهي |
| ٻجَ ناڙي ڪرڻ | هرن ڪان سواءِ ناڙي ڪرڻ |
| ٻُجو | نار جي چڪرين کي لٺ يا مهري ۾ قابو ڪرڻ لاءِ هنيل وڏي چپر |
| ٻجوڳو | نار لاءِ رات ڏينهن وهڻ جي حالت ۾ چار جوڙا ڪپن، پر جي رڳو ڏينهن وهڻ لاءِ ٻہ جوڙا رکجن تہ اهڙي نار کي 'ٻجوڳو' چئبو آهي. (جنهن جون ٻہ جوڳون ٿين) |
| ٻُجهي | سمجهي |
| ٻَجهي | ڦاسي |
| ٻُچڙاندڙُ | گاهہ جون يا پوک جون پچڙيون پتي يا ڪائي چڏڻ |
| ٻُچڪر | وهٽ کي بيهارڻ لاءِ ڪڍيل آواز |
| ٻُچڪرَ ڏيڻ | هن کي 'ٻچڪارڻ' بہ چئبو آهي، يعني ڪنهن وهٽ کي بيهارڻ يا ريجهائڻ جو آواز ڪرڻ |
| ٻَچو | وڏي ڪائيءَ جي پرسان ڦُٽل گوشو |
| ٻَڏڻ | ٻلي ٽيل جوئر يا ٻاجهريءَ کي پاڻي ڏيڻ وقت مڙهيون ٻڏڻ |
| ٻڌي | ايڪو، ٻہ ٻہ، اتحاد |
| ٻَرُ | آڌار، سهارو، ڏڍُ |
| ٻِرُ | سوراخ، ٽُنگ، ڳڙک، جمع: ٻِرڙَ، ٻرگهل، وڏو سوراخ |

| | |
|---|---|
| ٻرانگھه | نهايت وڏي وک، جيڪا ٻنهي ٽنگن کي وڌ ۾ وڌ ڪشادي ڪرڻ سان پرجي |
| ٻرُڻِ لَڳَڻُ | جهوري لڳڻ |
| ٻہ روٽِي | ٻہ دفعا ڪيل ربيع بعد ڪاهيل ٻني |
| ٻَرَهَلَ | بيماري، تليءَ جي بيماري |
| ٻِسَٽُ | آر پار |
| ٻہ سَرِي | ٻٽي |
| ٻُڪُ | ٻہ هٿ ڳنڍيل |
| ٻہ ڪَچِي | اڳي پوءِ ڇاول سلا، جيڪي نسرندا ٻہ اڳي پوءِ آهن، ان پوک کي 'ٻہ ڪچي پوک' چئبو آهي |
| ٻہ ڪچي ٽيڻ | بعضي پوک هڪ سري نہ ٿيندي آهي، يعني ساڳئي ٻاري ۾ ڪجهہ سنگ اڳي ۽ ڪجهہ سنگ پوءِ نڪرڻ |
| ٻُڪِنُ | اُٺن جي چرڻ جو گاهہ (ٻُڪن ڪلر ۾ ڪوسي ڪري پيرجي موچ لاءِ ٻہ ٻَڌندا آهن) |
| ٻُڪِي | سادي ٿيل پوک کي ڏنل ڀاڻ، زمين جو ڪلر يا ڪيميائي ڀاڻ، جيڪو سلن جي مٿان ڇَٽبو آهي. |
| ٻُڪِي ڏيڻ | ڀاڻ يا پنجهو يا ڪلر جي ٻيٺل فصل ۾ ڇَٽَ |
| ٻَڪُ | وَجُهہ، ڀاڪُر |
| ٻِڪرِ | گاهہ ٻعد ٻچيل اهڙا ڪڏا يا سنگن جا ٽوٽا، جن ۾ داڻا هجن. |

| | |
|---|---|
| ٻہ ڪُرو | هاريءَ جو اهو حصو، جيڪو ڪيس ننڍي وهيءَ سبب يا ڪمزور هئڻ سبب سڄي ونڊيءَ جي چوٿين حصي جيترو ڏجي. 'سڄي ونڊيءَ' جو مطلب آهي اَٺ ڪرن يا ٻن ڏڳن جوحصو. هن کي "ڪچي ونڊي' بہ چئبو آهي. |
| ٻِلو ٻِلو | ڇَتونءَ کي ٻنيءَ مان هڪلڻ لاءِ ڏنل آواز |
| "ٻِليءَ ڪاڏا ٻہ ڏُڪا<br>ڇِپُل ڪيس ڇهہ ڏُڪا" | ڪسر کان گهٽو ونڻ |
| ٻِہ نارو | هڪ ئي ٻنيءَ تي چاڙهيل ٻہ نار |
| ٻِہ نارو چڙهڻ | ڏُءُ لڳي وڃڻ، وارا نيارا ٿيڻ، بخت ورڻ، ٻہ نار چڙهڻ. اڳئين زماني ۾ پوک نارن تي ٿيندي هئي ۽ آبادي ڪرڻ ڏاڍو مشڪل ڪم هوندو هو، پر پيداوار سٺي ۽ گهڻي اهو ماڻهو ڪڻندو هو، جنهن جا ٻہ نار هوندا هئا ۽ ان وقت زميندار بہ هاريءَ کان تقاوي ڪٽي ان تي گذر ڪندا هئا. |
| ٻُنجو اُڇڻُ | بند ٿيڻ |
| ٻُنڊِي | اها ٽوٽي، جيڪا نار جي ٽڏي يا ڪوهاڏي ۾ نَهَوَر رکڻ لاءِ ڪوڙجي. |
| ٻَنڌِ | وڏو بند |
| ٻنڌڻُ | ڪِپُ، سَرن يا ڍين مان وٽيل رسو، جيڪو ڪانن يا ڪانين جي ڳڏي يا پري ٻڌڻ لاءِ ڪم اچي. |

| | |
|---|---|
| ٻَنگارُ | ڏِگهو ڏنڊو |
| ٻَنُو | ٻاري کي ڏنل ننڍڙو بند |
| ٻَنو جهلڻ | پوک ڪاهي پوري ڪرڻ. اصطلاحًا ڪنهن ڪان هميشه لاءِ ڇوندا آهن "بس ڪرڻ". |
| ٻَنو ڪرڻ | ٻنيءَ ۾ ٻج وجهي هر ڪاهي پورو ڪرڻ |
| ٻَني | زمين جو نمبر، هرن ڪاهڻ وقت اوڙين جي وچ ۾ رهيل زمين جو ننڍڙو ٽڪر |
| ٻني جهلڻ | زميندار سان ڳالهائي ٻني وٺڻ |
| ٻني رهڻ | هرن ڪاهيندي وچ ۾ جيڪوزمين جو پاڳو ڪاهڻ کان رهجي وڃي، تنهن کي چئجي. هن کي "پاڙو رهڻ" به چئبو آهي. |
| ٻني سنڀالڻ | هرن ڪاهيندي جيڪا زمين وچ ۾ رهجي وڃي، اها وري ڪاهجي. ان کي "ٻني سنڀالڻ" چئبو آهي . ٻنيءَ جي رکيا ڪرڻ |
| ٻَوانجِهڙو | وِتورڪو، ٿورو پري، وِتيرڪو |
| ٻُورانِي | مِنائيءَ جو قسم (ٻَنِ يا ٻَلِ جي ٻُوريءَ مان ٺهيل منائي) |
| ٻُوتُ | مُنهن |
| ٻُوٿاڙو | ڏِٻَن يا اُٺَن جي وات تي چاڙهيل جاريءَ جو ڇِڪو. ڳچيءَ ۽ مُنهن ۾ گَڏي وڌل رَسو |
| ٻُوٿو | سَلو |
| ٻُوڄُ | ڍَڪُ |
| ٻوڙِ | اُٿل، آيل سيلاب، ڏڪار ۽ نفرت جو آواز |

| | |
|---|---|
| ٻُور | ڪنهن ٻـ ٻوٽي، وڻ جي مکڙين يا گلن جهلڻ کان اڳ واري ڦلار، ٻونگر مور |
| ٻُورَڻُ يا ٻُرِڪَڻُ | ڪنهن ڦَٽَ کي ٻُورو ڏيڻ،ڪجيءَ کي ٻُور ڏيڻ |
| ٻُورو | ٻُهـ يا سنگن توڙي پاڻ لاءِ ڳوٺين مان ڏاهيل رَڇ يا تاڻُ |
| ٻُوري | ٻوڪ جي نسرڻ بعد سنگن تي آيل ٻورو |
| ٻورِي | ڳوڻ، ڳوٿري |
| ٻُوڙو | هڪ سلي مان ڦٽل ڪانن جو مجموعو |
| ٻوڙِي | هڪ قسم جي جهرڪي. هيءَ جهار هارين کي ڏاڍو تنگ ڪندي آهي. دوڙ جي جهرڪي. |
| ٻُوسَٽَ | گُهٽ |
| ٻُوڪُ | اَنبن جو گُلارڻ |
| ٻوڪَٽُ | وڏي رڙ |
| ٻُوڪَٽُ | وڏو فساد |
| ٻوڪڙ | وڏو آواز، وات ڦاڙي ڪڍيل آواز |
| ٻوڪو | چمڙي يا رٻڙ جو ڪوهـ مان پاڻي ڪڍڻ جو تاڻُ. سادو ماٺهو |
| ٻولاهو | اهو وهٽ، جنهن کي مُنهن ۾ اَڇو ٻانو/ ٽڪو هجي |
| ٻولائڻ | آگاهـ ڪرڻ، خبردار ڪرڻ |
| ٻولَ ڪرڻ | انجام ڪرڻ، ٻول جو واپار ڪرڻ |
| ٻُوھُ | ٻوٽي جو قسم |

| | |
|---|---|
| ٻُوها | ٿُهَہ - ڇلڪا |
| ٻُوهو | ظلم، اَنَ جو ٻوهو |
| ٻُوهي ۾ ڏيڻ | مصيبت ۾ ڦاسائڻ (اصطلاح) |
| ٻِيانُو | ڊنگهرَ ڪٽڻ لاءِ ٻِسانگي ڪاٺي |
| ٻِيانِي | ننڍين انگهن واري ڪاٺي، جيڪا سنهن ڊنگهرن ڪٽڻ لاءِ ڪم ايندي آهي |
| ٻيپاهو | ڄاهو |
| ٻيٽ | وچ پاڻيءَ ۾ زمين جو ٽڪرو |
| ٻيجارُو/ ٻيجو | روٽبي وارن فصلن لاءِ اڳ ۾ پوکيل ساوا سلا، جيڪي پوءِ ڇڏا ڪري پوکبا آهن. |
| ٻيجارِي | ٻج مان ڇٽڻ وقت ڏنل خيرات |
| ٻيجو چُونڊڻ | هاري ماڻهو وڏا وڏا سنگ چونڊي ٻج لاءِ رکندا آهن، اُن کي "ٻيجو چونڊڻ" چئبو آهي. |
| ٻيڇي سَنگُ | جوئر يا ٻاجهريءَ جا اُهي سنگَ، جيڪي هر لحاظ کان موچارا هئڻ سبب هاري آئيندي جي ٻج لاءِ چونڊي رکندا آهن. |
| ٻيجي وَنگو | ٻج لاءِ وَل ۾ ڇڏيل ونگو، جيڪو اُتي ئي سُڪي وڃي. |
| ٻيرُ | ٻير جو ميوو |
| ٻيرِ | وڻ جو قسم |
| ٻِڪَ | ٻِڪي (تاس جو پتو) |
| ٻيڪَ | ٻڪريءَ جو آواز |
| ٻيڪَ | ٻانگَ، وڪڙ |

| | |
|---|---|
| ٻيگهي مَڇَڻُ | ڪنهن کي ويسلو ڏسي پنهنجي مرضيءَ موجب ڪم ڪرڻ |
| ٻيلائي | جهنگلي/ ٻيلي ۾ رهندڙ |
| ٻيلپُو | نوڪري، ٻانهپ، خدمت گذاري |
| ٻيلنگُهه | ٻن وڏين شاخن واري ٿوٽي، جنهن تي پيهو اڏبو آهي |
| ٻيلو | وڏو جهنگل، سرڪاري جهنگل |
| ٻيلهه | ٻه هر، جيڪي هڪ ٻئي جي مٿان زمين کي ڏبا آهن |
| ٻيلهه ڏِيَڻُ | ٻنيءَ کي ٻه هرڻ ڏيڻ، گهٽي ماني کائڻ، گهٽا موچڙا کائڻ |
| ٻيلِي | همراهه، ساٿي، نوڪر، پگهاردار |
| ٻِيٽا | ٻُهرا، ٻِٽا |
| ٻِيهَرَ | ٻئي ڀيري |

# ڀ

| | |
|---|---|
| ڀاڏ | وڏي ڪُڏ، ٻنهه ٽڪل ڊور (مينهن وغيره) ڀنؤڻُ |
| ڀارونيءَ جي ٽوڻي | ٻن ننڍين انگهن واري ڪاٺي، جنهن تي ڀارونيءَ جو منهن رکيو آهي ۽ ڀُڇڙي زمين ۾ ڪتل هوندي اٿس. |
| ڀاروڻي | نار جي چڪرين هيٺان ڏنگي ڪاٺي. هن ۾ ٽي سَل ٽيندا آهن، ٻه مٿان ۽ ٽيون پاسي ۾ ٽيندو آهي. هڪڙو سَلُ گول هوندو آهي. |
| ڀانڊو | ڊِينڊيو، گودام |
| ڀانڊو اُکِڙَڻُ | ڍهي پوڻ |
| ڀانڊو ٽنگجڻُ | ڀانڊي جو تيار ٿيڻ |
| ڀانڊو ٺوڪِجَڻُ | نار جو ڊِينڊيو تيار ٿي وڃڻ |
| ڀانڊو ڦاڙڻ | سڀ ڪجهه ڪولي پڌرو ڪرڻ |
| ڀاڻي | ڦٽين چونڊائي (هر عورت جيڪا ڦٽيون چونڊيندي آهي اهي توري اُن جي ويهين پتي اجرت طور ڏيڻ) ويهون حصو. |
| ڀاڻيءَ تور | ڪچي تور |
| ڀاڻُ | مال جا ڇيٽا، ڦولهڙيون ۽ ليڏوٽا وغيره |
| ڀاڻ | ڦيري، تمام گهٽي اون يا اوسيئڙو |

| | |
|---|---|
| پاڻ اچڻ | جانورن جو مري وڃڻ |
| پاٽياسِي | تمام گهٽي پاڻ واري ٻني |
| پِٽِ | ديوار |
| پَتَرَ | گاهه جو قسم |
| پِتَرَ | ڳڙا |
| پَٿون | وِڇون |
| پِٿُون | واريءَ جون ڍِبون، مٽيءَ جا دڙا |
| پَڌِرِ | تمام اُبرو، بنهه ٽڪل، صفا چٽ |
| پَڌِرِ ڏسجڻ | تمام اُبرو ٿيڻ |
| پَڌو | قتل واهه يا ڪَڙيو |
| پُڌو ڪيڻ | قتل واهه يا ڪڙيي کي پوکيءَ لاءِ تيار ڪرڻ |
| پَرائي | پيچ، زمين جو پاڻيءَ ۾ پرجڻ |
| پُرِٽُ | گاهه جو قسم |
| پُرِٽُ | گاهه جو قسم، جنهن جو ڦر ڪَنڊرِ ٿيندو آهي. هيءُ دوا طور بہ ڪم ايندو آهي ۽ خاص ڪري پيشاب ۾ ساڙي کان گهوٽي پيياربو آهي. ڏڪر وقت مارو ماڻهو هن کي سُڪائي، پيهي ماني پچائي کائيندا آهن. |
| پَرِبَ | ماپ يا تور |
| پَرِبَ ٿيڻ | ريج ٿيڻ |
| پَرتو | ڏاڍو ڍءُ |
| پَرتُو | زور سان پريل، ان ۾ پُرسنگ |
| پِرسان وَهَڻُ | گهاٽو هر ڏيڻ، ڳَلَ اوڙِ وَهَڻُ، لڳي وهڻ |

| | |
|---|---|
| ڀرڪَڻُ | وھٽن جو نارَ ۾ ڀوئٽي ھٽڻ |
| ڀَرڻُ | ٽُپائي ڇڏڻ، تار ڪرڻ |
| ڀُري وڃڻ | صفا ڳُھي وڃڻ، پائمال ٿي وڃڻ |
| ڀِڪَ | ڀَر يا ڀيڙ |
| ڀِڪَ ڪرڻ | ڀيڙ ڪرڻ |
| ڀُڪَ | مُنجھيل ڪَنگھہ |
| ڀَتَرُ | لاباري وقت ٻنيءَ مان ٻيٺل سنگ لٽي ڇڏڻ، پوءِ ڪانا ھري ھري لٽي مال کي چارڻ (ھيءُ خاص ڪري ٻاجھري ۽ جوئر جي فصلن جو ٿيندو آھي). |
| ڀُوپَرِ | ننڍڙا ڀتر، ڀور |
| ڀوڏُ | ڀوڙھي، ڪُراڙي، ٻنھہ چٽ |
| ڀوڏِر | پراڻي ڪاٺي، پراڻو ماڻھو يا مال، کھني ڪُٽي |
| ڀورِ | |
| ڀُورائجَڻُ | ڪَڪَھَڙجي وڃڻ، پچڻ يا تيار ٿيڻ کي ويجھو اچڻ |
| ڀُورِي | ميرانجھڙي، اڇي، ڪٽڪ رنگي |
| ڀُورِي | مينھن جو نالو، جيڪا ميرانجھڙي اڇي ھجي |
| ڀيڏِي ھٽڻ | ڪنسوتوري ڏيڻ، ٽڳي ڪرڻ |
| ڀيرو | دفعو، چوڏاري ڀڙڪي ڦري اچڻ، گھمرو، وارو |
| ڀيرو ڏٺي تہ ڀلي ٿئي | (ڀھاڪو) ھرن ڪاھڻ کان پوءِ ڀچاڙيءَ ۾ ھاري ڊِگن کي ڀيار مان ۽ پاٻوھہ سان اھو دعائيہ جملو چوندو آھي |

**ڀيرو نہ ڪر ميرو**: (ڀهاڪو) جڏهن هرن ڪاهيندي باقي هڪڙو گهمرو رهندو آهي، تڏهن هاري چوندا آهن تہ 'ڀيرو نہ ڪر ميرو'.

**ڀيڙَ**: سوڙهہ، دٻاءُ، چپيٽ

**ڀيڙَ ڏيڻ**: دٻاءُ ڪرڻ، دڙڪو ڏيڻ، تنگ ڪرڻ

**ڀيلَ**: مال جو ٻني کائڻ

**ڀيلاڙُ**: اهو ڍور (پاليل جانور) جو هميشہ ٻنين ۾ پوندڙ هجي

**ڀيلائڻ**: مال کان ڪارائي ڇڏڻ، ڀيدائش تان آسرو ڪٽڻ

**ڀيل جي منهن ۾ هجڻ**: اها ٻني جيڪا مال جي گس يا لنگهہ تي هجي

# ت

| | |
|---|---|
| تاتَ | سنڀال، رک |
| تاتِ تاري | هر وقت يادگيري هجڻ |
| تاتَڻُ | نڀائڻ، سنڀالڻ |
| ٿارو | آسماني نکٽ |
| ٿارُو | ترڻ ڄاڻندڙ |
| تازو | متارو، شاهوڪار، مالدار |
| تاڦو | نار جي چڪر جو وچ وارو ٿلهو ڪاٺ، جنهن تي چڪر جو دارومدار آهي |
| تانگهو | تراڪڙو، تاسرو، عُمق ۾ ننڍو |
| تاهوت | تڪڙ، بريز بريز |
| تاهوت ڪرڻ | سعيو ڪرڻ |
| تائي ڪٽڻُ | تپائي ڪٽڻ، بيزار ڪري ڇڏڻ، تُندي ٻڌي ٻيهڻ |
| تپائِڻُ | گرم ڪرڻ، بيزار ڪرڻ، جُٽ ڦٽِ ڪرڻ |
| تَڏُ | رنڊڪ، آڏ، ڏِڪَ، ضد |
| تِڏِ | جيت جو قسم |
| تَڏو | نار جوڪوهاڏو، ٿُڪَ (پيش مان ٺهيل وچاڻو) ماڻهوءَ جي مري وڃڻ ڪانپوءِ ٽي ڏينهن ويهڻ، پٿر ڪرڻ |

تَرَ — ڪاٺ ڪي ڪهاڙيءَ سان چلڻ

تَرُ — پوڪ جو گهاٽو هجڻ، سَنهو هَر

تِرُ اُڇلِ تہ پَٽِ نہ پوي — ماڻهن جي اهڙي ميڙ لاءِ چئبو آهي، جيڪي پاڻ ۾ تمام گتيل هجن.

تِرَ — تيلي ٻج جي پوڪ جو قسم

تَرائتي — گهاٽي پوڪ

تَرُ بَچڻ — زميندار جو اَن ٻهاري وجڻ ۽ هاريءَ کي پٽ وارو ٿورو اَنُ بچڻ

تَرُ نہ بَرُ — پوڪ گهاٽي هوندي تہ اوترو فائدو هوندو

تَرُ تَلهڙُ — ميڙڪٽ

تَرُ لهڻ — مَنجهُہ ڪيڻ

تَرو — هينيون حصو

تَروٽ — پاجاريءَ ۾ ڪمر آندل هينين ڪاني

تُرهو — ترڻ لاءِ ڪکن جي وڏي موڙهي، توڪل

تُري — منو ڪانو

تسري گهمائڻ / جهڙي ٿيڻ — پوڪ جو نسرڻ بعد هڪ ساريڪا سنگ جهلڻ

تَڙَ — هڪل هوڙ ڪرڻ

تَڙُ — پاڻي پيئڻ جو لانگهو، ٻيڙيءَ جي بيهڻ جي جاءِ

تَڙِ هٽي بيهڻ — پوڪ جو هڪ ساريڪو ٿيڻ

تسيو — چڙ، ڏور جو پاڻيءَ وارو هجڻ

تسيو اچڻ — چڙ لڳڻ

| | |
|---|---|
| تَسِيو اچڻ | پوک کي پاڻيءَ جي ضرورت ٿيڻ |
| تَڪُ | بنيءَ جو ڪجھ جيترو ٽڪرو، سپروائيزنگ |
| تُنبي ڇڏڻ | ماري ماري ڦٽائي ڇڏڻ |
| تندو | مالھہ جو نوڙ، سنگھر جو تندو |
| تندو ڪڍائڻ | مالھہ جو نوڙ وٽائڻ |
| تُندي ٻڌڻ | گھپي يا ڪلڪل ڪرڻ |
| تُوتَ | ننڍڙا سنگ، ميوي جو قسم |
| تُورو | ڇپر جي لاٿڻ ۾ لَڙھن يا وَرن ڪي جھلي بيھڻ وارو مُنو يا آڏ |
| تُوريو | ھڪڙي قسم جو تيلي ٻج |
| تُھُ | سنگ ۾ اَن تي چڙھيل ڪوپو، ٻُوھو |
| تَھُ | ليپو، آروڳو، ڍڪ، راڳو |
| تَھِر | نار جي لٺِ جي اڳين ڇورس ڇُوڙ، جيڪا ننڍي چڪرجي تاڪي ۾ پوندي آھي |
| تِيلو | ڪانو |
| تيليءَ مان ٽنب ٿيڻ | معمولي ماڻھوءَ جو خواھ مخواھ پاڻ کي وڏو ماڻھو سڏائڻ |

# ٿ

| | |
|---|---|
| ٿاڪُ | ماڳ، رهڻ جو هنڌ |
| ٿابُڙِجَڻُ | ٿابو کائڻ، باهڙجڻ، دوکو کائڻ، پل تي وجڻ |
| ٿاڏارڻ | ڇانٽي ڪرڻ، ڇڊو ڪرڻ، وائکو ڪرڻ |
| ٿانيڪو ڪرڻ | سمانو ڪرڻ، قابو ڪرڻ، هنڌائتو ڪرڻ، جاءِ تي پهچائڻ |
| ٿُبَ ٿُبَ ٿيڻ | پري پري پوک جا ٻوڙا ٿيڻ، مُڇڪا ٿيڻ |
| ٿُبُ | مُڇو، مُڇڪو، ننڍو ٻوڙو |
| ٿَڌِ | سيءُ، ٺار، پارو، ٺنڍ |
| ٿڌڪار | سنهو سيءُ، هلڪو سيءُ، وٺندڙ ٿڌ |
| ٿڌو | سست، ڍرو جانور، ڪم چور |
| ٿڌو ٺورو ڪرڻ | مفت ۾ احسان جتائڻ |
| ٿڌو هئڻ | سُست هئڻ، ڍروهئڻ، ٻت تي چڙ نہ هئڻ |
| ٿڏو | ٻج جي چُونگي |
| ٿَڏو هٽڻ | چونگي هٽڻ |
| ٿَڏوپَٽڻ | ختم ڪرڻ، پاڙان پٽڻ |
| ٿُڏو | نوڪر، لاهہ جو ٽڪرو، ننڍي ٽوٽي، ٽنبُ |
| ٿَرُ | وارياسو ميدان، سنڌ جي هڪ ضلعي جو نالو، سنڌ جو واريا سو خطو |

| | |
|---|---|
| تريشر | اَنَ ڳاهڻ جي مشين، داڻن کي تُهہ کان ڌار ڪرڻ جي مشين |
| ٿَلهو | اڳڻ، وڏي دڪي |
| ٿُلهو | متارو |
| ٿُلهو ڳالهاءِ | سچُ (جيڪو ماڻهو سچ ڳالهائيندو آهي تہ ان لاءِ چئبو آهي تہ "ٿلهو ڳالهائي ٿو") |
| ٿنيري | ڪرهي ۾ ٿَروٽَ ڪي جهليندڙ ڪاٺيون |
| ٿنيري ٻِڪرڻ | ٽيڪ نڪرڻ |
| ٿَنيريءَ جي نوڙي | ٻنهي ٿنيرين جي پرسان ٻڌل نوڙيون |
| ٿوٻِي | پٽر جي دانگي يا ٽئو |
| ٿوٿَرِ | هلڪي سوچ |
| ٿُونو | ٽڪر، اُڪل |
| ٿونو هٽڻ | ڪنهن جي جانچ ڪرڻ، ٽڪر هٽڻ، ڏِهَ هٽڻ |
| ٿوٽي | ٻسانگي ڪاٺي، جيڪا مَنَهن ۾ چپرن ڪي ڏبي آهي |
| ٿوهَرُ | هڪڙو جابلو ٻوٽو، ڪنڊن وارو هڪ ٻوٽو |
| ٿيڙُ ڏيڻ | شادو ڏيڻ، لنوائي وڃڻ |
| ٿيلَهڻ | ڌڪڻ، نفرت ڪرڻ، ريڙهڻ |

# ٺ

| | |
|---|---|
| لاٺارڻ، الي وجڻ، غشو هڻڻ | ٺارڻُ- ٺارِڻُ |
| دهمان، هاها پاڃا، ٺلهو دڙڪو، رعب تاب | ٺاڪَڙَ |
| يڪدم ڀڄي پوندڙ، ڀُرندڙ، ڪم جو سست | ٺاڪُڙَ |
| ڇدڙي پوڪ، ڇدڙو لوڙهو | ٺاڪِ ٺاڪِ |
| ڇِرڪ | ٺاهُ |
| اهو ڊور، جيڪو ڇِرڪ ڪائي وٺي ڀڄي | ٺاهَڙُ |
| ٺانو مان پاڻيءَ جي ڦڙن ڪرڻ جو پٽ تي آواز | ٺُپڪو |
| ٺڪر جو ننڍڙو لوٺو | ٺِپو |
| انب جو شاخ ڏيڻ، نينگ ٺپو | ٺَپڪو |
| ٻنيءَ جي گس تي ماڻهن جي لنگهڻ لاءِ ڪاٺ جي ڏاڪڻ | ٺَپڻِ |
| ٻُل ڏيڻ، اُڪري وڃڻ، ٻيءَ پر وڃڻ | ٺَپڻُ |
| ٺپ ڏيڻ، مال جو ڦرجڻ، مال جو لڳڻ | ٺپو، ٺِپو |
| ٺاهه ڪائڻ، ڊڄڻ، ڊڄي ڀڄڻ | ٺُنو |
| ڊگهن بدران زميني ڪم ڪار ۾ مددگار مشين، جيڪا هر ڪاهڻ، ڪيڻ وهائڻ، ڪمند ڊوئڻ، ٿريشر ۽ ريپر ۾ ڪم ايندي آهي. | ٽريڪٽر |
| ڪُليو | ٺِڙيو |
| وڏي ڀري، انبار، ڍڳ | ٺُسُ |

| | |
|---|---|
| ٽِڪَ | هڪ هنڌ ڄمي ويهڻ، ٻنيءَ جو سخت ٽي وڃڻ، اٽڪل، ننڍڙي آرسي |
| ٽُڪَ | ڪنڊي، جنهن مان ٻاري ۾ پاڻي وهي، رلِيءَ تي ٽُڪريون جوڙڻ |
| ٽه سالو | ٽن سالن جي عمر جو جانور |
| ٽه ڪچي | اها پوک جيڪا اڳي پوءِ نسري |
| ٽُڪڻ | ڪترڻ، پٽي پاڙون ڪڍڻ، هڪ ٻاري مان ٻئي ٻاري ۾ پاڻي ڇڏڻ |
| ٽُڪو | وَڍُ، چيرُ، ڇيرو |
| ٽِڪٽو | جنهن ڇپر يا مَنهَن ڪي ٽي ڪُڙُ هجن |
| ٽِلاسُ | ٽن انگهن واري ٽوٽي |
| ٽِلڪَڻُ | ڏڪا ٽاٻا کائڻ، ڍوماڻون کائڻ |
| ٽُلڪَڻُ | پوک جو رُلي وڃڻ |
| ٽِلَڻُ | ناز سان هلڻ |
| ٽَلِي، ٽِلي | پتل جي گهنڊڙي، توري تڪي |
| ٽِمُني | نار جي مَنهَن ۾ چڙهاٽ ڪي جهلڻ لاءِ ڇوڙدار مُنو |
| ٽنگڙ | نار جي ڊگهي مالهه، (ٽنگڙ وارو نار تمام ڳرو ٿيندو آهي) |
| ٽنگڻ | لٽڪائڻ، ڦاهو ڏيڻ، نار کي مٿي ڪري چاڙهڻ |
| ٽنگڙ هجڻ | نار جو ڳرو هجڻ |
| ٽوپَ | ڳاهه جي اٽل پٽل ڪرڻ، اُکيلڻ، ڏاڍا موچڙا هڻڻ |
| ٽوڪَرَ | ڏَڪُ، گهبو شبو، اشاري ۾ ڳالهائڻ، ڏهنائي ڏيڻ |

| | |
|---|---|
| ٽوڪرِ | اڏوہر واري ٻنيءَ جو ننڍين ٻارين واري پيچ |
| ٽوڪِري | ڏلهو، ڇَبي، ڇَلي، ٻنيءَ جي ننڍي ٻاري، ڏَڪِلِ فعل (ڏَڪي يا سيرجي بيٺي). |
| ٽولاڪو | ڏڪا ٿاٻا کائڻ، رلي وڃڻ، ٿلڪڻ، بي سهارو ٿيڻ |
| ٽويَڪي | مسجد جي ملان ۽ قبرستان جي مجاور کي فصل مان ڏيٺو، اَنُ. |
| ٽويو | جنس جي ماپ لاءِ ٿانءُ، چار پاٽيون يا سورهن چوٿايون |
| ٽِياسُ | ٽن ٽنگن وارو اوزار، جيڪو تور ڪرڻ ۽ مشينري وغيره ۾ ڪم اچي، (صليب) |
| ٽياڪُر | امين، نبيرو ڪندڙ |
| ٽيڙو | آسماني نکٽ، جنهن ۾ ٽي تارا ڏسبا آهن. |
| ٽيڪَ | ٽنبي، ٽوٽي، مدد، پرجهلو |
| ٽيڪُڙُ | آڀاسڻ، اٽڪل سٽڪل، لبو ٽپو |
| ٽيڪوڙي | ٻٽيءَ جو قسم، جنهن مان ٻہ حصا هاريءَ کي ۽ ٽيون حصو زميندار کي ايندو آهي |
| ٽيلهه | ٽي هر، هڪ جانور تي ٽي سوار |

## ٿ

| | |
|---|---|
| ٿارُ | ٿڌ، هلڪو سيءُ |
| ٿاپُر | ماٺ، ٺرڻ |
| ٿاري ڪائڻ | حلال ڪري، احتياط سان ڪائڻ |
| ٿاننو | ٿلهو ڪوڪو |
| ٿانگڙ | اجايو ڏگهو |
| ٿاهُ | نبيرو، نياءُ، فيصلو، انصاف |
| ٿَٽُ | موج، ڏيکاءُ |
| ٿَٽُ پڌڻ | اوساريءَ وقت ڪچو بوتو ٿاهڻ |
| ٿَٽُ ڪرڻ | عيش ڪرڻ، آرام ۾ هجڻ، ٿونڊجي وڃڻ، ٿانءُ ۾ پٺجي وڃڻ |
| ٿَپَڻُ | لوهار جو اوزار ڪي ٿپڻ، ڪنڀر جو ٿانءَ ڪي ٿپڻ، هاريءَ جو ٻنيءَ کي ٿپڻ |
| ٿَپو | ڪاٺ جي مهر، جيڪا اِڃي اَن تي هڻي چِڏبي آهي |
| ٿپو هڻڻ | اَنَ تي ڪاٺ جي مُهر هڻڻ، ڪنهن ماڻهوءَ تي احسان ڪرڻ |
| ٿريل ڪير ڪي ٿوڪون ڏيڻ | ياڳ ڪي لتون هڻڻ |

| | |
|---|---|
| نَرِيَلُ | ٿڌو ٺيل |
| نُڙکو | جهڙو تهڙو، معمولي، تمام جڏو |
| نُڙِکو | نک نک جو آواز، سُوئر يا ڪنهن جانور جو ٻنيءَ ۾ ڪانن ڀڃڻ جو آواز |
| نَڪِ نَڪِ | ڏک ڏک ڪرڻ |
| نَڪاءُ | ڪانياٺيءَ جو نڪاءُ، نوڙَ جو نڪاءُ، ٻٽاڪ، بارود جو ڌماڪو |
| نِڪَرُ | مٽيءَ جو پڪل ٺانءُ |
| نِڪرانو | نڪرن جا ننڍا ننڍا پور |
| نڪر ڀَڃڻ | الزام لڳائڻ |
| نُل | انبار، شهر جو نالو (اسٽوپا) |
| نَلِهه | ساکڻ، سُجائي |
| نلها نڪاءُ ڏيڻ | اجائي ٻٽاڪ هڻڻ |
| نلها نڪر هڻڻ | ڪِي ڪين هڻڻ، سُجو هجڻ، نلهه هڻڻ |
| نَنِيجَڻُ | تمام نري پوڻ، ڪلفي ٿي وڃڻ، برف جهڙو ٿي وڃڻ |
| نَنيُ | بيحد ٿڌو، نالهه |
| نَنِيي هڻڻ | دَت ڪرڻ، مِڪرُ ڪرڻ، ماٺِ ۾ رهڻ، نٽائڻ |
| نُنگڻ | پکين جو ميون يا سنگن کي نونگڻ يا ڪڪڙ جو آنن کي نونگڻ |
| نِنگورجڻ | آڪڙجي وڃڻ، نوري گهٽي ڳالهه تان اپو ٿي وڃڻ |
| نوٺُ | صفا سڪل |
| نوٺا | اولڙ، چوپا، ڪاڌل گاهه |

| | |
|---|---|
| ٺونا چَباڻڻ | تمام هلاڪ ڪرڻ، تنگ ڪرڻ، بيزار ڪرڻ، سختي ڪرڻ، ماري مچائڻ |
| ٺونا چَبڻ | اجائي بڪواس ڪرڻ، ڦڪا ڪانا چوپڻ، تنگ ٿيڻ |
| ٺوڪَ | زور سان يا هري ڌڪ هڻڻ، پڪو ڪرڻ |
| ٺُولهي | ڪجهه به نه بچڻ، نڪر جو ننڍڙو ٿانءُ |
| ٺُولهي اچڻ | برباد ٿيڻ، سُڃو ٿيڻ، ڪاريٽ وڃڻ |
| ٺولهيءَ جو ڏيڊو ڏيڻ | وهنوار ۾ ڪسو هڻڻ، سني شيءِ وٺي ان جي عيوض خراب شيءِ ڏيڻ، اجايو پلاند ڏيڻ |
| ٺونٺِ | ٻانهن جو وچيون سَنڌ |
| ٺونٺ ڏيڻ | اڙي ڪرڻ، مُڏڙي ڏيڻ |
| ٺونٺ هڻڻ | اشارو ڪرڻ، آگاهه ڪرڻ، خبردار ڪرڻ |
| ٺونگو | پکين جو چهُڻ، ماڻهوءَ جو آڱر سان مٿي تي هلڪو ڌڪ هڻڻ |
| ٺِهڪُ | زمين جي ٻارن جو ايتري قدر سڌو هئڻ، جو پرجي وڃڻ کان پوءِ سندن ٽُڪ ٻڌڻ جي ضرورت نه ٿئي. |
| ٺهڪَڻُ | نار جي ٻانڊي جي جهلڻ لاءِ ڪاٺ جو اوزار، پرجهلو، ٺهڪي ٻيهڻ |
| ٺهڪي ٻيهڻ | ٻاٽيءَ جو سنوت ۾ ٺي ٻيهڻ |
| ٺِهوڙَ | سنهي نوڪر، هلڪو ڌڪ |
| ٺِهوڙڻ | هلڪي ڌڪ سان ريڙهڻ |
| ٺُهيو | سڃو، جنهن جو ڪو اوهي واهي نه هجي |
| ٺُهيو ٿيڻ | بيواهو ٿيڻ، گنجو ٿيڻ، سڃو ٿيڻ، ڪاريٽ وڃڻ |

## ث

| | |
|---|---|
| ثَمَرُ | ميوو، ملڪيت |
| ثَمر جهلڻ | وڻن ۾ ميوا ٿيڻ |
| ثَواب | بدلو اجر |

# پ

پابَهہ کچڙو

پاٽِي چار چوٿايون: ان جي ماپ جو آڳاٽو ماپو
جدول: چار چوٿايون - هڪ پاٽي
چار پاٽيون = هڪ ٽويو
چار ٽويا = هڪ ڪاسو
سٺ ڪاسا = هڪ خرار

پاجاري هر يا نار وهائڻ وقت جيڪا ڪاٺي ڍڳن جي ڳچيءَ ۾ وجهبي آهي، ان کي پاجاري چئبو آهي. ڍڳي گاڏيءَ جي پاجاري انهيءَ جهڙي نہ هوندي آهي. گاڏيءَ جي پاجاريءَ ۾ هڪ ڪاٺي ٺيندي آهي.

پاچاڙو تمام گهٽي تڪليف ڏيندڙ ڪم

پاچاٽو فصل جو مقرر مند کان پوئتي ٺيڻ پهاڪو: "پاچاٽي پُٽ کان آڳاٽي ڌيءَ ڀلي آهي".

پادِ ڍگهي رسيءَ سان ڍور کي چرڻ لاءِ ٻڌي ڇڏڻ

پاڙو هرن ڪاهيندي ڪڙن کان رهيل زمين

پاڙڇُ نار جي پانڊي جي وچ ۾ جيڪو لوهہ يا ڪاٺ جو وڏو نيسارو هوندو آهي، ان کي پاڙچ چئبو آهي. هن جو هڪڙو منهن ڪليل هوندو آهي، جيڪو نيسر تي رکبو آهي ۽ ٻيو پاسو بند هوندو اٿس.

| | |
|---|---|
| پاسَ | پيهي ۾ بنهي پيلهنگن سان ٻڌڻ جون جيڪي ڪانيون هونديون آهن، تن کي پاس چئبو آهي. |
| پالُرُ | وڻ جي ٽارين جو پچڙيءَ وارو پاسو |
| پانڊُر | پچڙي، ڪنهن به وڻ جي ٽاريءَ کي چئبو آهي. |
| پانڊي | ڏڻُ، ڪپهه جو ٻڙو |
| پانڊي پوري نه ٿيڻ | پورت نه ٿيڻ |
| پاڻيءَ ورائو | پاڻي ورائڻ جو ماهر |
| پاڻيوسو | ذهين ڍو، مُلهه تي ڏنل پاڻيءَ جو عيوضو. |
| پاهونَڻُ | کهاڙي، کهاڙيءَ يا ڪوڏر کي ٻيو پاهو لڳارائڻ |
| پاهوڙِي | ڇيڻن يا ٻئي گند ٻهارڻ لاءِ ڪاٺ جو ٺهيل اوزار |
| پائٽُو | ڍڳن کي هڪلڻ لاءِ هاريءَ جو لَڪُڻُ |
| پَنبڻُ پيهڻ | اَن جو قسم، پيهڻ |
| پَبُ | ڪانياٽيءَ جي ڳوڙهي وجهڻ جي جاءِ |
| پَبِي | ڦُلي ٻٽڻ، چاڙهو ڏيڻ |
| پَتي | لين، سرن، ڪانهن ۽ ونڻٽانين جي پت، پَتَر، ڪَنڌي |
| پَٽُ بچڻ | زميندار جو هاريءَ جي حصي جو به ان ڪٽي وجهڻ ۽ هاريءَ لاءِ باقي ڪُڍي ڇڏڻ |

| | |
|---|---|
| پَٽُ چڙهڻ | ڪُڍي چڙهڻ (ٻار ٻنئي ڪرڻ ڪان پوءِ پٽ تي جيڪو اَنُ رهندو آهي، ان کي ڪُڍي چئبو آهي) |
| پَٽَ سَٽ ڪرڻ | هِتان هُتان ڪري پورائي ڪرڻ. |
| پَٽَ سان هٽڻ | نيچو ڏيکارڻ، ڪڙٻ هٽي چڙهڻ |
| پَٽُ گهڙڻ | اَن پوکَ جي ٻارِ لاءِ پَٽُ ٺاهڻ |
| پَٽَهِ | ڪانن جي چٽيل گهٽن پنن کي 'پٽَهِ' چئبو آهي. |
| پَٽي | چت جي پٽي، ٻارن جي پڙهڻ جي پٽي |
| پَٽيلو | نار جي ڳاڌيءَ ۾، ڳاڌيءَ- ڪاهي جي ٽيڪ لاءِ ٽيڪو |
| پُٺارَڪَ | پنن پويان ڪٽڻ واري هڙ |
| پَجرُ | چت ۾ ڪم ايندڙ هڪ ڪاٺي |
| پجرو | پکين لاءِ تيلين يا لوهي تارُن مان ناهيل گهرُ |
| پجِرو | چير لاءِ ڪاين ۽ لڙهين تي ٻڌل بوتي کي پجرو چئبو آهي |
| پِجري | پٿر يا ڪاٺ جو گهڙيل وزنائتو ٽُڪر، ورزش يا زورآزمائڻ لاءِ |
| پِجَڻِ | نار جي چڪر واري هيٺ رکيل ڪاٺيءَ کي پاروني چئجي ۽ ان کي جهلڻ لاءِ جيڪا ٽيڪ ڏجي، انهيءَ کي پجڻ چئجي. |
| پِجڻ | ڪپهہ پجڻ (مون کي ماءُ مجاز، پيجاري جئن پجيو: شاهہ) |

| | |
|---|---|
| پَڇُ | زخم پچڻ جو ساڙُ، اندر جو ساڙُ، ڪينو |
| پچار | ڳالهه، ذڪر، يادگيري، تات |
| پچائڻ | سيڪڻ (باهه يا تاندن تي) تئي، دانگي يا ٿوبيءَ تي پچائڻ، ڪوري يا آويءَ ۾ (سرون يا ٿانو) پچائڻ |
| پَچڻ | پوک جو پچي راس ٿيڻ يا تيار ٿيڻ |
| پِڇَ: جمع پِڇون | ٿورو پاڻي، اوبارِيل چانورن جو پاڻي، خالي ڪکر (خاص ڪري صبح جو آسمان تان گذرندي نظر ايندا آهن) |
| پُڇ | پُڇڙ، ڪانياٽيءَ جو نڪاءُ ڏيارڻ وارو سنهو پاسو. اڪثر ڪري آڪاري يعني اڪ جي تندن مان ٺهندو آهي. |
| پُڇُ | جانورن جي ڪرنگهي جي آخري وڌيل پُڇڙي، |
| پَڇا | دَمُ، پکيءَ جي پُٺِ ۾ وڌيل کنڀ |
| پُڇا | خبر لهڻ لاءِ پڇيل سوال، سوال جواب، سڏ سماچار |
| پُڇُ وناڻ | ڍڳي، مينهن يا ڍڳيءَ جو تمام ٽڪي پوڻ |
| پڇاڙي | پويون حصو، پڇڙي، ڇيڙو |
| پُڇائو | پڇا ڪندڙ ، ڳولائو |
| پُڇُڙُ وجهڻ | ڪانياٽيءَ ۾ نڪاءُ لاءِ پُڇ وجهڻ |
| پُڇڙيون وجهڻ | سانگهاري وقت مالهه ۾ بيا تندا ڪري ان کي ڍگهو ڪرڻ |

| | |
|---|---|
| پڇنڊ | هلڪي چپيٽ، ڏُهل جي هڪ وڄت |
| پڇنڊي | گهر جي صُفي ۾ ڇت هيٺان ٺهيل ٻي ننڍي ڇت، ڏُڇتي |
| پَڇُورُ | ٻنيءَ جي پڇڙي. |
| پخال | ساندارو، مشڪ |
| پڌر | اڳڻ، آڳنڌ |
| پڌري | سڱاوتيءَ جي ڳالهه پڪي ٿيڻ |
| پَڊُ | پراٺو ڳوٺ، تمام گهٽو ياڻ پيل ٻني |
| پڙُ | نار جي تڏي جي مٿان وهٽن جي ڦرڻ لاءِ جيڪا جاءِ هوندي آهي، ان کي 'پڙُ' چئبو آهي. گهاٽي ۾ جيڪي وهٽ وهندا آهن، انهن جي ڦرڻ لاءِ جيڪو گول چڪرو هوندو آهي، ان کي به 'پڙ' چئبو آهي. |
| پڙُ ٻڌڻ | نار جو پڙ ٺاهڻ |
| پڙاٽي | پڙَ جي لاءِ جيڪي داسا ڪم آڻبا آهن، انهن کي 'پڙاٽيون' چئبو آهي. |
| پَڙوڏو | نار جي ڪوڏاهي کي 'پڙوڏو' يا 'پڙوهو' چئبو آهي. |
| پُڙو | ڪٽڪ جي ڳاهه ڳاهي، ان جو ٻهه سوڌو ڳڏ ڪيل اَنُ. دڙو، ڳدرن، ونگن يا ڇانهن جي هڪڙي نمبر کي به پڙو چئجي، پُڙي. |
| پَڪُ | زمين جو سخت تَهُ، مالهه جي تندي کي زور سان ونڻ، ڪنهن به رسي جي تندي کي ڏاڍو وَٽُ ڏيڻ. |

| | |
|---|---|
| پَڪي | هاري ٻنيءَ ۾ جيڪو پهريون پاڻي ڇڏيندا آهن، انهيءَ کي 'ڪچي' چئجي ۽ جيڪو ٻيو پاڻي ڇڏيندا آهن، انهيءَ کي 'پڪي' چئجي. اهڙيءَ طرح ٻنيءَ جي ريج کي 'ٻه روٽي' يعني ٻن پاڻين تي ڪاهيل چئبو آهي. |
| پَڪي | پڇي وئي، مضبوط |
| پڪي جهار | ڪانوَ، ڪبر وهيي ۽ ڳيري جي جهار |
| پَڪيءَ جو وعدو ڪرڻ | فصل جي لهڻ تائين قرض رڪائڻ |
| پَڪي ونڊي | هن کي ٻيو 'چارڪُرَ' به چوندا آهن، يعني سچي ونڊي |
| پَڪانُو | نار جي منهن ۾ جيڪا وچين ڪاٺي يعني "ڪانجڻ" پوندي آهي، انهيءَ کي جهلڻ لاءِ جيڪا ٻسانگي ٽُوٽي هوندي آهي، ان کي "پڪانو" چئبو آهي ۽ ٻئي پاسي جيڪو مُنو هوندو آهي، ان کي "چوڙائُون مُنو" چئبو آهي. ان ۾ فقط چوڙ هوندي آهي ۽ ان پاسي ڪانجڻ ۾ سَل هوندو آهي. |
| پَکي | ٻني جي ٻارن جي قطار، اڏامندڙ ساهوارو (پرند) |
| پَڳُرُ | هاري ڳاهه ڳاهڻ وقت ڪٽڪ جي ڦيڙهي مان جيڪو ول جوحصو ڦيڙهي ٻاهران ڇوڏاري ڇڏيندا آهن، انهيءَ کي 'پڳر' چئبو آهي. |
| پُڳر | ڪاسبين کي جيڪو مراد پڇڻ وقت ڏبو آهي، انهيءَ کي "پُڳر" چئبو آهي. |

| | |
|---|---|
| پَڳَرُ ڳرڻ | ڳاهه جو ڳهي وڃڻ |
| پَڳَرُ لاهڻ | ڪٽڪ جي ڦيڙهي تان ڳاهه لاءِ وَلِ لاهڻ |
| پَلَ | ماٽهو، اَن يا ٻهَه رکڻ لاءِ تڏن، تونرين يا ٽُوئن کي ڦيرائي، اُن ۾ اَن يا ٻُهه رکندا آهن. |
| پَلِ لٿائڻ | پوک جي سلي، جنهن ۾ ڪرڻ جو ڊپ هجي، ان جون اڏ مان چوٽيون ڪپڻ کي 'پَلِ لَٿڻ' چئبو آهي. پل فقط اَنَ پوک جي ٿيندي آهي. |
| پَلِ | پوک جو تمام پلو ٿيڻ (پوک جو اَنُ) |
| پَلالُ | سارين جي ڪانگڙيءَ کي 'پلال' چئبو آهي، گند گاهڻ |
| پلي | ساڳُ |
| پلي | اَن جي پلي، پلي، ذات |
| پَنجادُهي | بٽئيءَ جو قسم، ان مان ٻه پتيون زميندار جون هونديون ۽ ٽي پتيون هاريءَ جون |
| پِندي | اُٺ کي نار ۾ وهائڻ وقت مدوءَ وٽ جيڪو پيڙهو رکبو آهي، ان کي 'پندي' چئبو آهي. |
| پِنوڙو | ڳوڙهن ٺاهڻ لاءِ ڳڏ ڪيل مٽيءَ جو ذخيرو |
| پَني | سڄي زرعي نمبر جو ڪجهه حصو |
| پَنِي | نَنڍڙا پَنَ |
| پِني | ڦٽ کي ٻڌڻ لاءِ ڪا شيءِ (بصر پڪل، ڪاري لپري، هيڊ وغيره) |
| پُوتو | ڪچو سلو |

| | |
|---|---|
| پوٺو | ميدان |
| پوڻِي | جيڪي وهٽ بار برداريءَ لاءِ ڪم اچن، انهن کي 'پوڻي' چئبو آهي. گهڻ سهو |
| پُورُ | پراڻُ، ڍنگهرن جو پور، مينهن جي سگن کي به 'پور' چئجي. |
| پورائڻ | نار جون چڪريون ٺهرائڻ |
| پوڪَ | کيتي |
| پوڪٽي | ڪاهٽي |
| پُونبَلِ | ڪَچا گؤنچ |
| پوهُ | سنڌي/هندن جو ڏهون مهينو |
| پوهائڻون | پنتي پيل، اُٺ جيڪو پنهنجي بار کي پوئتي ڪري، اهو ماڻهو جيڪو پين جي پويان هلي. |
| پوئين مُٺِ | پوک جو پاڇاٽو هڻڻ |
| پهرين مُٺِ | پوک جو آڳاٽو هڻڻ |
| پَهو | بيلي مان نڪتل رستو، جوئر يا باجهريءَ مان سُوئرن جي هڪلڻ لاءِ ٺهيل چارا |
| پيٽ | ساهوارن جو پيٽُ |
| پيٽي | تنگ، جيڪو ڏڳي يا اُٺ کي نار ۾ وهڻ وقت پيٽ کان ڏبو آهي. |
| پيچُ | زمين ۾ بارا ۽ اڏون ناهڻ |
| پيچَ | پاٽيءَ سان ٻنيءَ کي پرائڻ |

| | |
|---|---|
| پيرَ پِڙاٿي | اڳئين وقت ۾ جن ماڻهن کي کوہ هلڻ کونہ هوندو هو، اهي ڊينيو يا پاندو چاڙهي، ان کي مالهہ ۽ کنگر ٻڌي، ٻاهوءَ تي ٻيهي پنهنجي پير سان هلائي پوک کي پاڻي ڏيندا هئا، اها هئي پيرَ پڙاٿي. |
| پِيڙهو | پراڻي مالهہ جي تندن مان ٺاهيل منجي، يا پلال مان ٺاهيل ويهڻ جي جاءِ |
| پيڙهو ٻڌڻ | ضد ڪري ويهي رهڻ |
| پيس | ٻَني جي پر وارو پاسو |
| پيسِرو | سرءَ جي موسم ۾ اَسُر ويل ڏکڻ کان اڀرندڙ تارو. پهاڪو: ”اڀريو آهي پيسرو، هاري ٿيءُ نہ ويسرو.“ هيءُ تارو پاڻيءَ جي لاهيءَ جي علامت ليکيو ويندو آهي. |
| پيهر | لوڙهو |
| پيهو | ٻاجهريءَ، جوئر، مڪائي يا ڪٽڪ ۾ جيڪا جهار هڪلڻ لاءِ پيهي اڏبي آهي، ان کي ’پيهو‘ چئبو آهي. پيهي ۾ ٻہ پيلنگهہ پوندا آهن ۽ پيهيءَ ۾ چار ٿوڻيون ٽينديون آهن. پيهِي، پيهي کان قد ۾ گهٽ هوندي آهي. |
| پيهو هڪلڻ | پوک جي بچاءَ لاءِ پکي يا جهار هڪلڻ |
| پيهو وجهائڻ | پوک جو نسري وڃڻ |

# ج

| | |
|---|---|
| جابلو | جبل جورهاکو |
| جاڻَ | هَرَ جي ستن يا اٺن اوڙن جو حصو |
| جاڻ پاڻ، وهي وڻ<br>الله رسول جي واٽ | دعائيہ ڪلمو، جيڪو هاري جاڻ هٽڻ وقت چوندا آهن |
| جاڻ هٽڻ | هرن ڪاهڻ وقت جو آواز، ستو هلڻ، سچي ڪرڻ |
| جاڻ جوڙ<br>منهن نہ موڙ | هاريءَ جي هڪل جو نمونو |
| جاڻين چڙهيو ياڳين<br>پريو، هر هاريءَ جو<br>هيري جواهر سان جڙيو | ٻيءَ جاڻ هٽڻ وقت هارين جو دعائيہ ڪلمو |
| جارو | اونهي ڪاٽي ڪٽڻ وقت ڳچ وٿيءَ تي ڪنيل داڏو، پيٽ جو جارو |
| جاڙُ | جٽ، تعدي |
| جاڙِي | نار جي پاندي جا ٻہ اوپارا، جيڪي پهرين لَٺِ ۾ نوڪجن |
| جاڙي هٽڻ | نار جي پاندي ۾ ٻن اوپارن تي مشتمل ڦرهي جو هٽڻ |

| | |
|---|---|
| جاڳ | سجاڳي |
| جاڳڻ | ننڊ نہ ڪرڻ، هوشياري، ماڻهوءَ جو نالو |
| جالارو | گهڻو پاڻي |
| جالارو ڪرڻ | ڪشادو ڪرڻ |
| جانيو | ڪنڌن واري ڌاري |
| جانيولو هڻڻ | جهپ هڻڻ |
| جاوا ڪرڻ | ڍؤ ڪري چڙهڻ |
| جبل | پهاڙ |
| جتن (يتن) | ڏيان، ڪوشش |
| جڏو | ڪمزور، ٿڪل، بي طاقتو |
| جَرُ | پاڻي، تيزي |
| جِريب | ويهہ گُهنٽا يا ويسا |
| جريب خرار | ٻنيءَ جو پلو ٽيڻ |
| جَڙَ | جهنگ جو سوڙهو پاڳو |
| جُڳ | جهان، هندن جي خيرات |
| جل، جَرُ | پاڻي |
| جن ڪاڏا پلن جا پيڻارا، تن جا هينڙا ويچارا | سُک لاءِ سکڻ (اصطلاح) |
| جَني بہ جڳ سان | جيڪي ٽيڙو هوندو، تنهن لاءِ تيار رهڻ، ’جاڙي بہ جڳ سان‘ بہ چون |
| جندبو | منڊي واري پِت |

| | |
|---|---|
| جُنگ | وڏو، جُوان |
| جنهن جي درتي ڪلهي،<br>سا پوري ٻہ ڏاهي | هوندي تي هونگار، هوند واري ماڻهوءَ کي سيڪو ڏاهو چوندو |
| جنين اَنُ نہ ٻج،<br>تنين تنهنجو آسرو،<br>اول ڏئين اُنِ کي،<br>پوءِ اُپارين سجُ | الله تعاليٰ ۾ پڪي عقيدي جو اظهار (پٽ ڌڻيءَ جو بيت) |
| جَوَ | اَنَ جو قسم |
| جَوَ پوڪڻ | اجايو هلڻ |
| جَوَ پوکي ڪڻڪ<br>ڪاڻ لڻبي | جهڙو ڪم، تهڙو اُجورو |
| جَوَ ڍيري گڏهہ رکوال | نالائق ماڻهوءَ کي ڪم سونپڻ |
| جَوَ وِهائڻ | پڄي وڃڻ، ٽرڪي وڃڻ، لهرائي وڃڻ |
| جوڀن | جواني |
| جوت | روشني، ماڄَ |
| جوٽَ | گوڏو، ڏاندن جو جوڙو |
| جوٽا | ڏاند گاڏيءَ جي پاڃاريءَ ۾ پيل ٽوڙها |
| جوٽڻ | شروع ڪرڻ، ڳنڍجي وڃڻ |
| جوڀ | چڱو ڀلو |
| جُوف | لالچ/ جُوفو |
| جوڙو | ٻہ ڏاند، ٻَہ |
| جوڳ | نار جو وارو، هرن جي ڀِيَهرِي |
| جوڳ ڏيڻ | نباهڻ، چڱو هلڻ |

| | |
|---|---|
| جوڳ هڄڻ | سيکت هڄڻ |
| جوڳڙيو | وارڙيو، ڪلهي بخش ڍڳو |
| جُون | جيت |
| جوئر | اَن جو قسم |
| جوئر جو اٽو ڳوهڻ | اڻ ٽيٽو ڪم ڪرڻ |
| جوئر جي ٻَت ڪي داڳ ڏيڻ | اجايو ڪم ڪرڻ |
| جهڙي پوکبي، تهڙي لڻبي | جهڙي نيت تهڙي مراد |
| جيڏانهن جهار، تيڏانهن ڳُبَر ڳوڙها نہ هٽي | ضرورت جي پاسي ڪم نہ ڪرڻ |
| جيڏانهن وڃي جوڪيو، تيڏانهن ڪلر اڳي ئي پوکيو | ڀاڳ جي بازي، بدبختيءَ جو نشان |
| جيسين سچ سچ ٿئي، تيسين ڪوڙ پيو ڪڇي | اُبهرائي ڪرڻ جي سزا ڀوڳڻ |
| جيءُ | ساهوارو، سڏ جي وراڻي، قرب |

# ڄ

| | |
|---|---|
| ڄاپڻ | ڄمڻ، ڦُٽڻ |
| ڄارو | ڪوريئڙي جو ڄارو، سَنهن جيتن جو ڄارو |
| ڄاڙي | ڪاڏي |
| ڄاڙي ورائڻ | ڏَسڻ |
| ڄاڙي هڻڻ | ٻڪ ڪرڻ، ٻٽاڪ هڻڻ، اجايو مٺو هڻڻ |
| ڄامُ | سماٽ جو لقب |
| ڄانيو | تيلي ٻج |
| ڄانگُرِي | ٻير جو قسم، جبل جي ٻير، ڇاپرو ٻير |
| ڄاڻوئي | سڄي حال کان واقف |
| ڄاهو | ٻيٻاهو |
| ڄائُو | ڄمندڙ، ڄائو ڄارو |
| ڄڀون مڙڻ | منجهي پوڻ، ڳالهه نہ نڪرڻ |
| ڄڀِي | جرات، تؤُ |
| ڄڀِي لڳڻ | چڙي پوڻ، باهه لڳڻ، لوساٽجڻ |
| ڄڄَ | گھوٽ سان گھٽن ماڻهن جو گڏجي هلڻ |
| ڄڄَ ۾ ڄاٽي ڪونہ، آءُ گھوٽ جي ڀُڦي | اجائي ٻٽاڪ هڻڻ |

| | |
|---|---|
| جِرِڪو | وڏو لالچي، مڇيءَ جو قسم، ڪاٺُو (اصطلاح طور ڪم ايندڙ لفظ) |
| جُڪٽو | لِڪٽو |
| جُڪِي وڃڻ | چَپَ هٽڻ |
| جمار | عمر |
| جمندي جام هجڻ | جائي جم ڪان پهتل |
| جَمُون | ميوي جو قسم، رنگ جو قسم |
| جنگهہ اُٿلڻ | تڪو هلڻ |
| جنگهڙ | اڀرو ڊور |
| جڻ | گمان جو لفظ |
| جيٺ | سنڌي/ هندن جي سال جو ٽيون مهينو، سياري جو فصل |

# جهہ

| | |
|---|---|
| جهاتر | وڻ جون ننڍڙيون ڪنبياريون ٿاريون |
| جهاتي پائڻ | ليئو پائڻ |
| جهارِ | پوک کي ڪائيندڙ پکي |
| جهار هڪلڻ | ٻنيءَ تان پکين کي هڪلڻ |
| جهاڳَ | پير ٻوڙ پاڻي |
| جهاڳڻ | ننڍي پاڻيءَ مان هلڻ |
| جهالرِ | سينگار لاءِ ٿاهيل ڪا سُهڻي شيءِ |
| جهانيو | ڪنڌر ٿاري |
| جهانيو هڻڻ | رهڙو ٻڌڻ |
| جهانيولو | جهٽ |
| جهانڪو | گس ۾ ڪڙڪڙ |
| جهرمٽ | پاڻيءَ جو جرڻو، جهرڻو |
| جَهڪَ | تيز هَوا، طوفان |
| جَهڪو | هيڻاهون، هلڪو |
| جهڳَ | گجي |
| جُهل | جهالر سان تيار ڪيل ڪپڙو، جيڪو ڏاندن تي وجهبو آهي |
| جهلڻُ | ٻاهوءَ تي نيسر رکڻ لاءِ رکيل ڪاٺي |

| | |
|---|---|
| جُهلڻ | نار جو وهائڻ کان بس ڪرڻ |
| جُهمِرِ | ڦيري، ناچ |
| جهنگلي | جهنگ جو ماڻهو، اڻ سڌريل |
| جُهوٽو | لوڏو، ننڊ ۾ اک جو لڳڻ |
| جُهوپو | ڪکائون معمولي گهر |
| جُهوڙو | ڇڳو، ماڻهوءَ جو نالو |
| جُهورُ | پوڙهو |
| جهوڪو/ جهونڪو | واءَ جو جهوٽو |
| جهوڪو | درياهه جو پائڻ |
| جهول ٿيڻ | هيناهين ٿيڻ |
| جهولو | ڪرسو واءُ، لَڪَ |
| جُهومَ لڳڻ | خوشي ٿيڻ |
| جهومٽُ | ٿارين جو ڇڳو |

# چ

| | |
|---|---|
| چاپ | چبڻ جي حالت، ڏندن سان زور |
| چاٽَ | چٽڪيءَ جو قسم، چشڪو، عادت |
| چاٽِي | چاٽي يا ٻَل، فصل جو ٻلو ٽيڻ، آگهي |
| چاٽِي | چشڪو، چُوس، هيَر، چاهُ، واپاريءَ جي اصطلاح ۾ بازار ۾ ڪنهن چيز جي ڪوٽ |
| چاپَهِ | ڳنڍ جو قسم |
| چاپهہ ڏيڻ | ڏاڍي ڳنڍ ڏيڻ |
| چاپئين | گهاٽي، ڳلن تي پريل ڏاڙهي |
| چادر | اوڍڻ جو ڊگهو ڪپڙو |
| چاڏِر | ٽُوئي جي وَٽِ |
| چاراڻ | چوپائي مال کي جهنگ ۾ پهرائڻ |
| چاراٽي | چوپائي مال چارڻ جي اُجرت |
| چار چريون ڏئي هڪڙي واڇان وٺڻ | ٽوٽي وارو سودو ڪرڻ |
| چار چڱا | ڪجهہ معزز ماڻهو |
| چار ڪُرَ | سڄي وندي |
| چارڻ | چوپائي مال کي جهنگ ۾ پهرائڻ |
| چارو | پيچرو، چوپائي مال جو گاهہ |

| | |
|---|---|
| چاڙُهه | شاهين، چِڙَ |
| چاڙهو | چڙهڻ جو هوشيار |
| چاسينگر | ڪُڙڪيتو |
| چاڪُ | چير،چهڪ، وَڍُ، زخم، گهاءُ |
| چاڪر | نوڪر، ٻيلي |
| چاڪي | گهاڻو هلائيندڙ، تيلي |
| چالامان | رسم رواج، هلي چلي |
| چانڊاڻ | چنڊ جو سهائو |
| چانگار | تنوار، لات |
| چانور | اَنَ جو قسم، سارين مان نڪتل اَنُ |
| چانهه | ٻوٽي جو هڪ قسم، چانهه ٻوٽي جي پتين ڪاڙهڻ، کير ۽ کنڊ مان ٺهيل هڪ مشروب، پڪيءَ جو هڪ قسم |
| چاڻو | ڳوهيل مٽيءَ جو پنوڙو، مکڻ جو پيڙو |
| چاهه | ٻاهه، وڏو چلهو |
| چاهڪ | گاهه جو قسم |
| چاڻڪ هڻڻ | مهٽو ڏيڻ |
| چاهِي | اها پوک، جيڪا کوهه جي پاڻيءَ تي ڪجي |
| چَبَ | رهڙو، اجائي گُهرَ |
| چِبُ اچڻ | ڪاٺ جو ڏنگو ٿيڻ، ڪُٻ اچڻ |
| چِبِرو | پکي |
| چِبُ ڪڍڻ | منهن ناهڻ، سنو ڪرڻ |
| چَپڪو | چپاڙن جو آواز |

| | |
|---|---|
| چبڻ ۾ چاسون لھڻ | پاڻ لاءِ غلط فيصلو ڪرڻ |
| چَبو ڦَڪو | ٿورو گھڻو ڪاڏو |
| چُيجڻ | ڪنڊي يا ڪنهن تکي شيءِ جو ڪنهن عضوي ۾ لنگھڻ يا لڳڻ |
| چِپڙُ | متيرو، ماڻھوءَ جو نالو |
| چَٽ مڪ | ٺاهـ ٺوهـ |
| چڪيو مڪيو | سينگاريو |
| چپَ | پيڙ، دٻاءُ |
| چُپَرَ | هڪ پاسي گھڙيل ڇُھنبياري ڪاٺي |
| چِپِي | لتڙ ڪري |
| چپيٽ | ليپيٽ، ٿورو ڏک |
| چپيٽ اچڻ | سيڪت اچڻ، نقصان پوڻ، ڏک لڳڻ |
| چچِڙي | ننڍڙي چپر، ننڍڙو گول، چچڙ |
| چِچِي | ساندي |
| چَرخي | نار واري پوڪ |
| چري ڪيئن، چي ويران وير وڌ | جيئن پوءِ تيئن حالت بد ٿيڻ |
| چڙهي وڃڻ | زمين جو وٽ مان نڪري وڃڻ، پير ڪوڙڻ |
| چڙهيءَ جو يار هئڻ | سڪ جو سلامي |
| چِسڻُ | ٿورو سرڻ |
| چَڪَرِ | نار جي چڪر، ڦيرو، گُھمرو |
| چَڪِر ڪي لَتِرُ پڇي | ڪانچ ڪي ڪانچ ماڻھو پڇي |
| چَڪرو | اٽي ڪي ويلڻ لاءِ رکيل ڪاٺ يا نڪر جو چڪرو |

| | |
|---|---|
| چِڪِڙ | وڏي گپ |
| چُڪِي | ٽڪجي، ٽورا داڻا، لَپ |
| | (ٽڪيائي ٽڙ ٽيل، چڙهه چُڪيائي چوڻئين- شاهه) |
| چِڪي | ڍرو ٿي، ڦٽ جي اٿل |
| چِڪي پوڻ | سِمي پوڻ |
| چُڪي | چپٽي، ٽورو ذرو |
| چُڪي پوڻ | ٽڪجي پوڻ |
| چگائيءَ کي چار، ڳٽي هٽجن منهن ۾ | نااهل ماڻهوءَ سان چڱائي نہ ڪجي |
| چَنگُ | پتل جي گهنڊڻي، چيهي جو آواز، وڄائڻ جو چَنگ |
| چُنگِي هڻڻ | ٽُڏو هڻڻ |
| چِنگهہَ | ڪُٽڪَ، بيزاري |
| چٽو ناناڻي وڃڻ | پنهنجي پسند جي جاءِ تي وڃڻ |
| چڙتال | چڙتال، ماڻهوءَ جو پنن ۾ سنئون ڪِرڻ |
| چڙتال ڪِرڻ | تمام ڍهي پوڻ |
| چوٽِ | چوٽين پٽي |
| چوٽ ڪرڻ | حملو ڪرڻ |
| چوٽ | حملو، ڌَڪُ |
| چوٽ چاڙهڻ | مٿي چاڙهڻ، شهہ ۾ وجهي چڏڻ |
| چوٽيون | پچڙيون (گاهہ جون) |
| چوپ | ڪلي جي چهنب، گُنبذ جو قسم، بصر جون پتيون پوکڻ |

| | |
|---|---|
| چُوپا | ڪاڏل ڳنا |
| چُوپو | چباڙيل گاھ |
| چَؤپهِري | ڪنهن وهٽ کي چار پهر وهائڻ |
| چَؤجوڳو | جيڪو نار انئي پهر وهي |
| چُوچڙي | اُماڙي، اُنارو |
| چوڏندو | ڏانداري، جنهن کي چار ڏند هجن، ڏڳو، جنهن کي چار ڏند ڦُٽن |
| چُورو | سنهڙي پور |
| چُوڙَ | اِيس يا اوپريءَ جو منهن، جيڪو مني ۾ پوي |
| چوڙَ | ڏاڍي مار، ڪپڙي جو چوڙڻ |
| چُوڙ ڪڍڻ | ڪاجڻ جي مُني جي چوٽي گهڙڻ |
| چُوڙائون | چوڙ وارو |
| چُوسارو | هيرَ، چوڳ |
| چُوسي وٺڻ | ڏائڻ، بيڪار ڪري ڇڏڻ |
| چَوڪِڙي | اَناس، اٺ جريب، يا چار ايڪڙ تاس جو رنگ |
| چوڪُڙ | ڏڳن جو هر يا نار ۾ تکو هلڻ |
| چوڳو | چئن ڏندن وارو ڍور، پڪين لاءِ اُچليل اَنُ |
| چَوماسو | مينهن جي موسم جا چار مهينا |
| چُونارجڻ | ڏڳي جي ڪُرَ ۾ گهوپو لڳڻ |
| چوندباٽي | پورهيو، جيڪو ڦُٽين جي چوندَ جي رقم آهي |
| چُوندبو | ڦُٽين جي چوند، ڪِرَ ۾ رهيل سنگن جو ڪٽڻ |
| چوندبو ڪرڻ | ڪِرَ ۾ رهجي ويل سنگ چوندڻ |

| | |
|---|---|
| چوُندِي | لاهياري، جيڪا ڦٽيون چونڊي |
| چونڪَ | چار ڪانيون، ڊانچو، بوتو |
| چوُنگَ | ڊڳي ڪي پچ جي پاڙ ۾ لڪڻ چيڪائڻ، چورڻ |
| چوُنگ ڏيڻ | چيڙائڻ |
| چوُني | ڪاٺ جو گهوبو، جنهن جي منهن ۾ ڏُڪَ جي ڦار پيل هجي |
| چوَويري | گپ جو وڏو لپو |
| چوُهِي | نار جي ننڍي چڪر کي پڙ واري پاسي بڌل بَنو |
| چهُتُڻ | چنبڙي پوڻ |
| چهُنگُ | ٿورڙو ذرو، چپٽيءَ ۾ ڪٽڻ |
| چييٽ | چيڪو، سوڙهو |
| چينَڻُ | سنڀالڻ، تندرست ڪرڻ |
| چيٽُ | سنڌي/ هندن جي سال جو پهريون مهينو، سياري جي پوک |
| چيٽ آهي پيٽ | چيٽ مان بچت نه ٿيڻ |
| چيٽ جي ڪاهي، ڪَتيءَ جو خرار | چيٽ جي ڏهن ڪاسن جو ڪَتيءَ تائين هلڻ |
| چيجو | اهو گاهه، جيڪو ونڻن ۾ پوکجي |
| چِيهه | سوڙهي ڪسي |

# ڇ

| | |
|---|---|
| ڇاپ | رنڊڪ |
| ڇاپ ڏيڻ | رنڊڪ ڏيڻ |
| ڇاٽ | پاڻيءَ جا ڇنڊا، مينهن جي پاڻيءَ جا ڇنڊا |
| ڇاٽ اُڇڻ | واءُ لڳڻ جي ڪري پاڻيءَ جا ڇنڊا اڇڻ |
| ڇاٽو | ووئٽن ۾ پوکيل گاهه |
| ڇاڙهئون | هلڪو نار، جنهن نار جي تڏي ۾ پاڻي مٿي اچي بيهي |
| ڇاڦاڪو/ ڇاپاڪو | پڪي، بيماريءَ جو قسم |
| ڇاڦولو | اڪيون پوري هلڻ |
| ڇاڪاٽو | ڪانجاٽو، رنڊڪ |
| ڇاڪاٽو پوڻ | رنڊڪ پوڻ |
| ڇانڊي سنگُ | چونڊ سنگ، ٻيجي سنگ |
| ڇانگرا ڪرڻ | ماٺا ڪرڻ، ستائڻ |
| ڇانگڻ، ڇانگهڻ | سوئڻ |
| ڇانگو | ڇهن آڱرين وارو |
| ڇانوَ | سايو، پاڇولو |
| ڇانولو | پيهي تي ڇانو لاءِ ٽنگيل ڪپڙو |
| ڇانولي جو اٺر ٽيڻ | وڻ هيٺ پوک تي اٺر |

| | |
|---|---|
| چانهين | ميوو، هنداڻو |
| چاڙو | پوک جي گلن جو چٽڻ |
| چاڙو | اڏ ۾ رهيل ٿورو پاڻي |
| چاڙو وهڻ | ٻڏل اڏَ جو نيڳال وهڻ |
| چٻَرَ | گاهه جو قسم، جيڪو گهوڙن ۽ گڏهن جو تمام وڻندڙ کاڌو آهي |
| چٻراٽو | چٻر واري زمين |
| چٻر کوهه تہ مارئيءَ جون رڍون ٻک مرن | ڪنهن جو نقصان ڪرڻ |
| چَٻِڪو | پاڻي ۾ پوڻ جو آواز |
| چٻو | فيش يا ڪجهيءَ مان ٺهيل وڏو ٽوڪرو |
| چِٻي | ٿوري تڪڙي چڪ، سيڪ اچڻ |
| چِٻي اچڻ | کهڪاءُ اچڻ، ڏکُ ٿيڻ |
| چِٽالُو | گاهه جو قسم، (لوسڻ گاهه جو قسم) |
| چٽ ڪيڙ | ٻنيءَ ۾ ناڙيءَ کان سواءِ ٻج ڏيڻ |
| چِٽڻ | ٽيڙ پکيڙ، ٻج چٽڻ |
| چَٽِيهه لکڻو | ڀاڳ ڀريو، بختاور |
| چَٽي | ٻار جي ڇهين رات هڪ رسم، جنهن ۾ سوڻ ساٺ ڪن ۽ ٻار جو نالو رکن، ٻار جو ستين ڏينهن ڪيل ڀَتُ يا خوشي |
| چِپرُ | ڪکن مان ٺهيل گهرُ، جبل |
| چِپر چاڻوَ ڪرڻ | اجهو ٿيڻ، هٽ رکڻ |
| چپنو | وڏو ڏڪار (1856ع وارو ڏُڪارُ) |

| | |
|---|---|
| چيٽو | لڪٽو |
| ڇَڄُ | وڏو تلاءُ |
| ڇُڇِڪَر، شُشِڪَرَ | هَڪَلَ |
| ڇُڇِڪر ڪرڻ | هڪل ڪرڻ، آيارڻ |
| ڇُڙڪنڌي | هلڪو پاڻي ڏيڻ |
| ڇَڙهڻ | صاف ڪرڻ |
| ڇڙهو | لڙهو، ڊگهو داسو، ڪنوارو، رنيلُ |
| ڇَڙِهيون | لَتُون، وڏا ڇانيا |
| ڇَڙِهيون هڻڻ | ڦٽڪڻ، ڪوشش ڪرڻ |
| چَڪِڙو | پلي ڊڳي جو قسم، ڊڳي ڳاڏي |
| ڇِڪر | ڊڳن يا اُٺَ ڪي منهن تي ڇاڙهيل ڇاريءُ جو سنڌ |
| ڇِڪي | ڏُن جو رڙهي وڃڻ |
| ڇِڳو | ڇهن ڏندن وارو ڍور، ڇهن ڏندن واري ڏانداري |
| ڇُڳو | وڏو مُڇو |
| ڇَلَ | بني ڪي ڏاندار سان هڪ پاسي ٻڌڻ، پاڻي پيئڻ لاءِ نڪر جو گلاس |
| ڇِل | سنهو ڇوڏو |
| ڇِل ونڻ | ڇوڏو لاهڻ |
| ڇَنَ | ڊِنڊي، هيٺاهين |
| ڇِن | نرو لهڻ، ڇڇڻ |
| ڇَنڊُ | مِڪِرُ، مَڪَرُ، ڏانءُ |
| چِنڊَ | دڙڪو، هلڪي سزا |

| | |
|---|---|
| چنڊا هڻڻ | الزام لڳائڻ |
| چنڊائڻ | خالي ڪرڻ |
| چنڊَ ڪيڻ | هاها ڪرڻ، دڙڪا ڏيڻ |
| چنڊڻُ | صاف ڪرڻ |
| چنڊو ڏيڻ | ٿوري چڻڪار ڪرڻ، آٿوسڻ |
| چنڊون پوڻ | ٿورو مينهن پوڻ |
| چَنڊو هڻڻ | ٿارڻ، تسلي ڏيڻ |
| چَنو | پَتَ لاءِ مَنَهُه |
| چُوٽِ | چِٺَ، موڪل، اجازت |
| چوڏا لاهڻ | ترڻ، ڪلون لاهڻ، شرمندو ڪرڻ |
| چوڏو | ڪاٺ جي ڪل |
| چورو | يتيم، بيواهو |
| چورو پنجهو | پورو پنجهو، پوريءَ طرح نه جميل مٽي |
| چورو پاڻ زورو | بي چيو، نافرمان |
| چوه چنڊڻ | ڪاوڙ ڪرڻ |
| چوهو | واءَ جو وڏو جهوٽو |
| چوهو اچڻ | واءَ جو جهوٽو اچڻ |
| چَهاٽُ | نار جي منهن ۾ پاڻي جي مٿان وارو لَڙهو |
| چَهاسُ | چهه ڪنڊو، جاميٽري جي شڪل |
| چهه ڏندو | چهن ڏندن واري ڏانداري |
| چَهِي | ڪنڊن جي ننڍي ٽاري، پنن ڪکن جي روڪَ |
| چُهي ڏيڻ | همت ڪرڻ |
| چينڪ | ريچڪ، اوچتو چولو |

| | |
|---|---|
| ڇيرا ڏيڻ | ڇيڙائڻ |
| ڇيرو | اوزار کي روهي تي تکو ڪرڻ |
| ڇيڙ | ونگار، زمينداري سڏ (جنهن ۾ هاري بنا اُجوري ڪاٽيءَ وغيره جو ڪم ڪندا آهن) |
| ڇيڙو | پڇڙي، ڇوٽي |
| ڇيڙي نبيري | نياءُ، فيصلو، انصاف، نبيرو |
| ڇيڪ ڇڏڻ | ڇڙواڳ ڇڏڻ، رنڊڪ نہ وجهڻ |
| ڇيٽا | مال جي فضلي مان سڪايل ٻارڻ |
| ڇيٽا پورڻ | لائي چائي ڪرڻ، جهيڙو وجهائڻ، ويڙهائڻ |
| ڇيٽو | ڳائي ۽ ماهي مال جو فضلو |
| ڇيهہ ڪرڻ | دنگ ڪرڻ |
| ڇيهو | نقصان، ٽوٽو، واڌو |

# خ

| | |
|---|---|
| خراب | بُڇڙو، گندو |
| خرار | ست ڪاسا يا چوويهہ مڻ |
| خريف | ڪَتيءَ جو فصل |
| خواب | ننڊ، سپنو، ننڊ ۾ ڏٺل، اونگهہ، آرام |
| خيرُ | چڱو ڪم، ڀلو |
| خير جي خبر ڪرڻ | سُک جو سنيهو ڏيڻ، چڱي ڳالهہ، واڌائي ڏيڻ |

# د

| | |
|---|---|
| داٻ | ننڍي ڪاٺي يا لوھ جي ڏري، جنھن سان ٽيڪ ڏئي وزن ڪٽجي |
| داٻ ڏيڻ | ٽيڪ ڏيڻ، زور ڏيڻ |
| داٻئون | اوپارو، مٽيرو |
| داٻو ڪرڻ | زور ڏيڻ، دٻاءُ ڪرڻ |
| داسو | ڪاٺ جو ننڍو لڙھو، شھتير، پوک کي ڪوبہ پھتل نقصان |
| داغ | ٽِڪو، ڏٻو، نِشانُ، ڍورن کي تتل سيخ سان ڏنل نشان |
| داٽا | ڪٽا |
| داءُ | وجھہ، وارو، ٻُل |
| دُٻو | ننڍڙو تلاءُ، جنھن ۾ پاڻي ھجي |
| دَرگُذر | ڇڏڻ، معاف ڪرڻ |
| دُري | گاڏيءَ ۾ لوھ جي سيخ |
| دَڙَڻُ | ٻيھي وڃڻ، گوڙ ڪرڻ، وَلَ ڪرڻ |
| دڙو | وڏو ڍِڳ، انبارُ |
| دَڙي داٻ | زمين جي ٻارن ۾ رھيل ھيٺ مٿانھيون |
| دڙي داٻ ڇندڻ | سنوت ڪرڻ |
| دَرجَڻ | تورو لَنجڻ |

| | |
|---|---|
| ڊِڪو | سرن سان ڀڏل اَوانڊو |
| ڏُڪڻ | پوک جو ڏسڻ جهڙو ٿيڻ، ٻاهہ جو ڏُکڻ |
| ڏَڪي | پاڻي، کير، ڏڌ لاءِ ٺڪر جو ٿانو |
| ڏَڳُ | گس، پيچرو، رستو |
| ڍِلو | پاڻيءَ لاءِ ٺڪر جو ٿانو |
| ڏَمبهو هڻڻ | زور سان نعرو هڻڻ |
| ڏَنِ | انبار، ڪانن جي ڏَنِ |
| ڏُنب | نار جي لٺ جو ٿولهہ وارو حصو، جنهن ۾ ٻائڙ لاءِ سل هوندا آهن |
| ڏُنبارڻ | ٻني کي ٿلهو ڪرڻ |
| دونبرِ | ٿلهاڻ |
| ڏَنگ | حد، نشان |
| ڏُورِي | پرانهين |
| دوڳُ | وڏو ٻُنڊُ |
| دوڳَ | رليءَ کي ڪچو ڪرڻ |
| دولي | اڌ ديڳ |
| ڏُونهاٽيل | دونهين هاٽو |
| ڏُهرو | ڀتو، ڀيٽو |
| دَيانت | ايمانداري |
| دير | اوير، ليٽ، ڍرائي، ڍِلَ |
| ديرو | ٻارِ، حويلي، ماڳ |
| ديڳ | ڀت رڌڻ جو وڏو ٿانو |
| ديڳڙو | ديڳ جو ٽيون حصو |
| ديڳڙي | ديڳڙي کان ننڍو |

# ڏ

| | |
|---|---|
| ڏارڻ | نپائڻ، پالڻ، تاتڻ، لکي شاهه صدر جبل ۾ گرم چشمو |
| ڏاريون | اوپرو، پرائو |
| ڏاڙو | ڦُر، وڏو مزو |
| ڏاڪو | رعب تاب |
| ڏائڻ | ڦر جو ڪير پيئڻ |
| ڏائي | گاهه وغيره جي مُٺِ ڪي چئبو آهي، سفارش، پاسو وٺڻ |
| ڏائي ڏائي تي وڃڻ | ٿڙي پڪڙي وڃڻ، ڇڇي، ڪنڊري ڏار تي وڃڻ |
| ڏائي ڏيڻ | مُڙهي ڏيڻ |
| ڏائي وجهڻ | پارت ڪرڻ، ڪنهن جي پاران پوڻ |
| ڏَر | ڪارنهن لڳڻ، ٿڪو لڳڻ، بيحيائيءَ جو ڪم |
| ڏُرِ | پارٽي، ٽولي، جماعت هڪ طرفي |
| ڏراوت | امانت، رکيل ملڪيت |
| ڏرتي | زمين، ڀُون |
| ڏَر جهلڻ | دپ جهلڻ، زور جهلڻ، اُرهه ڏيڻ |

| | |
|---|---|
| ڏَرڻ | رڪڻ، چِڏڻ |
| ڏَر وَر چڙهڻ | حد درجي جو متارو ٿيڻ، مهوڙ لڳي وڃڻ |
| ڏڪُ | نوڪر، نقصان، جُٺ |
| ڏڪ لڳڻ | نقصان پوڻ، ڇيهو رسڻ، ٽوٽو پوڻ، واڌو پوڻ |
| ڏُڪو | وڏو ڏندو، خيالي ڳالهه |
| ڏڪ هڻڻ | ضرب هڻڻ، نقصان ڪرڻ، تڪليف ۾ آرام اچڻ |
| ڏمرچو هڻڻ | تمام گهڻي خوشي ڪرڻ |
| ڏوبو | دابو، جهنجهوڙ |
| ڏوڏو | لوڏو |
| ڏوڏي ڏسڻ | چتائي ڏسڻ، آخري طرح ڏسڻ، آزمائڻ |
| ڏُوڙ | دز، خاڪ، ڇائي |
| ڏُوڙهيو | ڦهڪو، مٽيءَ وارو وڏو طوفان |
| ڏوڙهيو وائڙڻ | ٻار جو يا مٽيءَ وارو اَن وائڙڻ، اجائي ڪوشش ڪرڻ |
| ڏُوم لڳڻ | لهر لڳڻ، خوشي اچڻ |
| ڏُوڻ | لوڏو (ڪنڌ يا وڻ ڪي) |
| ڏوڻ ڪٽڻ | ڇونڊي ڪٽڻ |

# ڏ

| | |
|---|---|
| ڏابَ | گوڏ، ڏاڍي مار |
| ڏابَڻُ | ڏاڍي مار ڏيڻ، ڦٽائي ڇڏڻ |
| ڏابي وجهڻ | ڦٽائي وجهڻ، اڌ مئو ڪري ڇڏڻ |
| ڏاٿ هڻڻ | چڪي ڏسڻ |
| ڏاٿڻ | ڏاڙهڻ |
| ڏاڍي | سخت، گهٽي، سخت زمين |
| ڏارڻ | چيرڻ، ڦاڙڻ، ڏيجارڻ، ڪاٺ ڏارڻ |
| ڏاڪڻ | چاڙهي، سيڙهي |
| ڏاڪو | ڏاڪڻ، در وغيره جو ڏاڪو، ماڻهوءَ جو مجاز |
| ڏاڪر | وڏي ڪُتر |
| ڏاٽو | لوهه مان ٺهيل ڏندن وارو اوزار، لاباري يا گاهه وغيره لاءِ |
| ڏاٽو گهمائڻ | ڏاٽي سان گُڏ ڪرڻ |
| ڏاٽي | ڏاٽي جو ننڍڙو قسم |
| ڏانڊُ | ڍڳو، بيل، موڳو ماڻهو |
| ڏانڊُ ڏهڻ | اجائي ڪوشش ڪرڻ، ڪنجوس مان ڪم ڪڍڻ |
| ڏاندارُ | هاريءَ جو ٻنن ڪڍڻ جو اوزار |
| ڏاندارُ ڇڪڻ | ٻني ڪيڻ وات رستي سان ڇڪڻ وارو ڪم |

| | |
|---|---|
| ڏاندارُ ڏيڻ | ٻنو ڪڍڻ وقت ڏاندار جي ڳن جي پاسي واري ماڻهوءَ جو ڪم |
| ڏاندارِي | ڏندن واري پاهوڙي، جنهن جا چار يا ڇهه ڏندا هوندا آهن |
| ڏاندارِي گهمائڻ | ميڙي چڏڻ |
| ڏانڊِي | ٻوٽي جي سنگ وٽ هيٺيون حصو |
| ڏانءُ | اٽڪل، ڍنگ |
| ڏانءُ هجڻ | اٽڪل هجڻ، سمجهه هجڻ |
| ڏانوڻُ | شاديءَ ۾ گهوٽ کي سَوڻ ڪرڻ، جهنگ ۾ چوڙيل اُٺ کي هري هلڻ لاءِ داڦوڙن وٽ ٻڌل رسو |
| ڏائڻِ | ماڻهوءَ جي دشمن |
| ڏائڻُ | رٽڻ |
| ڏٻَرِ | گڏ ٿيل پاڻي، نيڪال |
| ڏٻر چنڊائڻ | رهيل پاڻيءَ کي چنڊائڻ |
| ڏُٻِرو | اُپرو، هيٺو، تنگيءَ ۾ پيل |
| ڏُٻرو ٿيڻ | اپرو ٿيڻ، ڪمزور ٿيڻ، ڪٽي پوڻ |
| ڏٻرِيءَ کي مڇر گهٽا | هيٺي تي هر ڪنهن جي ڪاهه، |
| ڏُڇي ۾ پوڻ | ڦاسي وڃڻ |
| ڏڏَرُ | اڌ گيدو، اڌوري، بيماريءَ جو قسم |
| ڏڏِرجڻ | ڪم جو ڦٽل هئڻ |
| ڏڏَرڻ | ڪم ڦٽائڻ |
| ڏُرُت | ڏڪار، قحط، مهيءَ لڙ، دنگو، فساد |
| ڏُرت لهڻ | سڪار ٿيڻ، ڏک ڏاڪڙا لهي وڃڻ |

| | |
|---|---|
| ڏُڙه | رنج، ڪاوڙ |
| ڏڙهه ڪرڻ | رنج ٿيڻ، گرم ٿيڻ |
| ڏُڪُ | ڪانيءَ جو ٽڪرو |
| ڏُگهه | ڊگهو ماڻهو |
| ڏُلهو | ننڍو ڪارو، ڪانيءَ لاءِ استعمال ٿيندڙ ٽوڪري |
| ڏُنبُ | داغ، جيڪو علاج لاءِ ڪبو آهي |
| ڏنب ڏيڻ | ساڙڻ |
| ڏُندو | ڏاٽي، ڏاندار جو ڏند |
| ڏنبو | بانٺو، ٻنگار |
| ڏِنگ تي ويهڻ | سُجو ٿيڻ |
| ڏِنگو | ڦڏائي، اٽانگو، ضدي، حرڪتي |
| ڏُنو | ڏڪ جو نشان |
| ڏِنونهين | گاهه جو قسم |
| ڏوبَ | ڳولا ڦولا، جانچ پڙتال |
| ڏوبِ | مال مان ڪير ڏُهڻ |
| ڏوڏِي | ڪٽڪ جو ڏارو پسائي، صبح مهل اُن کي وجهبو آهي |
| ڏوراپو ڏيڻ | شڪايت ڪرڻ |
| ڏورَڻ | ڳولي لهڻ، سڻاءُ ڪرڻ |
| ڏورٿا ڏيڻُ | جهڙي تهڙي حال ۾ ويهڻ |
| ڏورٿو | ٻاجاريءَ جي ڪاني، جيڪا ڍڳن جي ڪنڌ ٻاهران وجهبي آهي |
| ڏورٿو ڏيڻ | همراهي ڪرائڻ، واڳجڻ |

| | |
|---|---|
| ڏورِٽي | ٽيپريءَ جي پلسي وهندڙ ڍڳي کي آڙ ڏيڻ لاءِ ڪاٺي |
| ڏورٽي تي ويهڻ | ڪم ۾ دلچسپي نہ وٺڻ |
| ڏوسو | شرم، ڪنجوس |
| ڏوڪِ ڏوڪان | بنهہ ٽڪڙو پيئڻ، هيچ ڪرڻ |
| ڏوڪڙ | ناڻو |
| ڏوڪڙ | اهو گاهہ، جنهن کي پن نہ هجن |
| ڏوگهو | اُلي، گهٽي اُڃ، پاڻيءَ مان ڍؤ نہ ٿيڻ |
| ڏونهين | بيئي |
| ڏوهہ پيا ڏڪن | تمام گهڻو ڊڄڻ |
| ڏوهَرِ | بيٺو ڪم |
| ڏوهر وهڻ | وڏيڪ ڪم ڪرڻ |
| ڏهہ ئي ڏوڪڙ لسا | ٽيو ئي اونڌو، ڪجهہ نہ سُرڻ |
| ڏِهارڻ | ڪم جي شروعات ڪرڻ |
| ڏِهارڻ ڪرڻ | ڪم جي شروعات ڪرڻ |
| ڏِهاڙي | روزانو مزدوري |
| ڏيب | ڏاج |
| ڏيتي ليتي | وهنوار |
| ڏيڍ ڪجور | ٿورڙي پوک |
| ڏيڍو | تاڏو |
| ڏيڍي گِنڍ | گِنڍ جو هڪڙو قسم |
| ڏينهن جا تارا<br>ڏيڪارڻ | گهٽي سيڪت ڏيڻ |
| ڏينو | وونئڻ جو ڏيلهو يا گوگڙو، |
| ڏيهہ | وطن، ديس، ملڪ |

# ڊ

| | |
|---|---|
| ڊاپو | ڊپن واري زمين |
| ڊاٺ | پوک جو ڪِري پوڻ |
| ڊاڙ | ٻٽاڪ، لباڙ |
| ڊاسوڙ | وارياسو |
| ڊاسوڙو هٽڻ | تيز هٽڻ |
| ڊاک | ميوي جو قسم، انگورن جو قسم |
| ڊاماهو | ڪنڊن واري هڪ ٻوٽي جو قسم (خارش جي بيماريءَ ۾ ڊاماهو پاڻيءَ ۾ ڪاڙهي وهنجڻ لاءِ ڪم ايندو آهي) |
| ڊانبُ | پاڻي تمام ڀرجي وڃڻ |
| ڊانبرجڻ | ڀرجي وڃڻ |
| ڊانبرائڻ | گهڻو پاڻي ڏيڻ |
| ڊانبڙ | تمام وڏو |
| ڊانوان ڊول | وسلائڻ، ٽيڙڻ پکيڙڻ، ابتو سبتو ٿيڻ |
| ڊِپَ | واريءَ جو دڙو، ڍير يا ڍِگ |
| ڊَپُ | گاهه يا ڪک جو قسم |
| ڊَپوري/ ڊاپوڙي | ڊپن جا انگور |
| ڊَپُ | ڊڄ، خوف، ڀَؤ |

| | |
|---|---|
| ڏَڏُ | وڏو پيٽ |
| ڏِڏو | سنگ جو ڪوپو |
| ڏَڙڻ | ڏاڍي مار ڏيڻ |
| ڏُسڙ | ڏُڌڙ، ڏوڙ، رَئي |
| ڏُسڙ ۾ پير هڻڻ | اَلي وڃڻ، نه ميڄڻ |
| ڏَڪَ | اجايو گوڙ، ٻَڪ |
| ڏُگ | پنڌ جو قسم |
| ڏِڳ/ ڏاڳَ | ڏڌڙ |
| ڏِگهه | پاڙ، وڏي رسيءَ ۾ مال کي چرڻ لاءِ ٻڌڻ |
| ڏِنبَ | ٽڪڙو هلڻ |
| ڏوڏو/ ڍوڍو | ٿلهي ماني، ڳِلي |
| ڏوڙَ | ٿاپي، تمام ٽڪو پنڌ |
| ڏَول | نمونو |
| ڏول | لوهه جو ڦڙڪو |
| ڏُوهَه | رومڙ، تمام ٽڪڙو ڪم |
| ڏوهُه | ڪوٽ، فريب، دولاب، ٺڳي |
| ڏُوهه ڏيڻ | همت ڪرڻ |
| ڏوهه ڪرڻ | ٺڳي ڪرڻ، تعويذ، پڙهيا وجهڻ |
| ڏُهي | ٻاجهريءَ جا ٻوها |
| ڏَهي پوڻ | ڪري پوڻ، ٿڪي پوڻ |
| ڏُهي هڻڻ | ڏَت ڪرڻ، لهرائڻ |
| ڏيٺ | بي چيو |

| | |
|---|---|
| ڊيچارو | خوابِ ۾ ڊڄڻ |
| ڊيڊ | هڪ ذات |
| ڊيڊي | هُرلي جي لٺ، گاڏيءَ جي ڦيٽي ۾ سرائيءَ کي جهليندڙ ڪاٺ جو ٽڪرو |
| ڊيڪارڻ | للڪارڻ |
| ڊِيڪڻ | اجايو رُلڻ |
| ڊيلاهيو | سُست، ڪاهل، دير ڪرڻو |
| ڊيل | مور پکيءَ جي مادي |
| ڊينبَ | ڏاڍي مار |
| ڊينڊيو | نار جو پاندو |
| ڊيلهہ ڪرڻ | سُستي ڪرڻ |

# ڊ

| | |
|---|---|
| ڊابون ڪرڻ | گوڙ ڪرڻ |
| ڊارَ | شامل، ٽور |
| ڊارا | فال وجهڻ جون ساريون، اَنَ جا وڏا داڻا |
| ڊارا وجهائڻ | فالون وجهائڻ |
| ڊارڻ | لاهڻ، لاڙڻ، وارڻ |
| ڊاڪو | چيٽ جو فصل، جنهن تي نارن جي ڀڙ ڪري چاڙهڻ ۽ ان تي پوک ڪرڻ |
| ڊاڪو پچڻ | ڏکي پوک پچڻ |
| ڊانڊيو | وڏن سِگَن وارو ڍڳو، اپرو ڊور |
| ڊانڊيو ٿيڻ | جهور ٿي وڃڻ، ڪم لهي وڃڻ |
| ڊان ڊان ڪرڻ | اجائي ٻَٽاڪ هڻڻ |
| ڊانگهرِ | ڪندن جو وڏو ٽارُ، ڊينگهر |
| ڊاوَل | سکيو ماڻهو، ڪائي پيٽ پرڻ |
| ڊِٻري | ٽوري اَن جي راهه |
| ڊَٻو | بُري عادت |
| ڊَٿُ | ٿر جو علائقو |
| ڊِرڪڻ | هري هلڻ، گهٽو ٽڪجي پوڻ |
| ڊِرو | آهستي، هري |
| ڊَريو | لٽو، مڙي ويو |

| | |
|---|---|
| ڏُڪ | چرون، تورو پاڻي |
| ڏُڪ ڏُڪ ڪرڻ | ڏاندن کي جوٽڻ وقت آواز ڪڍڻ |
| ڏڪائڻ | ڀهرائڻ، پارائڻ |
| ڏَڪر اچڻ | تمام گھٽيون ڳٽيون ٿيڻ |
| ڏَڪرجڻ | بيهوش ٿي وڃڻ |
| ڏَڪَڻ | دلي، مٽ ۽ چاڏيءَ جي مٿان ڍڪڻ لاءِ ٺڪر جو ڍڪُ |
| ڏَڪِڻ | اوڍائڻ، ڀرڻ، لڪائڻ |
| ڏَڪِي | مُنهن اُونداهي، منهن ميرن، ڀنيرڪي ويل، صبح ڪان اڳ |
| ڏَڪيل | اوڍيل، پردو ڏنل |
| ڏِڳ | انبار، ڍير |
| ڏِڳ ڪرڻ | انبار لڳائي ڇڏڻ |
| ڏِڳ لڳي وڃڻ | اَنَ جو جام ٿيڻ |
| ڏِڳو | ڏاند |
| ڏِڳي | ڳئون، ڳانءِ |
| ڏَل | حڪومت جو زمين تي محصول |
| ڏنڍ | پاڻيءَ جو تمام وڏو تلاءُ |
| ڏنڍورو ڏيڻ | پڙهو گھمائڻ |
| ڏَنگُ | اٽڪل، تجويز، نُونجڻ (ڄُونيجڻ)، جيڪو مال کي وجھي ڏھبو آهي.* |
| ڏنگھر | ڪنڌن وارو ڇانيو، اپرو ڍور |

• لاڙ ۾ ڏنگ کي ”ڄُونجڻ“ چوندا آهن.

| | |
|---|---|
| ڊنگھر اچڻ | در پورجي وڃڻ |
| ڊنگھر ڏيڻ | ڪڙھ ڏيڻ |
| ڊور | حلال جانور |
| ڊوري | هيناهين، متاري ڊور جي پنيءَ جي متان ماس جي نيسر ٿيڻ، ٻني جو هيناهون پاسو، مال جو تمام متارو ٿيڻ |
| ڊوري هٽڻ | تمام متارو ٿيڻ |
| ڊوري هئڻ | زمين جو هيناهون هئڻ |
| ڊونگ | مِڪر، مِنهن، اجايو بهانو |
| ڊُونگر | دونهون |
| ڊونگو | اپرو وهٽ، پنيءَ وارو ڪندو، ڪرنگھو |
| ڊولڻ | سهڻو، محبوب، منٺار، معشوق |
| ڊوئڻ | ڪٽي وڃڻ، اَن ڊوئڻ |
| ڊوئڻو | خوشيءَ جي وقت ڪاسبيءَ جو ڪٽي آندل سامان |
| ڊيڪي ڪاتي | بي ضميرو |
| ڊير | وڏو ڊِڳ، ٿلھو مڙس |
| ڊيرو | ڦورو، ڏاڳن جو ويڙهو |
| ڊيري | ننڍي ڊِڳڙي، سُٽ جي ويڙهي |
| ڊيري ٿي پوڻ | ويڙهجي سيڙهجي ڪري پوڻ، ڊهي پوڻ |
| ڊينڊو | نار جو ٻائڙ |
| ڊينڊو ٺوڪڻ | نار جو پاندو ٺوڪڻ |
| ڊينڊو ڊهڻ | ٺهيل ڪم ڦٽي پوڻ |
| ڊينڊو ڊيري ٿيڻ | ناس ٿي وڃڻ |
| ڊيل | ڊر |

# ر

| | |
|---|---|
| رانوڙ | مردانو، ذات (راجپوت) (مڙس تہ ڪو رانوڙ آهين) |
| راڄا پرڄا | پئنچات |
| راڦو | گپ گاڏئون پاڻي |
| راڳ آلاپڻ | اجايو ڪرڪڻ، ڪنجهڻ |
| راڳا ڪرڻ | حد کان وڌي وڃڻ |
| رانيوڙو | رهڙ |
| رانيُوڙو هڻڻ | رهڙو هڻڻ |
| رانهہ ڪڍائڻ | دانهن ڪڍائڻ |
| راهہ | اڃو ٽيل اَن جو انبار، گس، پيچرو |
| راهہ ڪرڻ | اَن تيار ڪرڻ |
| ربيع | سياري جي پوک، چيٽ |
| رُتِ | موسم، مند |
| رَتِي | بيماري، جيڪا خاص ڪري ڪٽڪ کي لڳندي آهي |
| رِئَڻ | ڏانئڻ، سٽڻ |
| رِپ | ڳرو بار، تمام چالاڪ ماڻهو |
| رُڄَ | سُڄ، ڪوڙو ڏيکاءُ |

| | |
|---|---|
| رَچائڻ | رگڻ، رتڻ |
| رَڇُ | ٿانءُ، ڇاري |
| رِڏُ | ڪَچو، اڻ پڪل |
| روڏ ڪڏائڻ | مستي ڪرڻ |
| رُڏ | ڪارو |
| رُڪَ جا ڇٽا ڇڻڻ | اڻ ڪانيو ڪم ڪرڻ |
| رَڪَ | اَن جي راهه ڪي ٻاهران ليڪو، رکپا، ڪِري |
| رَڪَ پڇڻ | ڪِري پڇڻ، پرهيز پَچڻ |
| رَڪ ڪڍڻ | اَن جي ڇوڏاري بسم الله ڪري ليڪو ڪڍڻ |
| رَڪَ ڪڍي ٻيهڻ | ڏکهي ڳالهه ڪرڻ |
| رَڳ ڇڪڻ | نسل جو اثر ٿيڻ |
| رڳڙو | اجايو جهيڙو |
| رُڳهه | ڪاڙهو، گرمي |
| رُنبَ | وهر، رونبو |
| رَنبو | گُڏ ڪڍڻ جو اوزار |
| رنبو ڪٽي پنيان ڪاهي پوڻ | خوامخواهه تنگ ڪرڻ |
| رنبي | بصر مان گُڏ ڪڍڻ لاءِ ننڍڙو رنبو |
| رنڀ | ڳائي ڍور جو آواز |
| رنڀڻ | اجايون دانهون ڪرڻ |
| رُنڍ | ڳئون، مينهن يا ٻڪري جو ٿڻ ويل |
| رَنڍجڻ | پاڻيءَ جو ٻاري مان پچي پوڻ |
| رَهِڙو | اڙي، گهِڪو |

| | |
|---|---|
| روتِ | جوئر يا ٻاجهري جا ٻوڙا هڪ هنڌان ڪڍي ٻئي هنڌ هڻڻ، سارين يا ٻصريءَ جو رونبو |
| روت هڻڻ | چُنگيون هڻڻ |
| رُوٽي | ٻنيءَ کي ڪاهٽيءَ جو پاڻي ڏيڻ |
| روڳي | وهر، بيمار، سُست |
| رونبو | وهر، ويڙ جو قسم |
| رونبو ڪرڻ | سارين ۽ ٻصر جي پوک ڪرڻ |
| رُوٽي ۾ رلائڻ | ريج ۾ وجائي ڇڏڻ |
| رُوڻِ | سيمو (پاڻيءَ جو) |
| رُوڻ پوڻ | سيمو ٿيڻ |
| رُوٽي ڪرڻ | ريج ڪرڻ |
| روها ڏيڻ | ڏک ڏيڻ، سور ڏيڻ |
| ريتڙا ظاهر ٿيڻ | ٻاجهري جي منڊ جو پاڇاٽو ٿيڻ |
| ريٽڻ | ميساري ڇڏڻ |
| ريپڙي | وَل جو ميوو (گدري جهڙو) |
| رِيپر (انگريزي) | لاباري جي مشين |
| ريجُ | پوسل، مرض جو قسم |
| ريتڙو | ننڍڙو ميرو پکي |
| رِينگٽُ | نار جو آواز، اجائي ڪُر ڪُر |
| رِينگو | ڪلڪل، گهپي |
| ريل چيل ڪرڻ | جالارو خرچ ڪرڻ، موج ڪري ڇڏڻ |

# ز

| | |
|---|---|
| زبرو | ڏاڍو مڙس، "جبرو" مان نڪتل |
| زبون | ناس، چَٽ |
| زَر | سون، ناڻو |
| زرخيز | پلو، سٺو |
| زرعي پيدائش | پوک جي پئداوار |
| زُوڪو | سگهو، ٿلهو، متارو |
| زمين | ڌرتي |
| زميندار | زمين وارو |
| زميداري حصو | زمين جي ڍڳيءَ جي پتي |
| زهر/ زِر | تيز، وهڻ ڪي گهٽو ذهن |
| زهرو | چڙ وارو |
| زور | سگهه، طاقت |
| زورآور | ڏاڍو مڙس |
| زور اڳيان زاري | ڏاڍي جي لٺ ڪي ٻه متا، نه پُڇڻ |
| زور جهلي زور ڪي | ڏاڍي مڙس ڪي ڏاڍو مڙس جهلي |
| زيتون | ميوي جو قسم |
| زير زبر ڪري ٻڌائڻ | چٽو ڪري ٻڌائڻ |
| زيور | گَهه |

# س

| | |
|---|---|
| ساڏارڻ | ساڪارڻ، سُڌارڻ |
| ساڪار | سڌار، مرمت |
| ساڪارڻ | سڌارڻ |
| ساڪڻ | نلها سنگ |
| سامايل پوک | تيار ٿيل پوک |
| سانگهارو | پاڻيءَ جي لاهي وارو نار، جيڪو نار ڳرو ٿئي |
| سانگهارو ڪرڻ | پاڻيءَ جو تمام هيٺ لهي وڃڻ |
| سانگهارو هڻڻ | ڪم جو ڪلو لڳڻ، گهٽو ڪَرُ هڻڻ |
| سانوڻ/ سانوڻي | مينهوڳيءَ جي مُند |
| سانئُون | ڏُتَ جو قسم |
| ساڻَ | هرن ڪاهڻ ڪان پوءِ هَرن جي منڍن ۾ ڪنيل جاٽ |
| ساڻ ڪٽڻ | ڪاهيل هرن جي منڍن ۾ جاٽ ڪٽڻ |
| ساهي پوک | وارو، واري وارو فصل |
| ساهيءَ واري ٻني | وساڻل ٻني |
| سائو | سبز |
| سائي ڪرڻ | رجائڻ، ريج ڪرڻ |
| سپرو | طاقتور، اُپري جو ضد |

| | |
|---|---|
| ست ڪوئا ڪائي ٻلي هلي حج تي | گنهگار ماڻهوءَ جو پاڻ کي سَتو سمجهڻ |
| سُتي بلا تي لت ڏيڻ | ڪنهن جي خوامخواهه ڇُر ڪرڻ |
| سَتِري | ڪُهڙي (گاهه، ڪڻڪ وغيره جي) |
| سَرُ | اهو ٻوڙو، جيڪو ڇپرن ٺهڻ جي ڪم اچي |
| سرِڙيو | اڪيلو هاري (جنهن کي پنهنجو جوڙو نه هجي ۽ چوڙِ تي آبادي ڪري) |
| سِر وندٻير | اهو ماڻهو، جيڪو رڳي پنهنجي ڪمائيءَ جي ونڊي ڪٽي |
| سَرنهن | تيلي ٻج |
| سِرنهن | وڻ جو نالو |
| سرءُ | اونهاري کان پوءِ آيل مُند، خزان |
| سَري | ڇڪر جي اها پٽي، جيڪا ٽاڻي مان لنگهي گُن تائين وڃي |
| سُڪ | ڪڻڪ جو مرض، جنهن ۾ سنگ اجا ٿيندا آهن |
| سُڪل | ٺوٺ ٿيل |
| سِڪت | شروعاتي طور سکڻ |
| سَڪڻا سلام | سڪڻي دُعا، پِٽ جي آچار |
| سگهارو | طاقتور |
| سلامي | ڪامن کي پاسن کان ستو ڪرڻ، اَڏَ يا شاخ کي پاس کان ستو ڪرڻ |
| سَلُ ڪيڻ | سوراخ ڪيڻ |

| | |
|---|---|
| سَل ڪرڻ | نهوڙي نيڻ |
| سَلَڻُ | سچي ڪرڻ، ٻاسڻ |
| سَلو | انگور |
| سِمَ | ٻنيءَ جو مرض، زمين ۾ پاڻيءَ جو نڪري اچڻ |
| سَموهڻ | ڏيان سان ڪم ڪرڻ |
| سُمهي سُڪائڻ | سُستي ڪري پوک ڦٽائڻ |
| سَنباهڻ | اَن اُچو ڪرڻ |
| سنيوڙو | سنبريل، تيار ٿيل |
| سَندَرَ | ڪريا ڪيڻ |
| سَنڌو | وٿي، سيڙهو |
| سَنڌُ | ٽانءُ، اوزار |
| سنڊيور | ڌيان سان چوڙڻ، سنڀالڻ |
| سَنهي جهار | ڄهرڪين جي جهار |
| سِٽي | پوک جو قسم |
| سوڀارو | فتح مند |
| سوٽا ملائڻ | پورائو ڪرڻ، نار جي چڪرين کي پاڻ ۾ ملائڻ |
| سوٽو | نار جي چڪرين کي هلائڻ لاءِ ڪڍيل ليڪا |
| سوٽو ڪيڻ | نشان ڪيڻ |
| سوٽي ۾ اچڻ | پورائي ۾ اچڻ |
| سُوئر هڪلڻ | پوک تان جانور هڪلڻ |
| سُورهيائي | بهادري |

| | |
|---|---|
| سوڪڙ | پاڻي جي تنگي |
| سُوگارو | سُوگ وارو، اُهو ڏور، جنهن کي جهڙو تهڙو ڪاڏو نہ وٺي. (اهو اصطلاح ماڻهوءَ سان بہ لاڳو ٿي سگهي ٿو) |
| سونٽو هجي ساڻ، تہ ڳنڍ ڳوهي نہ ڪري | جٽ موچڙي سان سِڌو |
| سونگڙي | ڦُٽيءَ جو ڪوپو |
| سونهاري | موچاري، برڪت واري، ڏاڙهي |
| سهاڳو | تڙُ، سَنهور |
| سهيڙڻ | چست سان ميڙڻ |
| سيلاب | اُٿل جو پاڻي، ٻوڏ جو پاڻي |
| سيبتو | ڏاهو، سلجهيل |
| سِير | هرن وهڻ وقت آندرو ڏيڻي کي پيل رسو، درياءَ جي سير، اعتبار وار، اعتبار |
| سير جو رسو | آندرو ڏيڻي ۾ پيل ڏگهو رسو |
| سيري، سيپري | اها ٻني، جيڪا زميندار پنهنجي لاءِ ڪاهرائي |
| سيڙهو | سَنڌو، حد |
| سيڪيل | پچايل، تَئُو ڏنل |
| سيڪت | سمجهاڻي، ڏاڍي مار |
| سيگهارُو | جلدائيءَ سان |
| سيمون | روڻِ |

# ش

| | |
|---|---|
| شاخ | وڻ جي ٽاري، پاڻيءَ جي نالي، پاڻيءَ جو ننڍو واهه |
| شام | سانجهيءَ جو وقت |
| شام ٿي وڃڻ | پرياڻي ٿيڻ |
| شُشُ | چِٽُ، اناڙي |
| شُشڪَرَ | هڪل |
| شُشڪر ڪرڻ | هڪل ڏيڻ |
| شَل ٿيڻ | پگهرجي وڃڻ، بيزار ٿيڻ |
| شل سانگي سڪيا هون، اسان تي اوٽ الله جي. | دعائيه جملو |
| شَمُ ٿيڻ | ٽڪجي پوڻ، پگهر ۾ شل ٿيڻ، پگهرجڻ |
| شَمُ ڪرڻ | مَڇُ ٻاري، باهه جا اُلا پيدا ڪرڻ |
| شملو | اُپو پٽڪو |
| شَملو ٻڌڻ | آيارڻ، ڦُلي ٻڌڻ |
| شَملو ڏسڻ | رئونشو ڏسڻ، تماشو ڏسڻ |
| شوپَ | ٽڪڙو ڪم ڪرڻ |
| شوپ لڳائي ڏيڻ | همت سان ڪم ڪرڻ |

| | |
|---|---|
| شوپو | همت، ريچڪ اچڻ |
| شوپو اچڻ | پور پوڻ، سوپو اچڻ |
| شوخ زمين | سخت زمين |
| شوڪَٽُ | واءَ جو زوردار آواز، بلا يا نانگ جي ڦُوڪ |
| شَهَ ڏيڻ | ڪاڻ ڏيڪارڻ/ هُشي ڏيڻ |
| شَهه ۾ پوڻ | وڏائيءَ ۾ پوڻ |
| شيرشاهه جو شڪرو، گهر جا ڪڪڙ ماري | پنهنجن مار ڪرڻ |
| شينهن جي ڪَنيءَ ۾ گدڙ پائيوار | نِڪمو ماڻهو ڪاڏي ۾ پائيوار |
| شينهن جي پنيان ڦيڪاري | ڪمزور ماڻهوءَ جو ڏاڍي جي پنيان ڪاهي پوڻ |

# ص

| | |
|---|---|
| صاب | سجايو، قبول |
| صاب پوڻ | قبول پوڻ، (جملو: پورهيو صاب پيو) |
| صاف | اُجرو، پاڪ، نبار، خالص، بي داغ |
| صاف ڪرڻ | اڇو ڪرڻ، اُجرو ڪرڻ، ٻهارو ڏيڻ، اَڻُ صاف ڪرڻ |
| صافو | ديڳ جي مٿان ڏيڻ جو ڪپڙو، پڳ جو خاص ڪپڙو، پٽڪي يا |
| صافي | حساب صاف ٿيڻ بعد باقي، باقي صاف بچت، صفائيءَ جو ڪپڙو، حجامت |
| صباح | صبح، فجر (علي الصباح) |
| صبح | سج اڀرڻ جي مهل |
| صدري | هڪ قسم جو لباس، جنهن سان فقط سيني ۽ پيٽ وارو حصو ڍڪجي |
| صلاحُو، صلاحي | صلاح ۾ گڏ، منصوبي ۾ شامل، ڪم ڪار ۾ گڏ، جُٽ، ساٿي |
| صندلي | ويهڻ لاءِ ڪاٺ جي منجي |
| صوفي پير | سنڌي پيرن جو هڪ قسم |

# ض

| | |
|---|---|
| ضاعفان | عورت، زال، زائفان |
| ضامن | ذميدار، ذمو کڻندڙ، ڪفيل، ڇت جي ڪام جي هيٺان ٽيڪ طور ڏنل ڪاٺي |
| ضرورت | گُهرج، حاجت، طلب |
| ضرورتمند | گُهرجائو، حاجتمند، طالبو |
| ضمانت نامو | ضامن پوڻ جي لکيت، ڪفالت نامو |

## ط

| | |
|---|---|
| طاق | ٻِت ۾ سامان رکڻ لاءِ تختو |
| طبيلو | گهوڙن ٻَڌڻ جي جاءِ، ڪُڙهه |
| طرف | پاسو، ڏِسَ، رُخ، ڌُر، هڪڙو پاسو |
| طرفدار | حمايتي، پاسو کڻندڙ |
| طهري | طاهري، ڳُڙ ۾ رڌل ڀَت، مِٺو ڀَت |

## ظ

| | |
|---|---|
| ظاهرداري | ڏيکاءُ، ٻاهريون نمونو، مٺاڄرائي |

# ع

| | |
|---|---|
| عادت | هير، عِلت، خصلت |
| عاقبت | پڇاڙي، خاتمو، آخرت |
| عاق ڪرڻ | جدا ڪرڻ، الڳ ڪرڻ، لادعويٰ ڪرڻ |
| عذرخواهي | فوتيءَ لاءِ افسوس جو اظهار |
| علي الصبوح | صبح سان، صبح سوير |
| عيال | ٻار ٻچا، ڪٽنب، آڪهه |
| عيالدار | ٻچڙيوال، اولادي، وڏي ڪٽنب وارو |
| عيالي | عيالدار، ٻچڙيوال |
| عيوض | بدلو، بدلي ۾ ڏنل شيءِ، اجورو، معاوضو<br>بدلو، موٽ ۾ ڏنل سگ |
| عيوضائو | عيوض ۾ ڏنل رقم، عيوضي ۾ ڏنل زمين |

# غ

| | |
|---|---|
| غار | جبل جي چُر، گُم، وڏو ڪڏو |
| غارت | گمشدگي، گُمُ ٿي وڃڻ |
| غربت | مسڪيني، مسافري |
| غرقي | ٻڏي ويل اَنُ |
| غرقي ٿيڻ | ٻُڏي وڃڻ، پاڻيءَ ۾ پُسڻ |
| غرور | هَٺ، وڏائي، پاڻ |
| غُلامي | ٻانهپ، گولپ |
| غلطي | چُڪ، سَهو |
| غَنيمت | ڀلائي، گهڻو مال هٿ اچڻ |
| غوغاءُ | هُل، هنگامو (ٻنيءَ تي غوغاءُ لڳو پيو آهي) |
| غوطو | ٻڏچڙهه، پاڻيءَ ۾ ٻُڏڻ |
| غِيبت | پر پُٺ ڳالهه ڪرڻ، گلا |
| غيرُ | ٻيو، ڌاريو |
| غيرآباد | ڦِٽل زمين |
| غيرآباد ٿيڻ | ڦٽي وڃڻ |
| غيرت | چِڙ، مَرَمُ |

# ف

| | |
|---|---|
| فاصلو | وِٿي، اوڙن ۾ فاصلو رکڻ |
| فاقو | ويلو پئجي وڃڻ |
| فال | ٽيٽو، ڏُکو |
| فائدو | نفعو |
| فتح | سوڀ، ڪاميابي |
| فجر | پرهه ڦٽي |
| فخر | هٺ، وڏائي، تڪبر، ناز، پاٽپٽو |
| فريب | ٺڳي، دوکو |
| فصل | پوک، مُند |
| فصل پلو ٿيڻ | گهٽي پئدائش واري پوک |
| فصل ڪٽڻ | پئدائش ڪٽڻ |
| فصل ڪَرڻ | ڍؤ ڪرڻ |
| فصل ڪِرڻ | پوک نه ٿيڻ |
| فقر | سيڪڙپڻ، پِن جي ماني |
| فڪر | اونو، ڳڻتي |
| فنُ | هُنر، چرچو |
| فيصلو | نياءُ، نبيرو |

# ڦ

| | |
|---|---|
| ڦاڏور | ٽڙيل سگن وارو ڏاند |
| ڦارُ | گهوڙي جو مُنهن وارو حصو، ڪاٺ جي چونيءَ جي منهن ۾ رُڪ جو ٽڪرو |
| ڦانڊَ | وڏي جهول، پنارڪ |
| ڦَٽڻ | زخمي ڪرڻ |
| ڦِٽڻ | ڪرڻ، دشمني پيدا ٿيڻ |
| ڦُٽڻ | گونج ڪڍڻ، انگورجڻ |
| ڦُٽيون | ڪڪڙن سوڙو ڪپهه |
| ڦِٽي وڃڻ | خراب ٿي وڃڻ، برباد ٿي وڃڻ، ناس ٿي وڃڻ |
| ڦُٽي وڃڻ | انگورجڻ، ڦوٽهڙو ڪرڻ |
| ڦَرُ | ماڻهوءَ يا جانور جو ٻچو، پوک جو ڦر، لوهه جي اوزار جو مُنهن، ٻانهن جي ڦڻي |
| ڦَرجڻ | چوپاين جو لڳڻ، ڳڀ جهلڻ |
| ڦَرُ جهلڻ | ميويدار وڻڻ جو مال جهلڻ |
| ڦَرسو | ڪڻڪ جي ڳاهه ڳاهڻ وقت ڍنگهرن جو ماڍل، جيڪو ڍڳن جي پويان ڦرندو گهلبو ايندو آهي |

| | |
|---|---|
| ڦَري | گوار، ولهور، مٽر، مسور، السي، سگ، سرنهن، ڄانبي، آهر، توري، مسوري وغيره جي اَن جهلڻ وارو ڪوپو |
| ڦِري وڃڻ | الي وڃڻ، موٽي وڃڻ، ڪوڙ ڪرڻ |
| ڦَرهي | نار جي ڀاندي ۾ ڪم ايندڙ هڪ ڪاٺي، جيڪي ڪل چوڏهن هونديون آهن. ٻاراڻي پڙهڻ لاءِ پٽي |
| ڦَرهيو | لئي، ڪِپُ، ڄار، ٻير، ڪنڊيءَ ۽ ٻير جي ٽاريءَ مان نهيل ٻهارو |
| ڦَريو ڏيڻ | ميڙڻ، ٻُهاري ڪٺي وڃڻ، صفائي ڪرڻ، اَولو پوڪو لاهڻ |
| ڦَريو گهمائي وڃڻ | هڙئي ٻهاري ڪٺي وڃڻ |
| ڦَڪُ | لَپ ڀري وات ۾ وجهڻ |
| ڦِڪَ | ڦڪاڻ |
| ڦَڪُ ٻه نه ٻچڻ | داڻو نه بچڻ، ڪجهه ٻه نه بچڻ |
| ڦَڪُ هڻڻ | لپون ڀري وات ۾ هڻڻ |
| ڦِڪا ڪانا چُوپڻ | ٻاڙو ٻولڻ، بي نتيجي ڪم ڪرڻ |
| ڦڪراڻ | ٿوري آڏوڪائي، ٻاڙائي، اڌ سڪل هجڻ |
| ڦڪرو ٿيڻ | آڏوڪو ٿيڻ، وٽ ۾ اچڻ، ريج جو ٻاڙو ٿيڻ |
| ڦِڪو | شرمندو، لڄي، زردو، لرزي، ٻاڙو، بي سوادو |
| ڦِڪو ٿيڻ | لڄي ٿيڻ، شرمندو ٿيڻ، ندامت ظاهر ڪرڻ |
| ڦَڪي | حڪيمن جي دوا، ٻُورو يا سفوف، جيڪو ترىءَ تي رکي وات ۾ وجهجي |

| | |
|---|---|
| ڦِڪي ٿي وڃڻ | بي زيبي ٿي وڃڻ، زردي ٿي وڃڻ، پيلي ٿي وڃڻ |
| ڦڳڻ | سنڌي هندن جي سال جو ٻارهون مهينو |
| ڦل | ميوو، ثمر، نتيجو، اجر |
| ڦلارجڻ | گل وارين ٻوڪن جو گل جهلڻ |
| ڦلارڻ | ڪنهن وڻ جو ٻور جهلڻ، گل جهلڻ |
| ڦلدائڪ | ميويدار، فائديمند |
| ڦل ملڻ | نتيجو ملڻ، عيوض ملڻ |
| ڦُلهورڻ | ٻوٽڻ، ٽيڙڻ، ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏڻ، ڪڙو ڪڙو ڪرڻ |
| ڦُلهيارُ | ڇار، خاڪ |
| ڦوٽ | سڏ جو ڏڪار وارو جواب |
| ڦوٽڙي | پوٽلي، گوتري، ٻُجڪي |
| ڦوٽو | پاڻيءَ جو بوگيڙو، ٻوڙيو، ڇٽي جي داڻن جو ڪوپو، الائچي، نر ڦوٽو |
| ڦوٽهڙو | بهار جي موسم، وڻن، ٻوٽن، ول ۽ گاهه وغيره جو ڦٽڻ |
| ڦودنو | هڪ قسم جو خوشبودار اوڙ (جنهن مان جوهر جو ست نڪري) |
| ڦورُو | لٽيرو |
| ڦوڙُ | ڇير، وڏو پتر |
| ڦوڙاٺُ | وڏو بند |
| ڦوڙي | ڦوٽ، انن جي داڦوڙي ۾ هيٺان ٿيندڙ ڦٽ، زمين جي ڦوٽ |

| | |
|---|---|
| ڦوڙيءَ جا داڻا چڳڻ | جيئن تيئن ڪري پيٽ پالڻ |
| ڦوڙيءَ ۾ ڦوڪ ڪرڻ | هرن ڪان سواءِ سيرن ڀيل زمين ۾ ٻج ڇٽڻ |
| ڦوسي جارو | هلڪو ڪم، ڪاٺيا جڏهن اونهي ڪڏ کٽيندا آهن، ان جي اڏ تي لپي ڇڏڻ لاءِ جارو ٺاهيندا آهن، جتان وري ٻيو ڪاٺي ڪٽڻ وارو مٽي مٿي اڇليندو آهي |
| ڦوسي جاري تي ڪم ڪرڻ | ڪم ۾ اٽڪل سٽڪل ڪرڻ، نٽائڻ |
| ڦوڦڙ | اجايو ٿلهو، ڪم طاقت |
| ڦوڦيندا | ماتا جا داڻا، ٻوگيڙا |
| ڦُوڪارو | چنڊ ڦوڪ، صفائي سنائي |
| ڦونڪارو | ساهي (ٽري لفظ) |
| ڦوڪجڻ | آڪڙ ڪرڻ، بيگناهه ڪاوڙجڻ، سُڄي پوڻ، هوا ۾ ڀرجڻ |
| ڦوڪون ڏيڻ | ٻناڪ هٽڻ، ورغلائڻ |
| ڦُونڊَ | آڪڙ، نلهي ڪاوڙ، فخر، تڪبر |
| ڦوهه جواني | پوري جواني، شباب |
| ڦوهارو اچڻ | فصل کي دوا ڏيڻ، ڪنهن کي ڏاڍي مار ڏيڻ، ڪُڪڙن جي ويڙهه کان پوءِ ساهي ڪٽائڻ |
| ڦهڪ | اهو جانور، جيڪو ڪم ڪندي يڪدم ڪري وجي |

| | |
|---|---|
| ڦهڪو | سٽڪو، ڪنهن شيءِ جو مٿان ٽپي ڪرڻ جو آواز |
| ڦيٽو | گاڏيءَ جو گول چڪرو |
| ڦيرو | گهمرو |
| ڦيڙهو | ڪٽڪ جي ول جو گول ڪيل انبار، هاري کوهه وانگر گول هاريون ڏئي ٻڌندا آهن، اهو ڏيان رکندا آهن تہ جيئن سنگ پاهر نہ نڪرن |
| ڦيسُڙُ | نرم، ڪنئرو |
| ڦيڻو | بي زور، ڏسڻ ۾ ٿلهو متارو، پر بي طاقتو |

# ق

| | |
|---|---|
| قابليت | لائقي، لياقت، ڏاهپ |
| قابو | سوگهو، ٻلائتو، هٿيڪو |
| قاتل | قتل ڪندڙ |
| قادر | قدرت وارو (خدا جو نالو) |
| قاصد | نياپو نيندڙ، پيغام کڻي ويندڙ |
| قبر | لوڙهه، گور، مَدفن |
| قبولي | هارپي يا وڪري لاءِ مقرر ٿيل سرڪاري زمين |
| قبوليت | هائوڪار، اقرار، منظوري |
| قرار | ٺڪاءُ، آرام، صبر، سک |
| قرار ڪرڻ | آرام ڪرڻ، دلجمعيءَ سان ڍءُ ڪرڻ |
| قرب | ويجهائي، محبت، نينهن |
| قربائتو | قرب ڪندڙ، قرب وارو، محبتي |
| قربدار | قربائتو، محبتي |
| قرباني | صدقو |
| قرضدار | جنهن قرض ورتو هجي، مقروض |
| قريب | ويجهو، عزيز |
| قصبو | ڳوٺ |

| | |
|---|---|
| قصو | ڪهاڻي، ڳالهہ، حڪايت |
| قصا ڪٽڻ | بي مقصد ڳالهيون ڪرڻ |
| قضيو | مرڻو، واقعو |
| قلم ڪرڻ | وڍڻ، ڇانگڻ، ڪاٽڻ |
| قلم لڳائڻ، هڻڻ | سائي وڍيل ٽاري زمين ۾ هڻڻ، انب ۽ ٻير جو قلم لڳائڻ |
| قوت | هَـرَ جو اهو حصو، جنهن ۾ گهوڙي جو سل هجي |
| قُوت | ڪاڏو، گذران |
| قُوَّت | سگهہ، زور |

# ڪ

| | |
|---|---|
| ڪاٻٺ | ڪوٺ، تنگي |
| ڪاتي | ڪاٺ جو ٽڪرو |
| ڪاپو | سخت پورهيو |
| ڪاپو ڪرڻ | پٽن پاند جهولي ٿاهي چوندو ڪرڻ |
| ڪاڄ | شادي وغيره جي وڏي دعوت، ڪم، ڪرت، شادي يا خوشيءَ جي موقعي تي مهمانن جي ماني وغيره |
| ڪاڄڻِ | نار جي مُنهن جي وچين ڪاٺي، جنهن ۾ مڪڙو پوندو آهي |
| ڪاڇو | جبلن جي پير وارو علائقو، دادو ضلعي جو اولهائون جابلو علائقو، ڪڇ، ماپ |
| ڪاڇيل | ڏکڻ طرف |
| ڪاڇي واءُ | ڏکڻ جو سنو واءُ |
| ڪاڍارو | پري، ڇَلَ، ڪاڍاٺو |
| ڪار | ڪمُ |
| ڪارائو | پوک جو (ٻار جو) سنڀاليندڙ |
| ڪارائي | ڪاٺ وڍڻ جو اوزار، (ڏندن واري رُک جي پٽي)، ڪرٽُ |

| | |
|---|---|
| ڪار جو ڪوٺو هئڻ | وهنوار جو ڏکيو هئڻ |
| ڪارنهي | ڪاري ٿُهر واري جوئر جو هڪ قسم |
| ڪاري ڪاني پڇڻ | سائي ڪاني پڇڻ |
| ڪاري واري ڪري چڙهڻ | ظلم ڪري چڙهڻ |
| ڪاڙٻي | ڪڙٻ هٽندڙ |
| ڪاسبي | پورهيت |
| ڪارهه | ڏکڻ الهندي جي ڪنڊ جو چوٽ واءُ |
| ڪانءُ | پکي، ٻاڙچ کي جهلڻ جي ڪاني |
| ڪانا | تيلا |
| ڪانبو | ڦتين چوندڻ لاءِ جهولي |
| ڪانبي | ڳنڍ ڏنل جهولي |
| ڪانچ | سٿڻ، سلوار |
| ڪانڊيرو | ننڍڙو ڪنڊن وارو ٻوٽو |
| ڪانگڙُ | لاباري لٿل ٻني، جنهن ۾ ڍور چارجن |
| ڪانگڙ پوک | هڪڙو فصل لُٽي، ان ۾ ٻيو فصل وجهڻ |
| ڪانگڙ ڪانو | ڦِڪو ڪانو ٻي زورو |
| ڪانگڙ ڪانو هئڻ | نستو هئڻ |
| ڪانگِڙي | ڪٽڪ جون ڪُتيون/ تيليون |
| ڪانو | تيلو |
| ڪانو آهي خزانو | هاريءَ جو پهاڪو |
| ڪاٺياري ٻلي ڪُئي سندي جوءِ | مجبور ماڻهوءَ جو گهٽ ماڻهوءَ کي سوال ڪرڻ |

| | |
|---|---|
| کاهو | هڪليندڙ |
| ڪايو | پَجَـرُ |
| ڪبوارو | وڏي چڪر جو ارو |
| ڪُتِر | ڪتر ڪيل گاهه، ڪانن ڪي مشين ۾ وجهي ننڍا ننڍا ڪيل ٽُڪر |
| ڪَتي | سنڌي/ هندن جي سال جو اٺون مهينو، خريف جي پوک، آسماني نکٽ |
| ڪڏا | اڌ ڳاهيل سنگ |
| ڪَڍ | نار جي ڳاڏي ۾ پاڃاري ۾ ٻڌل رسو، ڦيءُ |
| ڪِرت | ڪَرُ |
| ڪِرِ ۾ لولو وجهڻ | تڪڙ ڪرڻ |
| ڪِراڙُ | اُهو هٽائي (دڪاندار) جنهن ڪان ڪنڌو ڪٺجي (واڻيو) |
| ڪُراڙو | پوڙهو |
| ڪِرڙُ | وڻ جو قسم |
| ڪِرڙ سِرڙ | گڏ وچڙ |
| ڪِرڙ سرڙ ڪرڻ | سڪي سائي گڏڻ |
| ڪِرنگهو | چپر جو سينڌ وارو حصو، ماڻهوءَ ۾ جانورن جو ڪرنگهو |
| ڪِره ڪرڻ | گهپي ڪرڻ، ڪلڪل ڪرڻ |
| ڪَرهو | ڪيڻ، اُها ڪيڻ، جنهن ۾ ٻه جوڙا وهن، پاڃاريءَ جو ڊِگن جي ڪلهن وارو پاسو، اُن کي ٻه 'ڪرهو' چون. |
| ڪڙا منا ڪائڻ | رس ڪس ۾ نپائڻ |

| | |
|---|---|
| کَڙِبِ | کانا، لابارو لاھڻ |
| ڪڙمي | ھاري |
| ڪڙھَتِ | ھارپو |
| کَڙيو | ننڍڙو واھ |
| کَڙيو | کاني ۾ پيو نڪتل سنگ |
| کَسُ | اھا ڪسي، جيڪا واھ کان پڙوڏي ڏانھن اچي |
| کَسو کاندو ٿيڻ | گهٽ وڌ ٿيڻ |
| کَسِي | گهٽ، نہ وڌڻ جھڙي |
| کُکُ | کدڙو، جوئر جو کانو |
| کَکَرُ | بادل، جُھڙ |
| کُکُرو | اوپارو ھَرُ |
| کُکِري | ھرھ ۾ ناڙي ڦاسائڻ لاءِ پيل کاني |
| کَکڙا | ونٽڻن جو ٻج |
| کَکڙو | ڏِٻي جو ھلڪو پورو رنگ |
| کَکُ | گاھ جو چٹو |
| کک جي سالکَ جي | چوريءَ بابت پھاکو، ٿوري بہ چوري |
| کک سان بہ نہ وڃائجي | ھيٺي سان بہ نہ ڦٽائجي |
| کَکَ ھيٺان لَک | قدرت جي ڪارخاني ۾ ڪابہ ڪَمي ڪونہ آھي |
| کَلَرُ | ڦٽل لوٽياري ٻني |
| کُلھي بخش | خيرات وھڻ وارو ڏاند |
| کلھو ڏيڻ | کر ۾ جنبي وجڻ |
| کُلھو جھلڻ | سھسائڻ |

| | |
|---|---|
| ڪُلهو لڳڻ | ڍڳي جي ڪلهي ۾ ڦٽ ٿي پوڻ |
| ڪَلورو | ڳُهيو گاهه |
| ڪَمانڊڙي | منڍي جوئر |
| ڪَماڻ | اها ڏنگي ڪاني، جيڪا اُٺ جي ڪنڌ ۾ پوي |
| ڪم چور ٿيڻ | تمام سستي سان ڪم ڪرڻ |
| ڪمدار | ٻنيءَ جو ڪم هلائيندڙ |
| ڪن ٻڌڻ | جڙي ڍڳي کي وهائڻ لاءِ حيلو ڪرڻ |
| ڪنڊاٽ | جڙي ڍڳي کي وهو ڪرڻ لاءِ استعمال ڪرڻ جي ڪاني |
| ڪنڍن ۾ ڪاهڻ | ٻي دليو ٿي ڪاهڻ |
| ڪَنڊِي | وڻ جو نالو |
| ڪُنڊي (ڪُڊِي) | وائر وقت اُهو اَنُ، جيڪو ٻهاڻ سان گڏ هجي |
| ڪَنڊي | هار |
| ڪُنڊي | مينهن جو قسم، جنهن جا سڱ ڪُنڊا هجن |
| ڪُنڊِي/ ڪُڊِي ڪرڻ | ٻار ڪٽي وجڻ کان پوءِ پٽ ميڙي اَنُ ڪٽڻ |
| ڪِنگرُ | ساڙهو، لوڻو، مالهه ۾ ٻڌڻ جو ٺڪر جو ٿانءُ |
| ڪُنگو | لئيءَ جا گل، جيڪي هلڪي گلابي رنگ جا ٿيندا آهن |
| ڪِنگري | کوهه جي نار جي مالهه ۾ ٻڌل ٺڪر جي ننڍي اُبي لوٽي |
| ڪُنو اُبامي پنهنجا ڪَنا ساڙي | پاڻ کي ڪس لائڻ |
| ڪنهن جي آئي، ڪنهن جي ڄائي | هڪڙو سوڻ، ڪانيءَ ڪانيءَ ٻاڳ |

| | |
|---|---|
| ڪوپ | پٽي جي ڪاڻ مان پئدا ٿيل ڪَڏ |
| ڪوترِي | ڪتر هڻڻ وارو |
| ڪوچو | ڪُند، ڪچ |
| ڪوچو | رڪيل گاهه جو ٽڪرو |
| ڪوچو چارڻ | رڪيل گاهه چارڻ |
| ڪوڏارو | ننڍڙي ڪوڏر |
| ڪوڏِر | هاريءَ جو مکيہ اوزار |
| ڪورَڙ | سُڪيءَ ۾ ٻج ڇٽي پوءِ پاڻي ڏيڻ |
| ڪُهرَ | رڏل اَن جا داڻا، رڏل ڇٽا |
| ڪُهڙ | وڏيل جهنگ جو ساڙڻ لاءِ ڪيل ڍِڳ |
| ڪُهڙ هڻڻ | پهرئين ڏينهن ٻنيءَ ۾ ڪم ڪرڻ |
| ڪُهڙي | سٽري |
| ڪُهڙي وجهڻ | لاباري لاءِ پهرين سڙي هڻڻ |
| ڪَهي | ڪوٻي جي لاءِ چمڙي جي ڪهي |
| ڪُٺاڪِر | ڪوئي جو ڪوٺيل مٽي |
| ڪَئنچي | ٻن ٽوٽين مان ٺاهيل ٽيڪ، لوهه جو اوزار |
| ڪِياڙي | اها ڇپر، جيڪا مڪڙي جي پنيان لڳي، ماٺهوءَ جي ڪياڙي |
| ڪِير | ڪريل فصل |
| ڪيڻِ | ڪاٺ جو اهو لوهه جي پٽي لڳل تختو، جنهن ۾ هڪ جوڙو وهي |
| ڪينجهر لڳڻ | گنج ٿيڻ |

# ڪ

| | |
|---|---|
| ڪاٻارڄڻ | پوک جو موچارو نہ ٿيڻ |
| ڪاٻڙُ | ڏائي هٿ سان ڪم ڪندڙ ماڻهو، اڻنگو ابتو |
| ڪاپڙوٽي | جهڙو تهڙو |
| ڪاپٽون | زمين ۾ ڪٽيل اڏ يا واهي |
| ڪاٽِي | ريٽجي ويل واهڙ جي صفائي |
| ڪاٽي ڪٽڻ | واهن ڪڙين کي کوٽڻ |
| ڪاڏِ | پاڻيءَ جو مٽيءَ کي ۽ ساهہ وارن جو ڪاٽڻ |
| ڪارُ ڪرڻ | ٻنيءَ جو خراب ٿيڻ |
| ڪارڙُ | ڪريل، خراب ٿيل |
| ڪارڻ | ڦٽائڻ، ٻگيڙڻ |
| ڪارو | لاڪڙ مان ٺهيل وڏو ٽوڪرو، جو عام طرح گهر ۾ ڪم ايندو آهي |
| ڪارِي | سرن جي تيلن مان خاص قسم جي ٺهيل ٽوڪري، لوٽاني |
| ڪانياٽي | جهار جي هڪلڻ جو سنڌ |
| ڪاٽو | ڪامون، ڪنهن بند جو پڇي پوڻ |
| ڪانجاٺو | رنڊڪ |
| ڪانجائڻ | رنڊجي پوڻ، روڪجڻ |
| ڪاهوڙي | پورهيت، فقيرن جو هڪ قسم |

| | |
|---|---|
| كاھِي | ڏاس مان ٺھيل اھا ڳوڻ، جنھن ۾ ڏھ ڪاسا اَن پوي |
| ڪبڻ | ڪب ڪب ڪرڻ |
| ڪُتِ | لاباري ڪان پوءِ زمين ۾ بچيل پاڙون، انگھہ، ضدي ماٺھو |
| ڪِٽُ | بيزار، ڪڪ، خفي |
| ڪچ ٿي پوڻ | ٿڪجي پوڻ، بيزار ٿيڻ |
| ڪَڏُ | چُڏو |
| ڪُڏٽو | شڪار لاءِ ٺاھيل لِڪڻ جي جاءِ |
| ڪِرُ | لاباري لٿل زمين ڪي چئبو آھي |
| ڪُراش | نار جي ٻڙ ۾ ڏڪ نھري ڍڳن جي پيرن ۾ لڳڻ |
| ڪُراشجڻ | ڍڳي جا پير ڦٽجي پوڻ |
| ڪِرٽائڻ | وَھو ڪرڻ، سيڪارڻ |
| ڪرٽيل | اڌو وھو ڪيل، پاجاري ڪٽائڻ |
| ڪرڙو | ڊِين يا چِبر واري زمين، تمام سخت زمين |
| ڪرسڻ | گاھہ جو قسم |
| ڪرسڻ مچي ويو | ھُل مچي وڃڻ، بنيءَ ۾ ڪچرو ٿي وڃڻ |
| ڪَرو | ديرو، سنگن يا ول رکڻ جي جاءِ (خرمن "فارسي") |
| ڪرو ڪجڻ | بٽئي ڪرائڻ |
| ڪري ڪنئي خبر پوندي | ليڪي ٿئي خبر پوندي |
| ڪِريا ڪيڻ | سَندر ڪرڻ، نندا بنا ٺاھڻ |

| | |
|---|---|
| ڪِريو | ٻارن جي وچ ۾ ڏنل ٻنا، سَندَر |
| ڪَڙ ڪرڻ | سُڪيءَ ۾ هر ڏيڻ |
| ڪڙا ڪرڻ | وڏا پتر ڪرڻ |
| ڪَڙھ | گهٽي، لنگهه |
| ڪُڙي ڪري ڀڃڻ | ٽڪڙو ڀڃي وجڻ |
| ڪَسَ | اَنَ ڪان سواءِ سنگ، ڦر |
| ڪِسَ | سرڪ، ڪسڪي وڃڻ، ٿرڪي وڃڻ، ٽٽائڻ |
| ڪَس ٿيڻ | اَن نہ جهلڻ |
| ڪَڪُ | جُهور پوڙهو |
| ڪِڪَ | مڃيءَ جي ڏپ |
| ڪِلڻِ | جوئر جي اَن جو قسم، جنهن مان ڦلا ٺاهبا آهن |
| ڪَلي | ننڍڙي ساندراي |
| ڪَنجَ | نار جي ٻانڊي ڪي آڪيڙو ڏئي ڇڪ ڏيڻ، دٻ، ڏاڍي مار |
| ڪَنجَ ڏيڻ | ڀيڙو ڏيڻ، ڀيڙڻ، وٽ ڏيڻ، ڇڪ ڏيڻ |
| ڪَنجَ ڍري ٿيڻ | ڪم لهي وڃڻ، بنهہ ٿڪجي پوڻ، بيڪار ٿي وڃڻ |
| ڪَنج ڪڍڻ | ها ها ڪرڻ، ڪاوڙ ڪرڻ، مارڻ ڏيڻ |
| ڪُنجڻ | وَرَ ڪٽڻ |
| ڪَنڊو | وهنوار، اڪثر ڪري فصل لاءِ ڪٽت ڪي چئبو آهي |
| ڪَنڊو ڪڇڻ | ٻاڙون پٽجي وڃڻ |

| | |
|---|---|
| ڪَنڌو ڪٽڻ | قرض ڪٽڻ |
| ڪَنڌِي | ٽُڪَ، ٻارن جي وڏي قطار ۾ پاڻي ڇڏڻ |
| ڪَنهجَڻُ | حرڪت ڪري وڃڻ، وهٽ جو بيمار ٿيڻ |
| ڪوٽِ | جڏي پوک |
| ڪوپا | اٽ يا ڏيگي ڪي نار ۾ وهڻ وقت اڪين تي ٻڌڻ جا ڏڪ |
| ڪوپا چڙهيل هئڻ | اکيون پورجي وڃڻ |
| ڪوڙڻُ | زمين ۾ ٿوٽي يا لڙهو اُپو ڪري پورڻ |
| ڪوڙِي | ڏيگڙي، اَن جي راهه |
| ڪوڙيءَ ڪي گُهمرو | ٻُهارو اچي وڃڻ، هڙئي هڪ جهڙا |
| ڪوڪَڙُ | سڪل ڏينا وونڻٽن جا، ڇُڇيون ڦٽيون |
| ڪولادر | ضامن |
| ڪُوجڙيو | آڏيريو، هاري، سر ونڊير |
| ڪُونس ڦِٽائِي | اجائي حرڪت |
| ڪُوهه | زمين مان پاڻي ڪيڻ لاءِ اونهي ڪڏ |
| ڪُوهاڏو | پڙوڏو |
| ڪوهاٽا ڪينا ڪرڻ | اجايا ڪم ڪرڻ |
| ڪوهيل | ناس ڪيل |
| ڪهنبو | ڳاڙهه سرو |
| ڪُنِپي | ياڄيءَ جو قسم/ زمين جي اوپڙ |
| ڪَهڻ ڪوُنس | اهانو بهانو ڪري وڙهڻ، اڙي ڪرڻ |
| ڪَهي | لوهه جو ڪوڏر جهڙو ننڍي مُنهن وارو اوزار، وڏي عمر ۾ ننڍو ڏسجڻ |

| | |
|---|---|
| کُھي پوڻ | بيزار ٿي پوڻ، ٿڪجي پوڻ |
| کيات، کيساٽَ | نيم بيھوشي |
| کيساٽجي پوڻ | ساٽو ٿي پوڻ، لڙھي پوڻ |
| کيتي | پوک جو ڏنڊو |
| کيٽُ | پوک |
| کيٽو | اجايو رسامو، ضد، تيسو، ڪاوڙ |
| کيڏارڻ | اٽڪلون سيکارڻ |
| کِيرو | ڪچو اَنُ، ونگو |
| کيڙَ | ھر ڪاھڻ، ٽيڙ، مال جو ۽ تاري جو ڪڙڻ |
| کيڙ ڪرڻ | ڪاھ ڪرڻ، ھر ڏيڻ |
| کيڙڻ | ھر ڏيڻ، ڪم ڦٽائي ويھڻ |
| کيڙِي | ھر ڏنل زمين |
| کِيڪارَ | ڀليڪار، آجيان، آءُ ڀڳت |
| کيڪارڻ | آدرياءُ ڪرڻ، ڀليڪار ڏيڻ |
| کيڪڙاٽ | گدڙ، لومڙ وغيره جو اوناڙون، ڏندن ڪڙڪائڻ جو آواز |
| کيڪڙاٽ ڪرڻ | ڦاسڻ کان پوءِ منٿون آزيون ڪرڻ |

# گ

| | |
|---|---|
| گابا ڪُٺَ | اُهو گابو، جيڪو ننڍي هوندي ڪَسِي ڪري ڇڏجي |
| گابا ڪُٺَ ڪرڻ | ڪچيءَ ۾ ڇِبي ڇڏڻ، تڪبر ڪڍي ڇڏڻ |
| گابا ڪُٺ هئڻ | بي همت هئڻ، سُست هئڻ، ڪاهلپڻو |
| گابو | ڍڳيءَ جو نر ڦر |
| گابار | گابا چاريندڙ |
| گاٽِ | گسڻ جو نشان، پوک جو ڇڊو ٿيڻ |
| گاڏو ڏڪڻ | ڏکيو سکيو وقت گذارڻ |
| گاڏير | گاڏي هلائيندڙ، هڪ پکيءَ جو قسم |
| گار | فحش ڳالهائڻ، بدزباني |
| گار گند | بدزباني، فحش ڪلامي |
| گارو | گُڏيل مٽي (راڳي لاءِ)، ٻُهہ ملايل ڀنجهو |
| گاس | گاٽ |
| گاسو ڪائڻ | ڪس ڪائڻ |
| گاڳِڙو | اَن وائرڻ جو وڏو ڇڄ |
| گانبولي | اَن وائرڻ ڪان پوءِ (ٻهاندِ مان ڪڍڻ ڪانپوءِ) ورائي ڳاهہ ٻڌڻ |

| | |
|---|---|
| گانبولي ڪرڻ | اَن کي ٻهاندڀ مان ڪڍڻ، ٻاجهري ۽ جوئر جي حالت ۾ ڍهي مان ڪڍڻ |
| گانبولي ڳاهڻ | ٻهاندڀ مان ڪڍيل اَن کي ٻيهر ڳاهڻ |
| گانجو | ڀنگ جي ٻج مان ٺهيل هڪ نشيدار شيءِ |
| گانئون مانئون ٿيڻ | منجهي پوڻ، ٻنيءَ جو آڏو ابتو ڪري پوڻ، ڪڪن جو ٽڙي پکڙي وڃڻ |
| گاهُ | جانورن جو چارو يا ڪاٺي ڪک پن، ڪچي پوک |
| گُٽ | وات مان نڪتل جهڳ |
| گَپَ | چِڪ، گارو |
| گپ ڪرڻ | اجايو وڦلڻ، گند ڪرڻ |
| گجَرَ | پاڄيءَ جو قسم، لاهوري گجر، پتائي گجر |
| گجگوڙ | مينهن وقت ڪڪرن مان ٿيندڙ آواز |
| گجي | جهڳ |
| گُڏ | ڪوڏر سان زمين ولڻ، رنبي يا کهيڙي يا ڪوڏر سان پوک مان گند گاهه ڪڍڻ |
| گُڏ ڪڍڻ | ڏاڍي مار ڏيڻ |
| گُڏ ڪرڻ | پوک مان ڪک ڪڍڻ |
| گڏرِ | سارين جي پوک جو مرض |
| گڏو | ڪانن جو ٻند، مُڙهي |
| گڏهه تي زين رکڻ | نالائق کي نوازڻ |
| گڏهن جو ڪتيو آٽو پوري چڙيو | پاندي پوري نہ ٿيڻ |
| گَرُ | مرض، جيڪو عام طرح اُٺن ۽ ٻڪرين کي لڳندو آهي |

| | |
|---|---|
| گُر | تندو، اٽڪل، ڏانءُ، تجويز، ڪا ڳجهي ڳالهه |
| گِرڪِڻ | هيٺ مٿانهينءَ واري ٽُڪَ |
| گرمي | ڪاڙهو |
| گِرڻ | مٽيءَ گڏيل پاڻي |
| گُرِي | ڪاني جي هڪ ڳنڍ کان ٻي ڳنڍ تائين حصو |
| گُرِي گُرِي ڪري ڇڏڻ | ٽوٽا ٽوٽا يا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏڻ |
| گڙڪاٽ | پاڻيءَ جو ڪڙڪو |
| گڙڪڻ | هري هري وهڻ، رڙهڻ، پاڻيءَ جو هري هري وهڻ |
| گڙڪو | اوچتو پاڻيءَ پجڻ جو آواز |
| گُڙڪو ڏيڻ | اوچتو پجي پوڻ |
| گَسُ | لنگهه، پيچرو، چارو، واٽ |
| گِسَ | نرم مٽي |
| گُسَ | گاٺِ |
| گسرِ | نرم زمين |
| گِسو | لهوارو هَرُ |
| گِسو ڪکرو ٿيڻ | ڪڏهن ڪيئن ڪڏهن ڪيئن |
| گَگُهه | ڳچي |
| گُگُهه | اوندهه، ٻاٺ |
| گُل | ٻوٽي ۾ ڦر ڏيڻ کان اڳ ۾ پيدا ٿيندو آهي |
| گلو گار ٿيڻ | هڙئي ناس ٿي وڃڻ |
| گَنِبي | ننڍي چِپر، جيڪا نار جي اوپارن کي ڦرهي ڳنڍڻ کان لڳندي آهي |
| گوبر ڪرڻ | ڍؤ ڪرڻ |

| | |
|---|---|
| گوٽِ | بنيءَ ۾ ٻج جو ڪٽي نہ ڦٽڻ |
| گوڏِ | ڏاٻ |
| گوڏو ڪوڙڻ | جڏو ٿي وڃڻ، بيمار ٿي پوڻ |
| گوڏو گَپڻ | ڪري پوڻ |
| گوڏي ٻيڪر ڪرڻ | تورو ترسڻ |
| گوڏي هٽڻ | پوک جو ڪري اٿڻ، ڍورڪي مٽي ۾ ٿَنگ ۾ رسو ٻڌي ڇڏڻ، گوڏو ڪوڙي اُٿڻ |
| گورو | پينسل جو گورو، ڪاني جو ڳپ، پوربي ماٺو |
| گوڙُ | آلاڻ، گهٽن ماڻهن جو آواز، گهڻن آوازن جو مجموعو |
| گوڙائڻ | آلو ڪرڻ، پسائڻ |
| گوڙو هئڻ | نقلي هئڻ |
| گوگڙا روڙڻ | ورنئڻ جا ڏينا روڙڻ |
| گوگڙو | ورنئڻ جو ڏينو |
| گوگڙو | ٻاجهيءَ جو نالو |
| گوگهرو | ساهہ وارن جو نند ۾ آواز ڪڍڻ |
| گوگي جي ٻاري | هارين جو عقيدو آهي تہ ٻنيءَ ۾ ڀِهريون ٻج ڇنجي نانگ بلائن جي مرشد گوگي چوهاڻ جي نالي تي اَن جي ٻاري ڪجي. |
| گوگي جي ڪارِي | ٻنيءَ ۾ لاباري پوڻ سان گوگي چوهاڻ جي نيت، جيڪا ڀهرين ڪاري ڏبي تہ هنن جو عقيدو آهي تہ پوءِ ٻنيءَ ۾ ڪم ڪندي ڪوبہ نانگ يا بلا ڪانہ ڪائيندي |

| | |
|---|---|
| گولو | ٻانهو، مٽيءَ جو گولو، ڌرتيءَ جو گولو |
| گونجڻ | ٻرڻ، سريلا آواز ڪيڻ |
| گونٽرو | ڏاچيءَ جو ننڍڙو ٻچو |
| گوهاٽجڻ | ڏِٻي جو ڪلهو لڳڻ (هارين جو عقيدو آهي تہ هرن ڪاهيندي جيڪڏهن ٿورو جهلبو تہ ڏِٻي جو ڪلهو سُڄي پوندو. |
| گوها ڪري نِڪرڻ | سلن جو تمام ڀلو ٿي نڪرڻ |
| گُوهو | ٻج جو زور سان ڦٽڻ، ڪير واري مال مان ڪير جو گوهو |
| گُوهو ڏيڻ | ڀچاڙيءَ وارا ڪير جا ڀاندا ڏيڻ |
| گوهي | رَڏي، ڪپت |
| گهگير | ڪوڙو |
| گهِل | ڇڪتاڻ، ڳالهہ کي اينگهائڻ، ڪانيءَ کي گهلڻ |
| گهوگهو | گهٽو، ڦاهي، ڦاسي، تنگ ڪرڻ |
| گهوگهو | ٻنيءَ جو گهٽ وڌ ڀلو ٿيڻ |
| گيڙو | نار جو گهمرو |
| گيگُ | مڪر، چڙ، مڪر |
| گيهہ | ٽاٽيل مکڻ، گِهُہ |
| گِيهو | ليڪو |
| گيهي | گيهہ جو واپاري، ماٽهوءَ جو نالو |

# ڳ

| | |
|---|---|
| ڳاٽ | ڳچي، ڪنڌ، ڳاٽو |
| ڳاٽي | اها پُنارڪ يا جھولي، جيڪا ڪلھي ۾ ٻڌي پويان ورائجي |
| ڳاٽي ۾ ڪرڻ | ڪنڌ ۾ ڪرڻ |
| ڳاڏي | نار جي ڳاڏي، جيڪا مُھري سان ملائي انھيءَ ۾ وھٽ ٻڌجي |
| ڳاڏيءَ ڪاھو | اھو ھمراھ، جيڪو نار تي ويھي وھٽن کي تکو وھائي |
| ڳاڏي ھڪلائڻ | پاڻ مرادو ڪم نہ ڪرڻ |
| ڳاڏي ھڪلڻ | نار ۾ وھٽن کي تکو ھلائڻ |
| ڳارِ | ڳرڻ |
| ڳارُ | ڳريل مٽيءَ وانگر پاڻ |
| ڳارو ڏيڻ | جنڊ ۾ ٻُڪي وجھڻ |
| ڳاڙھڙي | جوئر جو قسم، جنھن جو اَن ڳاڙھو ٿيندو آھي ۽ ڪانا تمام مٺا تُري ٿيندا آھن |
| ڳاڳي | سنگ واري تيلي |
| ڳاڳيون | گاھ جو قسم، جيڪو مٺو ٿيندو آھي، (ڳڙ ڪان ڳاڳيون مٺيون مون کي چيڙ ڏين چَسَ) |
| ڳالھہ | بات چيت، ھاڪ، ناموس، پڌرائي، خبر |

| | |
|---|---|
| ڳانو پوڻ | ساهه وارن جي هٿ يا پير کي سَٽَ اچڻ، نس چڙهڻ |
| ڳاهُه | ول کي ڍڳن کان لتاڙائڻ |
| ڳاهڻ | اَنَ جي داڻن کي ٻُهه کان ڌار ڪرڻ جو عمل |
| ڳِنڪارڻ | ڌُتارڻ، هڪلون ڏيڻ |
| ڳِنڪَر | مال کي هڪلڻ لاءِ وات مان آواز ڪيڻ (ڳِٽ ڳِٽ ڪرڻ) |
| ڳِنڪر ڏيڻ | هڪل ڪرڻ، اشارو ڪرڻ |
| ڳَڄُ | سوايو، وڌيڪ |
| ڳـرُ | ماس |
| ڳِڙڪَ | ڳيت، ڪاڏي جو نڙيءَ مان هيٺ لاهڻ |
| ڳِڙڪائڻ | ڪاڏي کي نڙيءَ مان هيٺ لاهڻ |
| ڳُڙڪو | سوراخ، ٽنگ |
| ڳِسڪلو | ذري گهٽ پريل |
| ڳِسڪلو ڪرڻ | ذري گهٽ پري ڏيڻ |
| ڳَڳَ | تمام نري پوڻ، ٽلو ٽيڻ |
| ڳَڳَ ٽيڻ | نري پوڻ، برف ٽي پوڻ |
| ڳَلَ اوڙ | گهاٽا هر |
| ڳَمُ | گاهه جو قسم |
| ڳَنُ | ڪوڏر يا ڪهاڙيءَ جو ڳن، نار جي چڪرين جو ڳن |
| ڳَنُ ڏيڻ | مسئلو حل ڪرڻ، مُنهن ڏيڻ |
| ڳَنڍِ | چنل رسيءَ کي پاڻ ۾ ڳنڍڻ يا ملائڻ، بصر جي پتي، ڪمند ۾ جوڙ جا نشان |

| | |
|---|---|
| ڳنڊير | گاهه جو قسم |
| ڳنَرَ | تيلي ٻج جي ٻوٽن جا ڪَچا ڪانا يا ٽڙ، سرنهه جا ڳنر |
| ڳنُر | ڪانياٺيءَ جا رسا، جيڪي پٻ ۾ پيل هوندا آهن |
| ڳنُو | منو ڪانو |
| ڳنِي | جوئر مان سنهيون تيليون گاهه لاءِ ڪڍڻ |
| ڳوپ | گگدام، تمام غريب |
| ڳوپ | ڳنڊ جو قسم |
| ڳوڏو | پهلوان |
| ڳوراڻ | ٻوراڻ، رنگ جو اڇو هئڻ |
| ڳوڙهو | گُليلو، ڳنڊيو، سُنڊيو، آوانڊو |
| ڳُونر | گاهه جون ڏانڊيون |
| ڳُوڻ | ٻوري، ڳوٽري، وکر جو نالو |
| ڳوهَڻ | چيپاٽڻ، اٽو يا مٽي مَلڻ |
| ڳَهر | اوجهراٽي، اونگهه |
| ڳهي پوڻ | تمام گهڻو هلاڪ ٿيڻ، ٿڪجي پوڻ |
| ڳهي وڃڻ | گروي ٿي وڃڻ |
| ڳهيلو | مورک |
| ڳِهَڻ | ڳيرڻ، ڳيت ڏيڻ |
| ڳيرو | پکي |
| ڳيري وِڪَ هجڻ | هري هلڻ، ڊرڪڻ |
| ڳيري وَرق هجڻ | پورو هئڻ، زمين جو هر اُچڻ |

# گھ

| | |
|---|---|
| گھاٻ | پاڻيءَ جو داسو، ڏک |
| گھاٽو | ڳُتيل، ويجھو، نقصان |
| گھاٽ گھڙڻ | منصوبو سٽڻ، سازش ڪرڻ |
| گھاٽو وھڻ | لڳي وھڻ |
| گھارو | ڦاٽ، واھ، شاخ، واٽرڪورس ۾ وھڪري سبب ڪاڏ، ڪنڌُ |
| گھارِي | وٿي، ڦوٽ |
| گھاڙُ | چلٽي |
| گھانگھو | پڳل ڦٽل |
| گھاءُ | ڦٽ، زخم |
| گِھبَ | پير جي ڪُڙي ۾ ڦٽ |
| گُھبُ | ڪڙپڙ، ھيٺ مٿاھين |
| گھبو | گاھ جو قسم |
| گھٽُ | لنگھ، گھٽي |
| گُھٽَ | رُگھ، سوڙھ |
| گھٽي | لنگھ، شاھدي تان ڦري وڃڻ |
| گھرُ | رھڻ جي جاءِ |

| | |
|---|---|
| گھربٽ | پنڙي مٽي |
| گھڙيالُ | نار جي تڏي جو اهو حصو، جنهن مان ڪنگر پرجي نڪرن |
| گگِهي | صراحي |
| گهلِ | لشڪر |
| گهِمَ | پوسل |
| گُهمرو | ڦيرو، اَن جو خراب ٿيڻ |
| گُهمريون | ڦيريون |
| گهنگهر ۾ گهارڻ | ڏکيو گذارڻ |
| گهٽي ۾ گهٽي ڪپت | ڊِڄ نہ ٿيڻ |
| گهوبو | هَرَ جي لوهي ڇُهنب |
| گهورَ | پاراتو، چتائڻ |
| گهوڙا گهوڙا ڪرڻ | اجايون دانهون ڪرڻ |
| گهوڙا ول | ٻوٽو |
| گِهير | پاڻي مٽي گڏ وهڻ |
| گهيرٽ | ڪچي ننڊ، اُونگهہ |
| گهيرو | چوڌري ڦري اچڻ، حملو |
| گهيڙُ | پاڻيءَ ۾ لهڻ جو هنڌ/ درياھ جو تڙ |

# ل

| | |
| --- | --- |
| لابارو | پوک جو لاهڻ، فصل جو لوبُ |
| لابارو لاهڻ | فصل لڻڻ |
| لابارو وجهڻ | فصل لڻڻ شروع ڪرڻ، سُج ڪرڻ |
| لاٻڙلويو | ٻڌاڪي |
| لاٻڙچڱو | پيٽوڙو |
| لاپُ | نفعو |
| لات | پکين جي ٻولي، وائي، مٺو آواز |
| لاٽ | گهٽ ڪيل رقم، گهٽتائي، سچائي |
| لاٽَ | سوجهرو |
| لاٽڻ | اها ڏنگي ڪاٺي، جيڪا چپر جي وچ ۾ وجهبي آهي |
| لاٽون | لاٽمو، هڪ قسم جو ٻاراڻو رانديڪو، جنهن کي ڏور ويڙهي، پَٽَ تي اڇلائبو آهي ته ڦرندو آهي |
| لاٽي | ناڪيلي |
| لاٽڙيو | ننڍو، ڇوڪرو، ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جو چمچو شخص |
| لاٽيو | اهو ٻن، جيڪو ٻنيءَ جي ديگهه مان ٻِسٽ وجي |

| | |
|---|---|
| لاپَ | ڪانپاٽي ڪي سڏريل نموني تي ڦيرائڻ |
| لاپسي | ڪڻڪ جي اٽي جو پنڙو سيرو |
| لاپو | اهو اجورو، جيڪو سنگن لٽڻ جي بدلي ۾ ڏجي |
| لاڙ | آسرو، چڙي جي لاڙ |
| لارو | ڏنو، دوڪو |
| لاڙو | ڏيان، موڙو |
| لاسُڙ | ڪندن ڪان سواءِ، ٻجن ڪان سواءِ |
| لاڪڙ | لُئِن جا سڪل ٿار |
| لاڪَ | ڪونئر جو قسم |
| لاڳ | حقابو، نيڪو |
| لاڳاٽو | ٻيو پاٽي، نار جي ٻائڙ جو ڪنهن ڪانيءَ سان لڳڻ |
| لاڳاٽو ڏيڻ | ٻيو پاٽي ڏيڻ |
| لانگهو، للهانگرو | آسانگو |
| لامر | ٿاري، ٻنيءَ جو ڊيگهہ وارو پاسو |
| لانگڙيو نار | ٻہ نار، جيڪي آمهون سامهون هڪ تڏي تي چڙهيل هجن |
| لانگهو | گس، گهيڙ |
| لاٽي | وڻ جو قسم |
| لائي | اُها ول، جيڪا ڪڻڪ جي لٽائيءَ ۾ ڏجي |
| لاهُہ | ڪُت، وڻ جي پاڙ، ڏاڍو مڙس |
| لاهہ ڪڍڻ | ٻنيءَ مان وٽن جون پاڙون ڪڍڻ |

| | |
|---|---|
| لاھائون | ھيٺاھون |
| لاھو | لھوارائي |
| لاھيارو | پورھيت، جيڪو ٻنيءَ ۾ ڪم ڪري |
| لبائتو | نفعي وارو، سامھون ڊور جيڪو ويامڻ ڪي ويجھو ھجي |
| لباڙَ | ٻٽاڪ |
| ليي لوٽڪ ڪاڻ سڏون مڙيڙي جون | اجائي سَڏَ |
| لِت | ڪاھيل ھرڻ ۾ پاڻيءَ جو ٻچي پوڻ |
| لَتَڙَ | سنھي گھٽي، لتاڙيل پوک |
| لَتَڻ | اھو ڇپر، جنھن ڪي مٽان لنبجي |
| لِتڙيل | دڙيل، آزمايل |
| لَٺِ | اُھا گھڙيل ڪاٺي، جنھن جي پڇڙي ۾ ٻائڙ ءِ منڊ ۾ ننڍي ڇڪر وجھبي آھي، وڏو ڏنڊو |
| لَپَ | چرون، ٻُڪ جيتري ڪا شيءِ، اَن لپَ |
| لَپو | ڪوڏر جو پريل ھڪڙو مٽيءَ جو لپو، پاسو ونڻ، اجائي ڳالھ |
| لُرَ | تڪو ھلڻ |
| لَرڙي | اجائي ٻٽاڪ |
| لُڙُ | ڳوڙ |
| لُڙ لَھڻ | ڏکيا ڏينھن گذري وڃڻ |
| لَڙھ | ليُن ءِ ڪندين جو جھنگ، ديھ جو نالو |
| لَڙھو | وڏو ڪاٺ |

| | |
|---|---|
| لڙهو چڙهڻ | پاڻيءَ جو چاڙهو ٿيڻ |
| لڙھ لڳڻ | پنيان لڳڻ |
| لُڙهي | اها ڪاني يا سر جو تيلو، جيڪو چپر يا پٽي ۾ ڪک قابو ڪرڻ لاءِ ٻڌجي |
| لَسَ | ڪانڀاڻي جو اڻ سٽريل نمونو ڦيرائڻ، سِڌو |
| لَسڻ | ڏيو، داغ |
| لغارَ | آھ، ٿورو، ذرو |
| لُڪَ | جهولو، گرم واءُ، لُوھ |
| لِڪو لِڪو | ڪانون ڪي تڙڻ لاءِ ڏنل هڪل |
| لَڪائڻ | ٿورو پڌرو ٿيڻ |
| لڱ | بدن، عضوا |
| لَڳُ | منڊائپ، نُقص |
| لڱائڻ | منڊائڻ |
| لُلر | گاھ جو نالو |
| لنبُ | گاھ جو قسم |
| لنبُ مورجڻ | ڏاڍو گاھ ٿيڻ |
| لُنبو | ننڍو اوپارو، پيچ ڪان سواءِ وهٽ |
| لنبو ارو | ننڍيءَ چڪر جو ارو |
| لنبو اوپارو | ننڍو اوپارو |
| لنگھ | گهٽي، ڪڙھ |
| لوبُ | لٽڻ |
| لوڀُ | لالچ |
| لوٽو | ٽيو، ڪنگر |

| | |
|---|---|
| لوٽي کان اُبنگ ڳرو | نفعي کان وڌيڪ نقصان |
| لوٽيو | سڄو، جنهن کي گهر تڙ نه هجي |
| لوڏو | ڏوڻ، جهوڻ |
| لوڙهه | پاڻي جي لوڙهه، پئسي جو ڪَپُ |
| لوڙهه ڪرڻ | مٽرن جو لابارو ڪرڻ، ٻنن جو پڄڻ ۽ پاڻيءَ جو وهڻ |
| لوڙهو | پيهر، ٻنيءَ کي ڦيرايل ڍنگهر |
| لُوساٽجڻ | ڪاراٽجڻ، جهولو لڳڻ |
| لُوسَڻ | گاهه جو قسم |
| لوڪ مُنهن موڪ | ماڻهن جو ڳالهائڻ لاءِ وات ڪليل |
| لُوهه | تکڙو حملو، تکڙو ڪم ڪرڻ، جهولو |
| لُوهه ڪرڻ | اوچتو ڪاهي پوڻ |
| لهس اچڻ | سيڪ، تاءُ اچڻ، ٿورو سڙڻ |
| لِهو | پکي، لالانگهرو |
| لهوارو | اوڀاري جو ضد |
| لِيارُ | وڻ جو قسم |
| ليٽَ | اڌو پڙ |
| ليٽڻ | اهو اوزار جيڪو ڊِگهن ۾ جوٽي، پتر پيچجي |
| ليپو | ليمبو |
| لِيڙو | گُندي جو سوراخ |
| لِيکُ | جونءَ جو آنو، ٿورو ذرو |
| ليکو | حساب ڪتاب |
| ليمو | ميرو |

# م

| | |
|---|---|
| ماترائين | اها ڪاني، جيڪا چيرڻ ڪان سواءِ ڪم آڻجي |
| ماٽري | مٽانهون پَٽ، ٻن درياهن جي وچ واري زمين |
| ماٺو | سانتيڪو |
| ماپڻ | سمائجڻ (ڪپڙن ۾ نہ پيو ماپي: اصطلاح) |
| ماڏوري | ڏڪ چنبي جو ڏاڍو، جيڪو آيو، سو ڪائيندڙ جانور |
| مارجڻ | پوک کي نقصان رسڻ |
| مارڳُ | گَس، پيچرو |
| ماڪَ | رات جي وقت هوا مان ڪريل پاڻيءَ جا ڦڙا |
| ماڳُ | هنڌ، جاءِ |
| مالُ | ڍور ڍڳا |
| مالهہ | اهو ٻٽو رسو، جنهن ۾ پاڻيءَ تي ڪنگر ٻڌجن |
| مالهہ پڇائڻ | ڍين مان تندا نهرائي، مالهہ تيار ڪرائڻ |
| مالهہ چاڙهڻ | نار جي مالهہ چاڙهڻ |
| مالهارو | اهو ڪايو، جيڪو ٻندي سان ٻڌي، مالهہ کي جهلڻ لاءِ ٻاهوءَ سان ٻڌجي |

| | |
|---|---|
| مالهجڻ | جُهڙ جو گهاٽو ٿي وڃڻ |
| مالهجي | ڪنگرن جو گهاٽو هجڻ |
| مالهي | باغ جو ڪم ڪندڙ |
| مانجهو | هرن ڪاهڻ وقت وچ ۾ رهيل ٻني |
| مانجهو اٿئي سَهنجو | هاريءَ جو مانجهي ڪٽڻ وقت ڏاندن کي دلداري |
| مانگهه | سنڌي/ هندن جي سال جو يارهون مهينو |
| مانهن | دال جو اَن |
| ماني | روٽي، مري ويل لاءِ کيل پَت |
| ماءُ ٻني، پٽ گهوڙا ڳنهي | نڪ نرجو هئڻ |
| متارو | ٿلهو، ماڻهوءَ جو نالو |
| متيرو | ڇيڙ، ماڻهوءَ جو نالو |
| مٿاهين | هيٺاهينءَ جو ضد |
| مٿير | بهادر، مانجهي |
| مَٿَرَ | دال جو اَن |
| مٿيو | ڪاوڙيو، بدليو |
| مُٿيو | اُها ڪاٺي، جيڪا هاريءَ جي هٿ وجهڻ لاءِ هَر ۾ وجهبي آهي |
| مُجيري | اهو ماڻهو، جيڪو هاري رکي |
| مُڄَ | سَر جي ڊِڍن وارو ڀاڱو، جنهن مان واڻ ٺاهبو آهي |
| مَڇُ | ڀيڙ، وڏي باهه |

| | |
|---|---|
| مَرُ | پاسيرن ڪانن جو وڏو ڏيگ |
| مَڏُ ڪرڻ | ستو ڪرڻ |
| مِرين جي ڪري مان ڏيڻ | نہ ڏيڻ |
| مُڙهي | هتي، مُٽ |
| مسور | دال جو اَنُ |
| مُصلو | ڇَپَرَ جي سنڌ واري مٽين هارِي |
| مڪڙو | اها ڪاٺي، جيڪا ڪاڄڻ ۾ مهري ڪي جهلي |
| مڪڙي | چڪر ۾ پيل/ وريل ڪاٺي |
| مڪُ | اهو تيل، جيڪو چڪر جي ارن ڪي هٽجي |
| مڪ نہ ماري، مڪ جو مروڙ ماري | ٻچڙي ڪم جو ٻچڙو نتيجو |
| مُگ | دال وارو اَن |
| ملهار | مينهن جي موسم، ماڻهوءَ جو نالو |
| ملهو | اها ٻسانگي ڪاٺي، جا ميڙهہ ۾ وجهي رسن سان ڏڳا ڳاهہ ۾ ٻڌجن |
| منجهند | ٻہ پهري |
| مندائتي | وقتائتي |
| مُند تي | نار جي اڳيان واري ٻني |
| مُنڍڻ | ڪتڻ |
| منڍو | مهاڳ |
| منڍيون | اڳئين سال جي ڪُتين مان ڦٽل وونئڻ |
| منگها | لوڙهي لاءِ ڪوڙيل ٻسانگيون ڪانيون |

| | |
|---|---|
| منگھا مرڪڻ | تمام سرهو ٿيڻ |
| مَنَهُن/ مَنَهُ | چنو، ڇپر |
| مَنَهِين | پيهي |
| مُنو | اها ٽوٽي، جنهن ۾ ڪانچڻ جو سل وارو پاسو پوي |
| مُنِي | وڏو ڪِلو آسماني نکٽ |
| موچارو | چڱو |
| موچارڙو | چڱيرو |
| مورِ | ننڍڙو جهنگ |
| مورُ | چڱو، ٺاهوڪو، پکيءَ جو نالو |
| مورا | ننڍا ٻوٽا، لوڪ گيت |
| موراهي | پوک جي اُڏوهي |
| مورک | بي عقل، نادان |
| مورک سڀ چمار، سالڪ هڪ گهڙي | سياڻو سوچي هڪ گهڙي، بي عقل جي سڄي چمار |
| مُوري | پاڄيءَ جو قسم |
| موڪَ | پوک جو قسم، جنهن ۾ پاٺهي پاٽي وهي |
| موڪي چڏڻ | نيائي چڏڻ |
| موڳاٽ | مونجهه |
| موڳاٽجڻ | مايوس ٿي وڃڻ |
| موڳو | منجهيل |
| مُوهر | مُنڍ، ٿر جي شروعات وارو علائقو (واحد ڏيج وسيع، موهر مارونڙن ڪي. شاهه) |

| | |
|---|---|
| مُهاڙو | لوب وقت جاٿ جيترو حصو |
| مَهٽَ | گهِڪو |
| مُهرو | اها ڪاني، جيڪا وڏي چڪر مان لنگهي ڪانجڻ تائين وڃي |
| مَهري | دال جو قسم |
| مُهڙ | مُنڍ واري ٻني |
| مُهلو | مرض جو قسم |
| مُهلو لڳڻ | پوک کي بيماري لڳڻ |
| مَهند | اڳي |
| ميڙڻ | گڏ ڪرڻ، ٻُهارڻ |
| ميڙِھ | ڳاھ ڪاھڻ لاءِ وچ ۾ ڪتل مُني |
| ميڙھي | ميڙھ جي پرسان وهندڙ ڍڳو |
| ميگھ | جُهڙ، مينهن |
| ميھا | ڀاڄيءَ جو قسم |

# ن

| | |
|---|---|
| ناپٽ/ نِپٽ | نئون نڪور |
| نارُ | چرخي پوک کي پاڻي ڏيڻ لاءِ ناهيل نار |
| ناراض | ڪاوڙيل، پنيرو |
| نار جهلڻ | نار وهي بس ڪرڻ |
| نار چاڙهڻ | نار نهرائڻ |
| نار وهڻ | نار وهڻ لاءِ شروع ڪرڻ |
| ناڙَ | گهاٽي ۽ پلي پوک |
| ناڙو | اهو رسو، جيڪو هر ۽ پاڃاري کي پاڻ ۾ مِلائي، گجر جو گاهه، ڪڻڪ جي پوک جو گند |
| ناڙوڏي | پيچ بڏل بني |
| ناڙو رکڻ | اوهر رکڻ، بار رکڻ |
| ناڙي | اُهو اوزار، جيڪو هَر سان بڌي،ان جي ذريعي ٻج زمين ۾ ڇڏڻ |
| ناڙي ڪرڻ | ناڙيءَ جي رستي پوکي ڪرڻ |
| ناس ٿيڻ | ختم ٿيڻ |
| ناس جيترو هئڻ | ذري جيترو هئڻ، تمام ٿورو هئڻ |
| ناسُون هٽڻ | اجايو رلڻ |
| نالي | ڪسي |

| | |
|---|---|
| نانءُ وڏو ديھہ ويران | ٺلھو ڏيکاءُ |
| نانيءَ ويڙھو ناھڻ | پنھنجي منھن فيصلو ڪرڻ، پنھنجا ورسائڻ |
| نائڪو | ننيڙي اَڏ |
| نباھڻ | ڏکيو سکيو گذارڻ |
| نبرڻ | ڏسي وٺڻ، فيصلو ٿيڻ |
| نپ | ڪانچو |
| نَت | اُھا نوڙي، جيڪا ڍڳي جي نڪ ۾ وجھبي آھي، ڳُھہ |
| نجي | اڪيلي، پنھنجي، ذاتي |
| نجي ٻني | پنھنجي ٻني، ذاتي ٻني |
| نجھرڻ | ڳرڻ، جڏو ٿي وڃڻ |
| نـُرُ | ماديءَ جو ضد |
| نِراس | ناامید |
| نروار | پڌرو، ظاھر |
| نَري | ڪسيءَ جي اڳ کي چئبو آھي |
| نِسرڻ | سنگن جو نڪرڻ، ماڻھوءَ جو وڌڻ |
| نعل، لعل | گاڏر ڍڳن جي پيرن ۾ لوھ جا ڪُر، جُتيءَ جي ڪڙين ۾ ھڻڻ لاءِ لوھہ |
| نفعو | فائدو |
| نقصان | چيھو، ٽوٽو |
| نِڪُ | ڪنڊ واري ٽڪُ |
| نِڪار | ڪنھن نہ ڪم جو |
| نڪرُو | اھو ٻنو، جو ٻارن کي لاٿيي سان ملائي، منڍ وارو ٻنو |

| | |
|---|---|
| نِکمو | بيڪار |
| نَڪئون تار ٿيڻ | حد کان ٽپي وڃڻ |
| نکي پرٽيا، نکي ڇاڇي ٿيا | ناتجربيڪار |
| نکي جهار، نکي جهرڪي | بي اونائي |
| نِکٽَ | آسمان جا تارا (اڳي موسم جو حال معلوم ڪرڻ جو ذريعو اهو هوندو هو) |
| نِکيڙڻ | پڌرو ڪرڻ، جدا ڪرڻ |
| نَمبر | ديهه ۾ ٻنيءَ جو وڏو ٽڪرو |
| نَمبڙي | ديهه جي ٻنيءَ جو ننڍو ٽڪرو |
| نمونو | قِسم، وڙ |
| ننڍو اوپارو | ٻائڙ ۾ ڪم آيل اوپاري جو هڪڙو قسم |
| نور وسائڻ | اَن ڪٽي وڃڻ کان پوءِ ٻار تي هڪ رات رهڻ |
| نوڙ | وڏو ٿلهو رسو |
| نوڙِي | سنهو رسو |
| نُوس نُوس ڪرڻ | ڍو مايون هٽڻ |
| نوڪ | سنهڙي ڇُهنب |
| نُولِي | واهه يا شاخ مان پاڻي لاءِ سنهي گندي |
| نُونَر | انبار |
| نہ ڪي نَو ڪوت | يڪو انڪار، ڏڏڙ ۾ پير |
| نَهِري | سنڌي/ هندن جي سال جو نائون مهينو |
| نَهورَ | نئين ٻني، غيرآباد ٻني |

| | |
|---|---|
| نَهور | نار جي اُها ڪاٺي، جيڪا ٻنڌي تي رکبي آهي (لٺ رکڻ لاءِ) |
| نِهوڙجڻ | ناس تي وجڻ |
| نهوڙي نيڻ | ناس ڪري ڇڏڻ |
| نهن سان ڇڇي، تہ ڪاٺي وجهڻ جو ڪم ڪونهي | آسانيءَ سان ڪم ٿئي |
| نِيات | برادري |
| نِيري | ٻج مان چاول ورنئڻ. اهو ڪانو، جيڪو ٻج مان ڦُٽي |
| نيسارو | سنگن جو نڪرڻ، مينهن جي پاڻي نڪرڻ لاءِ چاڙ جي ڇت ۾ هنيل |
| نيسر | ڪاٺ يا لوهہ مان ٺهيل وڏو نيسارو، جو گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ فوٽ هجي |
| نيسر جي مُنهن ۾ هجڻ | اُها مُنڊ واري ٻني، جنهن ۾ پاڻي هلڻ سان پوي |
| نيڪام | پاڻي ڏيڻ جو سهنجو رستو |
| نيڳال | اَڏ ۾ بيٺل پڇاڙيءَ وارو پاڻي (اصل ۾ نيڪال) |
| نيڳال مچڻ | اَڏ جو پرجي وهڻ |
| نيڳال مرڻ | اَڏ جو ٻئي پاسي پجي پوڻ، اَڏ جو ڪر هٽڻ |

# و

| | |
|---|---|
| وات پکا | مکڙ |
| واتورو | پيهي جي ٻيلنگهہ کي ٻڌل ڪاٺي |
| واجهہ وجهڻ | تانگهڻ، سڏون ڪرڻ |
| واڏڪ | در جي تاڪن کي ڳنڍڻ لاءِ لڳل ڪاٺي |
| واڍڻ | ڪٽ جي پيرانديءَ وارو واڻيل حصو |
| وارا نيارا ٿيڻ | ياڳ لڳڻ |
| وارڙيون نارُ | ٻن هارين جو گڏ نار |
| واڙي | ولين جي پوک |
| واسوڙو | ڪتي ڪتي |
| واڪو ڪرڻ | ٻوڪٽ ڪرڻ، وڏو سڏ ڪرڻ |
| واڳجڻ | گڏجي ڪم ڪرڻ |
| واٽي | ٻج ڇٽڻ لاءِ ڏنل ڇڊيون اوڙون |
| واٽي هڻڻ | ٻج ڇٽڻ لاءِ اوڙون ڏيڻ |
| واهُ | پاڻيءَ جو وڏو نالو |
| واهي | وهنڊڙي |
| واهِي | ڪسي، راڪو |
| وائر | اَن جو اڇو ڪرڻ |
| واءُ | هوا، بيماريءَ جو قسم |
| وائرڻ | اَن صاف ڪرڻ |
| وائکو ٿيڻ | ڇڊڙو ٿيڻ |

| | |
|---|---|
| وائڪي | ڇڏي |
| وائل | ڪٽڪ جي مرض جو قسم |
| وائلجڻ | ڪٽڪ جي پوڪ ۾ سنگن جو سڪي وڃڻ |
| وٽورڪو | پرڀرو |
| وٽيرڪو | پرڀرو |
| وٽي | ڇيڏڙ |
| وٽي اچڻ | وقت ملي وڃڻ |
| وٽِ | ڪنارِي |
| وَٽ ڏيڻ | ورائي ونڻ، وڪڙ هڻڻ |
| وٽَ ۾ هجڻ | ريج جو هرن ڪاهڻ جهڙو ٿيڻ |
| وٽائتو | هرن ڪاهڻ جهڙو ريج |
| وَٽَ | نئين شيءِ |
| وٿهوڙ، وٿوهڙ | پٿرن پڇڻ جو اوزار |
| وٿو تہ ٿر، نہ تہ آهي بر | ٿر جي سُونهن وسڻ سان آهي |
| وڏڻ | گهٽو ٿيڻ، پاٽيرو ٿيڻ |
| وڏو اپاريو | ڏگهو اوڀارو |
| وڏي جهار | ڪانءُ، ڪبر وغيره جي جهار |
| وڏي ماڻس وڏي باگهي | ماءُ ڪان ڏيءِ وڏي |
| وڍڻ | ٽڪرا ڪرڻ |
| وراٽو | هرن ڪاهڻ مهل ورڻ جي جاءِ |
| وسوڙل | ڀورڙو، سادو |
| وڪڙ ڏيڻ | وٽ ڏيڻ، ڦاسائڻ |
| وِڪَ وجهڻ | پير ڀرڻ |
| وَلَ | دڙ |
| وَلِ | ڪٽڪ جي اَن سميت ڪانهين |

| | |
|---|---|
| ولادت | سنيال، جم |
| وَنجهي | ڪسي، نَنڍڙي اَڏ |
| وَنڊي | پتي، ڀاڱو |
| ونگ | اها وريل ڪاٺي، جيڪا ٻائڙ ۾ وجهبي آهي |
| ونگارَ | مفت ۾ همراهي، آبت |
| ونگارِيو | همراهيءَ لاءِ آيل ماڻهو |
| ووڙڻ | پڇا ڪرڻ |
| ووڻ | ڪپهہ جو فصل |
| ووٽائيون | وونئڻ جون سڪل ڪاٺيون |
| وهندڙي | پاڻيءَ جي ننڍڙي ڪسي |
| وهندي ڪرڻ | ڪم هلائڻ |
| وهو | وهڻ سڪيل |
| وئراج/ وهراج | رونبو |
| ويجهڻ | برڪت پوڻ |
| وِيرَ وهي وڃڻ | بخت ڪلڻ |
| ويڙهو | وڪڙ، وٽ |
| ويساکُ | سنڌي/ هندن جي سال جو ٻيو مهينو |
| ويسائون | اُها ڪاٺي، جيڪا نار کي جهلڻ لاءِ ڏجي |
| ويسائون اچڻ | بند ٿي وڃڻ |
| ويسلو | بي ڏيانو |
| ويسهو | گهنتو |
| ويهڪوڙ | اُهو ڏِڱو، جيڪو وهندي ويهي رهي |
| ويهون نمبر | جنهن نمبر ۾ ويهہ جريب هجن |
| وَنگَ | ڏِنگَ (ڳِٺون ڏهڻ مهل اُن کي ٽنگن ۾ رسو ٻڌبو آهي) |

# ھ

| | |
|---|---|
| هاري | ڪڙمي |
| هارهياڙي جي هير، ٿنگ پڳي به نه رهي | عادتيءَ جي عادت نه مٽجڻ |
| هاڙهي پيچي ٿيڻ | مَنومٽ ٿيڻ |
| هاڪارو | نالي وارو |
| هانپارو | سَهڪ |
| هانپارو لڳڻ | سهڪڻ |
| هُبڪارَ | سُرهاڻ |
| هٿن ميرو | چوريءَ جو عادتي |
| هٿي | مڙهي، مُٺ |
| هٿي اچڻ | ٺيڪ اچڻ |
| هٿي ڏيڻ | مڙهي ڏيڻ |
| هَٿيو | هَر جو مُنيو، اُهو واءُ، جيڪو بدي مهيني ۾ 17، 21 يا 27 تاريخن تي لڳندو آهي |
| هُڏڪار | ڏڙهي، سوئر جو آواز |
| هَرُ | هاريءَ جو مکيه اوزار |
| هَرَ اچڻ | ريج جو وٺ ۾ اچڻ |
| هَرتر ڏيڻ | سختيءَ سان پُڇا ڪرڻ |

| | |
|---|---|
| هَر ڪاهڻ | ڪيڙڻ |
| هَرَ وهائڻ | جنيون ڪرڻ |
| هُرلو | ننڍڙو هلڪو نار |
| هَرڻ | سهڻو جانور |
| هِرڻ | هري پوڻ |
| هَرِهَ | هر جي ڊگهي ڪاٺي |
| هشڪر | اُٺ کي ويهارڻ لاءِ آواز |
| هڪ روٽي | هڪ پاٽي تي ڪاهيل پوک |
| هڪڙي بندي من پر، بي جا ڪري الله | قدرت جي وس جي ڳالهه |
| هڪل هوڙ ڪرڻ | سنڀال ڪرڻ |
| هَلَٽَ | وهٽ وانا |
| هلٽ ڳڏ ڪرڻ | پوک لاءِ سانباهو ڪرڻ |
| هَلَرَ | ڳاهه |
| هل ڳهي | هاري جا ڳاهه وقت ڍڳن کي دلداريءَ جا لفظ |
| هلي ملهي | هاريءَ جي ڳاهه ڳاهڻ وقت هڪل |
| همان همان ڪرڻ | وڏيون اميدون رکڻ |
| هُنيو | انگهو |
| هُنيو لڳڻ | ڪُت لڳڻ |
| هوچريو | هل |
| هور وهيو | وهين کي هڪلڻ وقت آواز |
| هُونگر | اُٺ جي هلائڻ لاءِ آواز |

| | |
|---|---|
| هوهو | جهار هڪلڻ وقت هاري جو آواز |
| هيرَ | عادت |
| هِيرَ | ٿڌو واءُ |
| هيرڻ | وڻ جو قسم، جنهن جي ٻج مان ارنڊي جو تيل نڪرندو آهي |
| هيڪاري | هاسيڪار |
| هيڪوٽو | هڪ تهه هيڪوٽو |
| هيٺي پولڻ | گهٻرائڻ |

# ي

| | |
|---|---|
| يانصيب! | قسمت آزمائيءَ وقت چيو ويندو آهي ڪٿن منهنجا ڀاڳ! جيئن نصيب ۾ هوندو |
| يارهين | غوث اعظم سيد عبدالقادر جيلانيءَ جو عُرس |
| يڪتارو | هڪ تند يا تار وارو هڪ قسم جو ساز، جنهن تي ڪافيون ۽ ڪلام ڳائبا آهن |
| يڪراءِ | هڪ صلاح، هم آواز |
| يڪطرفو | هڪ طرفو (پاڙو، فيصلو) |
| يڪ فصلي | اها زمين يا پوک، جيڪا سال ۾ هڪ ڀيرو ٿئي |
| يڪ مشت | جملي، سمورو، هڪڙي ئي ڀيري |
| يڪو | تنها، اڪيلو، تاس ۾ هڪ داڻي وارو پَتو |




Rs. 80/-

ISBN 978-969-9098-26-0